# هالا جا عالم اديب ۽ شاعر

از
محمد حبيب سنائي

جولاءِ 2008

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com

Contact: 0332-3895458

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1. سهيڙيندڙ پاران | |
| 2. گلستان سروري | ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي |
| 3. مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري | حبيب سنائي |
| 4. مخدوم جميل الزمان | حبيب سنائي |
| 5. خليفو گل محمد گل | حبيب سنائي |
| 6. آخوند قاسم هالائي | مخمور بخاري |
| 7. هالا جا فارسي گو شاعر | آءِ ايچ سدارنگاڻي |
| 8. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي | حبيب سنائي |
| 9. احسان فقير | حبيب سنائي |
| 10. فقير گدا علي غلام | حبيب سنائي |
| 11. مخدوم ابراهيم ڀٽي | حبيب سنائي |
| 12. محمد ابراهيم ڀٽي صوفي | حبيب سنائي |
| 13. مخدوم محمد صالح ڀٽي | حبيب سنائي |
| 14. خليفو محمد عمر اختر هالائي | حبيب سنائي |
| 15. سليم هالائي | انور هالائي |
| 16. محمد اسماعيل عرساڻي | شمس الدين عرساڻي |
| 17. اضعف هالائي | انور هالائي |
| 18. انجم هالائي | حبيب سنائي |
| 19. گل محمد شيخ | حبيب سنائي |
| 20. پروفيسر احمد علي انصاري | حبيب سنائي |
| 21. منصور ويراڳي | انور هالائي |
| 22. قاضي غلام محمد قريشي | حبيب سنائي |
| 23. انور هالائي | غلام هالائي |
| 24. غلام رسول هالائي | سهيل فيصل ابڙو |
| 25. اسحاق هالائي | حبيب سنائي |
| 26. عبداللطيف ساقي ابڙو | حبيب سنائي |
| 27. محمد يعقوب جليس ابڙو | حبيب سنائي |
| 28. عبدالرحيم ارشد هالائي | حبيب سنائي |
| 29. حاجي محمود هالائي | حبيب سنائي |
| 30. صوفي آسو مل | حبيب سنائي |
| 31. مخدو ميان رحمت الله ڀٽي | حبيب سنائي |
| 32. قاضي معصوم قريشي | حبيب سنائي |
| 33. عرفان مهدي | حبيب سنائي |

| | |
|---|---|
| 34. سائل لاکو | حبيب سنائي |
| 35. مظفر طبيب مفتي | حبيب سنائي |
| 36. مولوي محمود قريشي | حبيب سنائي |
| 37. ڊاڪٽر سليمان شيخ | شمشير الحيدري |
| 38. الطاف شيخ | حبيب سنائي |
| 39. ڊاڪٽر قاضي خادم | حبيب سنائي |
| 40. سوز هالائي | حبيب سنائي |
| 41. حميد شهيد هالائي | حبيب سنائي |
| 42. شوڪت علي ابڙو | حبيب سنائي |
| 43. محمد يعقوب انيس هالائي | حبيب سنائي |
| 44. ڊاڪٽر عبدالقيوم روح الله زخمي | حبيب سنائي |
| 45. رشيد هالائي | حبيب سنائي |
| 46. قاضي شوڪت علي قريشي | حبيب سنائي |
| 47. قاضي منظور حسين قريشي | حبيب سنائي |
| 48. ڪلال | حبيب سنائي |
| 49. جان خاصخيلي | حبيب سنائي |
| 50. امير ابڙو | حبيب سنائي |
| 51. منوج ڪمار | حبيب سنائي |
| 52. امتياز ابڙو | حبيب سنائي |
| 53. مخمور بخاري | حبيب سنائي |
| 54. خان محمد ابو رضا | حبيب سنائي |
| 55. خالد ظفر ابڙو | حبيب سنائي |
| 56. محمد مبين انصاري | حبيب سنائي |
| 57. اڪبر لغاري | حبيب سنائي |
| 58. سهيل ظفر ابڙو | حبيب سنائي |
| 59. اطهر بهزاد ميمڻ | حبيب سنائي |
| 60. الله بچايو ميمڻ | حبيب سنائي |
| 61. رحب علي جليس جعفري | حبيب سنائي |
| 62. سيد نور محمد شاهه | حبيب سنائي |
| 63. حاجي الله بچايو صدر | حبيب سنائي |
| 64. ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي | حبيب سنائي |
| 65. محمد رحيم مسرور | حبيب سنائي |
| 66. سيد مگيلندو شاهه | حبيب سنائي |
| 67. لعل محمد لعل | حبيب سنائي |

68. ميان عيسيٰ عاجز حبيب سنائي
69. مخمور ميرانپوري حبيب سنائي
70. منير هالائي حبيب سنائي
71. عاشق هالائي حبيب سنائي
72. ڪوثر هالائي حبيب سنائي
73. جاويد سوز هالائي حبيب سنائي
74. احمد ڪوري حبيب سنائي
75. مولوي حاجي احمد سنائي حبيب سنائي
76. عطا محمد صدر حبيب سنائي
77. علي عزم شيدي حبيب سنائي
78. ٻانهون خان شيخ حبيب سنائي
79. ناز لطيفي حبيب سنائي
80. دانش جتوئي حبيب سنائي
81. سومار شيدي حبيب سنائي
82. غلام شبير ڪنيار حبيب سنائي
83. ڊاڪٽر حيدر خان نظاماڻي حبيب سنائي
84. سيد وڏل شاه حبيب سنائي
85. ڊاڪٽر اي ڪيو علوي حبيب سنائي
86. پروفيسر غلام حسين خاصخيلي حبيب سنائي
87. ڊاڪٽر ممتاز شاه بخاري حبيب سنائي
88. پروفيسر محمد امين پٺي حبيب سنائي
89. ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي حبيب سنائي
90. ڊاڪٽر الطاف گاجڻي ميمڻ حبيب سنائي
91. ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ حبيب سنائي
92. ڊاڪٽر محمود ميمڻ حبيب سنائي
93. پروفيسر اختر خالد پٺي حبيب سنائي
94. ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ حبيب سنائي
95. پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرزاق ابڙو حبيب سنائي
96. ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر حبيب سنائي
97. ڊاڪٽر محمد رفيق ابڙو حبيب سنائي
98. ڊاڪٽر عبد الحميد ميمڻ حبيب سنائي
99. ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ حبيب سنائي
100. ڊاڪٽر زبير ميمڻ حبيب سنائي

مددي مضمون ۽ ڪتاب

# پنهنجي پاران

هالن جي تر ڪافي سارا شاعر اديب ۽ عالم پنهنجي هنج ۾ پئي پاليا آهن، جن پنهنجي پنهنجي نموني سنڌ جي تهذيبي ۽ روحاني آسودگي ۽ ترقي ۾ حصو ورتو آهي. منهنجي ڪافي سالن کان اها اڇا هئي تہ انهن املهہ شخصيتن جو احوال هڪ ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪريان. ان خواهش جي پورائي لاءِ هيءُ ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ هالا جي مکيہ شاعرن، اديبن ۽ عالمن جو مختصر احوال شامل ڪيو ويو آهي.

هتي مناسب رهندو تہ لفظ عالم جي وضاحت ڪجي. عام طور اسان وٽ عالم مان مراد مان اهو شخص هوندو آهي، جنهن وٽ مذهبي ادارن مان حاصل ڪيل ڊگري هجي. پر مون وٽ ان جي مراد اهو اسڪالر آهي، جنهن نيچرل توڙي سوشل سائنسز ۾ پنهنجون ڪاوشون ڪيون آهن.

مون ڪوشش ڪئي آهي تہ عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو پروفائيل بہ ئي ڪنهن اعليٰ عالم يا ليکڪ جو لکيل هجي، پر اگر اهو نہ مليو آهي تہ مون پنهنجي ڪچي ڦڪي انداز ۾ اهو لکي شامل ڪيو آهي. ڪن صاحبن جي مڪمل معلومات نہ ملي سگهي، پر انهن جو اڌپورو احوال بہ شامل ڪيو ويو آهي. جيئن وڌيڪ معلومات ملي، انهن خاڪن کي سڌاريو يا اپڊيٽ ڪيو ويندو.

ڪتاب کي جامع بنائڻ جي ڪوشش تہ ڪئي اٿم، پر ضرور ان ۾ خاميون هونديون، تنهن ڪري مهربان پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ اهي انهن جي نشاندهي ڪن تہ جيئن اڳتي جي ايڊيشن ۾ انهن کي سڌاري پيش ڪجي. ان کان علاوه جيڪر اهم شاعر، اديب ۽ عالم رهجي ويو هجي تہ ان جو اطلاع ڪن تہ اڳتي ان جو احوال شامل ڪري سگهجي.

**محمد حبيب سنائي**

# گلستانِ سروري

(سروريہ خاندان جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو سرسري جائزو)

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي

ادبي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سنڌ ۾ اهڙين ادب نواز ۽ علم نواز شخصيتن جي ڪمي ڪانهي جن سنڌي علم و ادب جي شمع کي روشن رکڻ ۾ گرانقدر خدمتون انجام ڏنيون آهن. اسان ڏسون ٿا تہ اهي خدمتون، جن لاءِ سنڌي ادب سندن مرهون منت آهي. سي فقط سندن ذات ۽ زندگيءَ تائين محدود رهيون، ۽ انهن خدمتن، ڪاوشن ۽ سندن مڪتبہءِ فڪر کي ڪائنن پوءِ ڪنهن جاءِ نہ رکيو. مگر سروري خاندان کي هي فخر حاصل آهي تہ ان جي بانيءَ حضرت مخدوم نوح سرور رحہ جيڪو علم ۽ فيض جو سرچشمو جاري ڪيو، ان کي روان ۽ جوان رکڻ ۾ سندن پوين بہ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي: پر پاڻ ان کي وڌيڪ فروغ بخشيو آهي. اهو عالم آشڪار آهي تہ هي علم ۽ ادب جو سرچشمو اڄ بہ ڪيترن علم جي اڃالن کي سرشار ڪري رهيو آهي.

ٻي ڳالهہ جنهن ڪري سروريہ خاندان گهڻو ممتاز آهي سا هيءَ تہ علم و ادب جي خذمتن سان گڏ هن خاندان روحانيت ۽ دين اسلام کي بہ فروغ ۽ توسيع بخشي آهي، ان ڪري هن متبرڪ خاندان کي ادبي دنيا ۾ گهڻي عظمت ۽ فوقيت حاصل آهي.

مخدوم نوح سرور رح جن جي دور (١٥٠٦- ١٥٩٠) ع ۾ سنڌ ۾ ٻن گهراڻن جي حڪومت رهي، جي هئا ارغون ۽ ترخان. هي اهو وقت هو جڏهن اسان وٽ سنڌي ادب ۾ بہ مکيہ شاعر ملن ٿا، جن جو شعر مستند ۽ باقاعدي طور اسان تائين پهتو آهي. اهي آهن قاضي قاضن ۽ شاهہ ڪريم رح. هيستائين تاريخ دان ۽ نقاد انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ مخدوم نوح رح جي دور تائين قاضي قاضن ۽ شاهہ ڪريم جو ڪلام ئي آهي جيڪو معيار، ساخت ۽ مضمون جي خيال کان پختو ڪلام آهي. افسوس جو محققن ان دور جي هڪ عظيم شخصيت حضرت مخدوم نوح رح کي نظر انداز ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪلام ۽ ادبي خدمتن تي اسان بجا طور فخر ڪري سگهون ٿا. ادبي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ سان معلوم ٿيندو تہ مخدوم نوح رح جو ڪلام مٿين شاعرن کان معيار خواه سٽاءَ جي لحاظ کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ڪونهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اها دعويٰ بہ سرد رهجي وڃي ٿي، جنهن صاحب چيو

آهي تہ فقط شاهہ لطيف ئي آهي جنهن ٻن کان وڌيڪ سٽن واري ڪلام جو رواج وڌو.

**مـــخدوم نوح رحہ جي ڪلام جو انتخاب:**

**پئي جا پرپات، سا ماڪ م پائيو ماڻهوئا،**
**روئـــــــــي چئي رات، ڏسي ڏکوين کي.“**
**”اپــــــتيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن،**
**آهـــــــــــي اکڙين ، عجب پر پسڻ جي.“**
**” متان ڏسي موهجين دنيا وارو ڏچ،**
**جدا ڪجان جودئون، چائيءَ کي ٿي چچ،**
**نرمل نوح فقير چئي، ڪر رب سان ريجهي رچ،**
**اڄ نہ ٿئي صبحاڻ صبحاڻ نہ ٿئي اڄ،**
**منيون پيڙي پچ، وقت وجئي ٿو ويسلا.“**

**مخدوم نوح رحہ جن جي ادبي ۽ ديني خدمتن ۾ اسان کي قرآن شريف جو هڪ مڪمل ۽ ناياب تفسير ملي ٿو، جو ديني عالمن جي خيال موجب هڪ بي مثال تصنيف آهي، هن قديم ۽ ضخيم پارسي ترجمي جي اٽڪل چار سئو سال پراڻي قلمي نسخي جي هڪ ڪاپي جناب مخدوم زمان صاحب” طالب المولیٰ“ جن جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.**

## لاکو لطف الله (ولادت ۱۵۹۲ع)

**مخدوم لاکو لطف الله حضرت مخدوم نوح جو پوٽو ۽ مخدوم امين محمد صاحب جو پنجون نمبر فرزند آهي. سندس ولادت هالا ۾ ٿي ۽ سندس مزار جهرڪن کان ۳ ميل ڏکڻ طرف، ڪافر ڪوٽ جي قريب واقع آهي. هن بزرگ جو گهڻو ڪلام شاهہ جي ڪلام ۾ گڏجي ويو آهي. تنهن هوندي بہ ڪجهہ بيت ملي سگهيا آهن، جي فني خواهہ معنوي خيال کان ادبي املهہ ماڻڪ آهن:**

**”ڪڙڪن ڪجاياس، ٻيلي پاس ٻرن جي،**
**چڻڪن جي چيچ ڪيا، تن واري وهہ وڌياس،**
**لاکو لطف الله چوي، اچي آب گهڙياس،**
**مرتيون ڪنهن سياڳ کي، سڪڻ آئون سکياس،**
**وسان ئي وياس، مليس جي ميهار کي.“**

**”انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦوليون ڦڳڻ هيل،**
**ري لالڻ لاکو چوي، سي آئون پايان سيل،**
**جي سڄڻ هوئي مون ٻيل، تہ ڦل پئو ڦولي هنيون.“**

انگوريون ۾ ڪيتڪيون ڦوليون ، ڦڳڻ ماڻهن،
ري لالڻ لاڪو چوي، سي آئون پايان سيل،
جي سجڻ هوئي مون ڀيل، تہ ڦل پئو ڦولي هنيون.“

## مخدوم امين محمد پڪن ڏڻي (۱۸۲۸ع – 1۸۸6ع)

مخدوم امين محمد پڪن ڏڻي ولد مرحوم مخدوم محمد زمان (چوٿون) سروري گلستان جو اهو بي بها گل آهي، جنهن جي خوشبوءِ سان سارو ديس مهڪي اٿيو. الاهي اسرارن جي عارف ديني علوم محبت جي متوالي حضرت مخدوم امين محمد جي ولادت (۷ شعبان ۱۲۵۶ھ) هالا ۾ ٿي.

سندن شروعاتي زندگي ڏاڍي دبدبي، ڏيک ويک ۽ جاھ و جلال واري هئي، مگر ان دنيوي احتشام ۾ اوچتو اهڙو ڪو ڦيرو آيو جو پاڻ تارڪ دنيا فقير بنجي ويا ۽ راهوند ۾ پڪا اڏي عبادت ۽ تنهائي ۾ گذارڻ لڳا، جنهن ڪري کين ”پڪن ڏڻي“ بہ چوندا آهن. هي بزرگ ۲۸ رمضان ۱۳۰۳ھ (۱۸۸۶ع ۾ ۴۷ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

ميرن جي زوال ۽ انگريزن جي اوسر جي دور ۾ حضرت امين محمد جو ڪلام معيار خواھ انداز جي خيال کان صف اول ۾ اچي ٿو. سندن ڪلام ۾ بيت، ڪافيون، مولود، حمد، مرثيہ، تہ حرفيون، ۽ موزون غزل بہ اچي وڃن ٿا.

ڪلام (سر رامڪلي)

معرفت جي معرڪي آديسي آيا،
دونهان دواپور جا جو ڳين جا ڳايا،
سر سنياسين پانهنجا ناٿ اڳيان نايا،
ڪال نہ ڪنبايا، ڪلا ڪنبايو ڪاپڙين.

” جڙي آئي جان ۾، ڪاهوڙين خبر،
وحدانيت وجود ٿيو، قلب ڏني هئي ڪر،
يا جامع المتفرقين انهن جا ٿر،
منجهان پرت پڌر، ڏنئون عين الڪ جا.“

ويرا ڳين وجود جو درست ڪيو ديدار،
پوئي پاتائون پاڪي حقيقت جو هار،
ماڳ ڏنو ملڪوت جو ناسوتين تروار،
معرفت مدار، آديسين اندر ۾.“

## مخدوم غلام نبي عرف ميان پنيلڏو (١٨٥٥ع - ١٨٩٠ع)

مخدوم غلام نبي ولد مخدوم محمد زمان صاحب سروري گاديءَ جو ٻارهون سجاده نشين هو. سندن ولادت هالا ۾ ٿي. سندن گهڻو ئي ڪلام چيل آهي پر اڄ ڪان گهڻو گم ٿي ويل آهي.

ڪافي : ڪئي اڄ عجيبن ڪا ترتئون تياري،
وري وصل جي اڄ پرين واڳ واري.

1. جڏهن جان نثاري قدم تي ڪيسون،
تڏهن عشق جي اوٿ پرتئون پئيسون.
ثبوتي سري جي معمي ڪان نياري.

2. اپٺ ڪي اندر جي دريءَ جا دريچا،
سيئي سوجهہ سارا تون ڳولي ڳريچا،
اڇل هن اڪين تي ڪا "ونحن" جي واري.

3. "جمع بينها" ۾ گهڙي ايڪ گهاري،
پرت جي پڪيءَ کي اصل ڏي اڏاري،
ڏسو ڏيهہ پنهنجي ڪان گهرجي نہ گهاري.

4. "پنيل" پار پنهنجو صفا جي سڃاڻي،
تہ ازخود اکين ڪان اهو آب آڻي.
جتان جان کي ٿي تجليءَ جي تاري.

## مخدوم غلام حسين صاحب (١٨٨٤- ١٩٣٤)

مخدوم غلام حسين ولد ميان مخدوم غلام نبي (تخلص "شيدا") جن جي ولادت هالا ۾ ١٨٨٤ع ۾ وفات ٥٠ سالن جي عمر ۾ ١٩٣٤ع ۾ ٿي. سندن ڪيتروئي ڪلام چيل هو، پر اڪثر ضايع ٿي ويو آهي.

ڪافي : "سگهو ٿيج ساٿي ٽڪيءَ ساڻ ٽر ۾،
لڪيو انگ ائين هو اصل ڪان امر ۾. "

1. پلنگ تي پنهل سان سنجهو ڏئي ستيس،
ڪنواتن جا ڪٽڪا ٻڌي ڪين اٿيس،
ٿيم، سار سرتيون نہ آيو نظر ۾.

2. هلي هوت لئہ جان جيءَ کي جلايان،
جبل جوءِ جهاڳي پنهل پير پايان،
ملي مان مون کي سڄڻ سوسفر ۾.

3. وڃان ڪيچ ڪاهي ڪري درد دانهون
وٺي ور ولهيءَ جو پنهون ويا پراهون
وڃي ورڪي ووڙي "شيدا" شهر ۾

## مخدوم غلام سرور "سرور" (١٨٨٣- ١٩٢٥ع)

مخدوم غلام سرور ولد مخدوم غلام نبي صاحب جي ولادت ١٨٨٣ع هالا ۾ ٿي ۽ ٥٢ ورهين جي عمر ۾ سال ١٩٣٥ع وفات ڪيائون. هي بزرگ هڪ آزاد طبع انسان هو، ان ڪري پنهنجي ڪلام کي تحريري صورت ۾ محفوظ ڪرڻ به ضروري نه سمجهيائين. ان ڪري ڪيترو ادبي ذخيرو ضايع ٿي ويو. هيٺ ڏنل به چار سٽون دستياب ٿي سگهيون آهن:

"جڏيءَ ساڻ جاني نه ڪر تون جدائي،
غلام آهي در جو هي تنهنجي گدائي،
سارا ڪر تون سرور هي ڪنئور ڪوماڻا."

## مخدوم احمد علي (١٨٨٦- ١٩٤ع)

مخدوم احمد علي عرف مخدوم غلام رسول ولد مخدوم غلام نبي جن جي ولادت ١٨٨٦ع ۾ هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ چڱي مهارت رکندڙ هئا، سندن ڪلام گهڻو رس ڀريو ۽ مقبول عام آهي.

ڪافي : ڪا گهڙي مون وٽ گذار، چڏ وڃڻ جون يار وايون.

1. دمبدم دل جان ۾ پرنيم آ تنهنجي پچار
اصل ڪان آهيان اوهان جي هئي نه لڌيو مئيءَ جي سار،
هيئن نه گهرجن هي جدايون.

2. جي سٽين تون حال منهنجو تو سان ڪريان آشڪار،
ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون هينئري ۾ آهن لک هزار،
سي نه مون توکي سٽايون.

3. جن جي محبت من اندر سي مڙئي منجهه انتظار،
ان سان گڏ احمد علي آ در سنڌ امیدوار،
آءُ تو لاءِ اکڙيون اجايون.

## مخدوم غلام محمد "مغموم" (١٨٨٦ع-١٩٤١ع)

مخدوم غلام محمد ولد مخدوم ظهير الدين (عرف پرو چام سائين) جن جي ولادت هالا ۾ ١٨٨٦ع ۾ ٿي. هي هڪ صاحب دل ۽ تارڪ الدنيا بزرگ هو سندن تخلص هو "مغموم". سندن ڪلام عشق حقيقي ۽ تصوف جو آئينه دار آهي. ڪين سروري به چوندا هئا، پاڻ ٥٧ سالن جي عمر ۾ ١٩٤٤ع وفات ڪيائون.

ڪلام جو نمونو:

هن عشق جي اسلام ۾ آباد آئون آهيان،
دلشاد آئون دلشاد آئون دلشاد آئون آهيان.

1. هڪ عشق جي آتش اندر آخر اول آواز ٿي،
اتحاد آئون اتحاد آئون اتحاد آئون آهيان.
2. ثابت سخي ”سرور علي“ ساقي سرڪجي ساز جو،
امداد آئون امداد آئون امداد آئون آهيان.

## مخدوم محي الدين ”ميرل“ (۱۸۸۴ع- ۱۹۵۵ع)

مخدوم محمد امير عرف مخدوم غلام محي الدين جن جو تخلص ”ميرل“ هو. سندن والد صاحب جو نالو مخدوم غلام نبي هو. سندن ولادت ۱۴ شعبان ۱۳۰۴ھ (۱۸۸۴ع) ۾ هالا ۾ ٿي ۽ ۷ سالن جي عمر ۾ ۱۹۵۵ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪيائون. سندن مزار هالا ۾ آهي.

”سچ ٿيون چون سرتيون ڇڏي ويو ور وري سو ڪيئن وري،
من هوت هيٺيءَ جا ٻڏي واڪا وري واهر ڪري.“

1. ڏيرن منيءَ سان ڏاڍ ڪيون.
هن سر سندوم تاج نيون.
هئي هئي ولهيءَ ڪان ور ڦريئون، جنهن ريءَ نٿي ساعت سري.

2. جڏهن مون مٺان ور ويو هليو،
تڏهن هن سڙيءَ ڪي ڇو جهليو،
ان راهه سرتيون ڪو سليو، نہ تہ مفت ”ميرل“ ٿو مري.

## مخدوم غلام حيدر ( ۱۸۹۸ع - ۱۹۵۳ع)

مولوي مخدوم غلام حيدر عرف محمد سعيد جن جي ولادت بروز آچر ۱۲ ذوالحج ۱۳۱۶ھ (۱۸۹۸ع) ۾ هالا ۾ ٿي. سندن والد صاحب جو نالو حضرت مخدوم ظهير الدين آهي. مخدوم صاحب جن ننڍي هوندي ڪان ئي گهڻو ذهين ۽ ديني ڪمن سان دلچسپي رکندڙ هئا، جنهن ڪري سندن والد کين ديوبند جي تعليم لاءِ موڪليو، جتان پاڻ تحصيل ڪري موٽيا. مخدوم صاحب جن يقين محڪم ۽ عزم بالجزم جا مجسما هئا ۽ اسلامي احڪام تي دل و جان سان پابند هئا.

گهڻين مصروفيتن هوندي بہ هالا ميونسپالٽي جي صدارت ۽ سنڌ اسيمبلي جي رڪنيت جا امور خنده پيشانيءَ سان انجام ڏيندا رهيا. ملڪي امور ۾ بہ کين خاصو اقتدار هو.

**تصنيفون**

مخدوم صاحب جن جيڪي ڪتاب لکيا، سي سڀ ديني ۽ اسلامي عنوانن تي آهن، جن مان ”اسوه محمدي “ سال ۱۹۳۵ع ۾ ”اسلامي تصوف“ ۱۹۳۶ع ۾ ”سوانح حيات مخدوم نوح“ ۱۹۳۳ع ۾ ڇپجي چڪا آهن. ان ڪان سواءِ مولوي عبدالرزاق صاحب جو ”نبوي

اخلاق“ ۽ مخدوم محمد صالح پٽيءَ جو ”منهاج المومنين“ مخدوم صاحب جي خرچ ۽ دلچسپيءَ سان شايع ٿيا.

**مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول**

مولوي صاحب جن هالا ۾ هڪ عظيم الشان هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل تعمير ڪرايو، جو مخدوم غلام حيدر گونمينٽ هاءِ اسڪول هالا جي نالي مشهور آهي. هن اسڪول مان اڄ تائين ڪيئي هزار غريب شاگرد تعليم حاصل ڪري چڪا آهن.

**سروري اسلاميہ ڪاليج**

اسڪول مڪمل ڪرڻ بعد مولوي صاحب جن هالا ۾ هڪ ڪاليج قائم ڪيو، جو سروري اسلاميہ ڪاليج هالا جي نالي سالن کان غريب شاگردن جي تعليم لاءِ خدمت ڪري رهيو آهي ۽ اڄ تائين منجهائس هزارين شاگرد آرٽس، ڪامرس ۽ سائنس جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن.

هي بي نظير انسان مولوي مخدوم غلام حيدر ٢٦ رمضان مبارڪ ١٣٧٢ ھ بمطابق ٩ جون ١٩٥٦ع تي هن دنيا مان وفات ڪري ويو. في الحقيقت جيستائين سندس قائم ڪيل اسڪول ۽ ڪاليج موجود آهن، هن محسن جو نالو زنده جاويد رهندو.

هر گز نہ مير آنڪہ دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما. (حافظ)

## مخدوم محمد زمان ”طالب الموليٰ“ (ولادت ١٩١٩ع)*

مخدوم محمد زمان صاحب ” طالب الموليٰ“ جن جي هر دلعزيز ۽ ادب نواز شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. سندن والد صاحب جو نالو حضرت مخدوم غلام محمد آهي. سندن ولادت ٢٦ سيپٽمبر ١٩١٩ع ۾ ٿي. پاڻ سروري گاديءَ جا ١٧ نمبر سجاده نشين آهن.

مريدن ۽ معتقدن جي خبر گيري، رهبري ۽ سرپرستي، ادبي خدمتون، شاعري، راڳ ۽ موسيقي ۽ شڪار سندن ذوق ۽ شوق آهن. سندن سماجي خدمتون بہ قابل تعريف آهن. ١٩٥٥ع جي ٻوڏن وقت پاڻ ملڪ کي بچائڻ لاءِ جيڪا مالي ۽ جاني قرباني ڏنائون، ان جو عوام خواهہ حڪومت کي بہ خوبي اعتراف آهي. ان کان پوءِ بہ سيلاب زده ماڻهن کي پنهنجي زرخيز زمين جو وڏو حصو بنا معاوضي عطا ڪيائون، جو هٽڙي ۽ مٽياري درميان” طالب الموليٰ ڪالوني“ جي نالي سان مشهور آهي.

صدر مملڪت سندن سماجي علمي ۽ ادبي خدمتن جو اعتراف ڪندي کين ”تمغهٔ پاڪستان“ عطا فرمايو. ڪافي عرصي تائين قومي اسيمبلي جا رڪن رهندا آيا.

**علمي ۽ ادبي خدمتون**

مخدوم صاحب جي خدمتن کي هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. تعليم ادارا 2. تصنيفات 3. ادبي ادارن جي سرپرستي 4. لوڪ ادب ۽ سنگيت جي سرپرستي 5. صحافت جي سرپرستي 6. شعر و شاعري

**تعليمي ادارا:** مخدوم صاحب جو ملڪ جي تعليمي ترقيءَ ۾ وڏو دخل آهي ۽ ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج سندن سرپرستيءَ ۾ هلي رهيا آهن جن ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا، طالب المولىٰ اورينٽل ڪاليج هالا، سنڌ طبيہ ڪاليج حيدرآباد، طالب المولي هاءِ اسڪول دادو جهڙا وڏا ادارا شامل آهن. تنهن کان سواءِ ڪپري جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ مخدوم صاحب جي علم نوازيءَ جو يادگار آهي. هر سال ڪيترن شاگردن کي ماهوار اسڪالرشپون ۽ سونا تمغا پڻ مخدوم صاحب جي طرفان ڏنا ويندا آهن.

**تصنيفات**

مخدوم صاحب جن جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ٿيل ڪتابن ۾ هيٺيان ڪتاب اچي وڃن ٿا، جيڪي سنڌي علم و ادب ۾ ممتاز حيثيت رکن ٿا:

1. رباعيات طالب 2. خود شناسي 3. ڪوڙ 4. ڪچڪول طالب 5. امام غزالي جا خط 6. مضامين طالب 7. بهار طالب 8. شيطان 9. ڪافي 10. شان سروري 11. سنڌ جو شڪار 12. ياد رفتگان 13. مثنوي عقل و عشق 14. مصريءَ جون ٽڙون 15. اسلامي تصوف **

سندن تحرير ۾ سادگي ۽ پختگي آهي. انداز نگارش انوکو ۽ دلنشين اٿن.

**ادبي ادارن جي سرپرستي.**

مخدوم صاحب ڪيترن ئي ادبي ادارن جو باني، صدر ۽ سرپرست آهي، جن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انجمن علم و ادب هالا، بزم طالب المولىٰ، بزم سروري، بزم فردوس جهڙا ادبي ادارا شامل آهن. تنهن کان سواءِ پاڻ ريڊيو پاڪستان جي صلاحڪار مجلس جا اهم رڪن رهيا آهن ۽ پڻ لطيف يادگار ڪائونسل، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ائڪيڊمي (هاڻوڪي سنڌيالاجي) جا سرگرم ڪارڪن هئا.

**صحافت جي سرپرستي**

ادبي رسالن ۾ مخدوم صاحب جن ”فردوس“ هالا، ”شاعر“ رسالہ ”طالب المولىٰ“ رسالہ ۽ ”روح ادب“ جهڙن معياري رسالن جا سرپرست رهي چڪا آهن. تنهن ڪان سواءِ اخبار پاسبان، الڪوثر، الزمان اخبارون پڻ سندن ئي دلچسپي ۽ مالي امداد سان هلي رهيون هيون. اخبارن جي سهوليت لاءِ پاڻ هالا ۾ الزمان پريس بہ قائم ڪئي هوائون.

**سنگيت جي سرپرستي**

مخدوم صاحب موسيقي جو وڏو محسن آهي. پاڻ ڪيترن ئي سازن وڄائڻ ۾ مهارت رکن ٿا. ۽ پڻ ڪين قدر آواز ۾ پرڪشش ۽ خوش الحان ترنم عطا ڪيو آهي. موسيقيءَ جي فن ۾ سندن باقاعدي تربيت ورتل آهي. هن لطيف فن سان ذوق هئڻ سبب پاڻ هڪ نئين راڳڻي ”زماني توڙي“ تخليق ڏني اٿن. ازانسواءِ راڳيندڙن ۽ موسيقارن جي سرپرستي بہ ڪندا رهن ٿا. ڪيتريون موسيقي ڪانفرنسون ۽ مقابلا منعقد ڪرائي فنڪارن کي انعام ڏئي سندن همت افزائي ڪندا رهندا آهن. حسين بخش ” خادم“ ۽ مصري فقير سندن درباري فنڪار آهن.

**لوڪ ادب جي سرپستي**

مخدوم صاحب جن هر سال سگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائيندا آهن. ۱۹۵۲ع ۾ ادبي ڪانفرنس ڪوٺايائون، ان ۾ بہ هڪ خاص نشست لوڪ ادب لاءِ مخصوص هئي. هن ئي نشست ۾ هڪ ادب سهيڙڻ جي رٿ منظور ٿي جيڪا اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ طرفان عملي صورت وٺي چڪي آهي. ۱۹۲۱ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ مزاحيہ ڪانفرنس سڏايائون جيڪا ڏاڍي ڪامياب رهي. ۱۹۵۱ع ۾ بہ هالا ۾ لوڪ اد ڪانفرنس منعقد ٿي هئي.

**”طالب المولىٰ “ جي شاعري**

مخدوم صاحب کي شاعري ورثي ۾ ملي آهي. هن زنده دل شاعر جي ڪلام ۾ اهي سڀ فني ۽ معنوي خوبيون موجود آهن جيڪي هڪ قادر الڪلام شاعر جي ڪلام ۾ متوقع آهن. سندن ڪلام اردو، سنڌي، سرائڪي ۽ پارسي زبانن ۾ گهڻو ئي ڇپيل آهي. پنج مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. مگر اڃان اڌ ڪان گهڻو ڪلام اڻ ڇپيل آهي. سندن ڪالم جو مضمون ناصحانو، عاشقانو ۽ صوفيانو آهي. سندن ڪافيون سوز پريون ۽ مقبول عام آهن. سندن غزل پختا ۽ معياري آهن، جن ۾ رنگ تغزل نمايان آهي. سندن ڪلام تصنع ۽ گران باري ڪان محفوظ آهي. ۽ زبان گهڻي عام فهم، شائستہ ۽ دلنشين ڪم آندل آهي.

سندن شاعريءَ جي ابتدا ڏهن سالن جي عمر ۾ ۱۹۲۹ع ڌاري ٿي. سندن ڪلام هر صنف تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ڪافيون ، بيت، ٽه حرفيون، غزل، رباعيون، مثنويون، ڳجهارتون ۽ هنر شامل آهن. شاعري بابت سندن نظريا بلڪل واضح ۽ حقيقت پسندانه آهن. پاڻ عروضي (موزون) شاعريءَ کي ڌارين چيز سمجهن ٿا. سندن خيال ۾ سنڌي شاعري ۾ نج سنڌي ماحول، محاورا ۽ مزاج هئڻ گهرجي، سندن ڪلام ادب برائي زندگي جو ترجمان آهي.

ڪلام جو نمونو:

"اخلاص جي راهن ۾ خدا کي ڳوليو،
مفلس جي نگاهن ۾ خدا کي ڳوليو،
بي لطف نمازن ۾ حضوري ناهي.
مزدور جي آهن ۾ خدا کي ڳوليو."

(* مخدوم صاحب جن اا جنوري 1993ع تي وصال فرمايو.)

## مخدوم امين محمد "فهيم" (ولادت 1939ع)

جناب مخدوم امين محمد "فهيم" ولد جناب مخدوم محمد زمان "طالب الموليٰ" جن جي ولادت هالا نوان ۾ بروز جمع 6 اگسٽ ۱۹۳۹ع ۾ ٿي. سندن شاعريءَ جو آغاز ۱۹۵۳ع ڌاري "امين" تخلص سان ٿيو. شاعريءَ ۾ سندن استاد، سندن والد صاحب آهي. مريد ۽ معتقد کين ادب وچان "ڏاڏا سائين" ڪري چوندا آهن. مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ، سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان بي اي پاس ڪيائون. عربي ۽ فارسيءَ ۾ خانگي طور تعليم ورتائيون. هي نوجوان ڪم گو هو، رلڻو ملڻو، فياض ۽ زنده دل شاعر آهي. سڄي دنيا جو سفر ڪري چڪا آهن جنهن ۾ مغرب ۾ آمريڪا ۽ مشرق ۾ عربستان اچي ٿا وڃن. فوٽوگرافي، والي بال، راند، شڪار ۽ شاعري سندن مرغوب مشغلا آهن. سندن ڪلام ۾ غضب جي رواني آهي. سندن ڪلام جو اڪثر مضمون عشقيه آهي. اڪثر موزون ڪلام چيل اٿن ۽ ڪجهه ڪافيون پڻ. پاڻ هڪ طويل قومي ترانو لکيو اٿن. جو ريڊيو پاڪستان جي مقابلي ۾ پهريون نمبر منتخب ٿيو ۽ کين مرڪزي حڪومت جي طرفان پنج سئو رپيا بطور انعام مليا. هي ترانو قومي اهميت وارن ڏينهن تي ريڊيو تان نشر ٿيندو آهي. جنهن جو هڪ هڪ لفظ جوش جو ولولو پيدا ڪندڙ آهي.

اي وطن اي جان من !! اي غيرت هفت آسمان ..........................

ان کان سواءِ سندن هيءَ ڪافي به گهڻو مقبول آهي:

محبوب ڪيو جو ظلم و ستم،

ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو ..........

***

( مخدوم محمد امين فهيم صاحب جن جو شعري ڳٽڪو ”پيغام“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ سال 1990ع ۾ شايع ڪيو آهي.)

(قريشي صاحب جو هي مضمون ماهوار پيغام، ڪراچي جي مئي جون 1991 واري شماري ۾ شايع ٿيو هو.)

** ان ڪان علاوه مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جن جون ٻيون تصنيفون ٻہ آهن، جن جا نالا آهن: چپر ۾ چڙيون، بي پير اڪيون، ڇهنڊڙيون، آب حيات ، ديوان طالب المولىٰ ۽ لغات مخففات سنڌي ۽ شان حسين.

(قريشي صاحب جو هي مضمون ڪافي وقت اڳ جو لکيل آهي، تنهن ڪري ان ۾ سروري خاندان جي ٻين شاعرن ۽ عالمن جو ذڪر ڪونهي. سروري خاندان جي شاعري روايت کي مخدوم خليق الزمان خليق، مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ ۽ مخدوم جميل الزمان جن پڻ اپنايو آهي. پوين ٻن صاحبن جو علحده ذڪر هن ڪان پوءِ ڏنو ويو آهي. سهيڙيندڙ)

## مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري (ولادت 1962)

هي صاحب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جا فرزند آهن ۽ شعر کين ورثي ۾ مليو آهي. هن جي ولادت 14 آڪٽوبر 1962 تي ٿي.

هن وقت تائين سندس ٽي شعري مجموعا ”پاڻ مراديون ڳالهڙيون“، ”ٻولي ڪبي نہ ٻي“ ۽ ”عشق نہ چريو پانءِ“ شايع ٿي چڪا آهن.

مخدوم سعيدالزمان صاحب جن 1997 ۾ ٽہ مان صوبائي اسيمبلي جا ميمبر چونڊيا ويا. ان کان اڳ پاڻ هالا ميونسپالي جا چيئرمين رهي چڪا آهن.

اڄ ڪلهہ مخدوم صاحب مذهبي سرگرمين ۾ وڌيڪ ٻهرو وٺن ٿا ۽ هر ماه هڪ مذهبي رسالو ڇپائي مفت تقسيم ڪن ٿا.

# مخدوم جميل الزمان (ولادت 1961ع)

هن وقت مخدوم سروري خاندان جي علمي ۽ ادبي ڪاوشن جو مهندار جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن آهن. پاڻ مخدوم محمد امين ”فهيم“ صاحب جن جا وڏا فرزند آهن. سندن ولادت جي تاريخ 27 جولاءِ 1961ع آهي. ابتدائي تعليم هالا ۾ حاصل ڪئي اٿن.

مخدوم جميل صاحب نہ رڳو شاعر آهن پر اعليٰ محقق ۽ مؤرخ پڻ آهن. شاعري ۾ سندس ڏهاڪو ڪن مجموعا شايع ٿيا آهن.

محقق ۽ مورخ جي حيثيت ۾ بہ عاليشان ڪتاب ”سنڌ جي واقعاتي تاريخ (570-1990)“ ۽ ”تذڪره مخدومان هالا (1790-1944)“ شايع ٿيا آهن.

ٻڌو آهي تہ مخدوم صاحب جن انگريزي زبان ۾ پڻ عالمي تاريخ جي حوالي سان ڪجهہ ڪتاب مرتب ڪيا آهن.

هن وقت هو سنڌ حڪومت ۾ وزير آهن. پاڻ ڪافي ڀيرا سنڌ اسيمبلي جا ميمبر منتخب ٿيا آهن.

## خليفو گل محمد گل هالائي (1784-1858)

خليفو گل محمد گل هالائي هالا پراڻا ۾ سال 1784ع ڄاري ڄائو.
هن جي ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ ٿي ٿي.
هن صاحب لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن سنڌي غزل کي هڪ نئون روپ ڏنو ۽ الف بي وار هڪ ديوان تيار ڪيو. ان حساب سان ڪيس سنڌي غزل جو مؤجد بہ چيو وڃي ٿو. هيءَ صاحب ساڳئي وقت فارسي، عربي جو ماهر پڻ هو.
سندن وصال مدينہ منوره سال 1858 ع ڌاري ٿيو.

# آخوند قاسم هالائي

## مخمور بخاري

آخوند قاسم بن نعمت الله، آخوند گل کان پوءِ سنڌي شاعري ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن ٻه سنڌي غزلن جو ديوان جوڙيو، جيڪو 1875ع ۾ شايع ٿيو.

ڊاڪٽر اياز قادري سندس شاعريءَ تي راءِ ڏيندي لکي ٿو: ”قاسم جي ٻولي خليفي گل واري ٻولي کان گھڻي سولي ۽ عام فهم آهي. جنهن ۾ فارسي ۽ عربي لفظن جي هلڪي آميزش آهي. هن کي فارسي خاص طور تي عربيءَ تي ايترو عبور حاصل هو جو هن سنڌي غزلن ۾ جابجا عربي مصرع استعمال ڪيا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن ائين پيو محسوس ٿئي ته سنڌي نه پر عربي غزل آهن. قاسم جي ڪلام ۾ سلاست، رواني ۽ اثر آهي“. (1)

آخوند قاسم 1806ع ۾ هالن ۾ جنم ورتو ۽ 18 جنوري 1881ع تي راهه رباني ورتائين. سندس مدفن بابت ٻه رايا آهن. هڪ حوالي موجب ته هو حيدرآباد ۾ دفن ٿيو ۽ ٻئي خيال مطابق هو هالن پراڻن ۾ مدفن ٿيل آهي.

آخوند قاسم بن نعمت الله کان اٽڪل پنجاهه سال اڳ ساڳي نالي سان ڪو ٻيو شاعر ٿي گذريو آهي. جيڪو ”آخوند قاسم سانوٽي هالائي“ جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. آخوند سانوٽي رڳو فارسي زبان ۾ شاعري ڪئي. تذڪره مشاهير سنڌ جي بيان موجب ته سندس فارسي ۾ ”ديوان قاسم“ جمع ٿيل آهي.

1. قادري اياز ڊاڪٽر، سنڌي غزل جي اوسر، ياڱو ٻيو، ص 24 انسٽيٽوٽ آف سنڌ الاجي 1984ع

# هالا جا فارسي گو شاعر

ڊاڪٽر ايچ آءِ سدا رنگاڻي صاحب جي ڪتاب Persion Poets of Sindh جو ٻيو ڇاپو 1987 ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي. اهو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جي پي ايچ ڊي جي ٿيسز تي مبني آهي، جيڪا هن بمبئي يونيورسٽي کي پيش ڪري، سال 1946ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ورتي. هن ڪتاب ۾ هالا جي ٽن فارسي شاعرن جوخصوصي احوال ڏنل آهي. انهي احوال جو آزادانه ۽ اختصاري ترجمو پيش ڪجي ٿو.

**1. آخوند محمد قاسم**

آخوند محمد قاسم ولد محمود، هالاپراڻا (جنهن کي ان وقت هالاڪنڊي ڪوٺيو ٿي ويو) جو رهواسي هو. هو ارڙهين عيسوي صدي جي آخر ۽ اوڻهين صدي جي شروع ۾ شاعريءَ جي افق تي ابريو. هو مير ڪرم علي خان ٽالپر جو همعصر هو. هن جي ديوان جي مسودي جي ڪاپي تي نائين شوال، 1240 هه / 1825ع سال لکيل آهي، جنهن مان اندازو ڪجي ٿو ته شاعر پنهنجي لکت ان تاريخ کان اڳ پوري ڪئي هوندي. هن جي زندگي جي باري ۾ وڌيڪ گهڻو معلوم نه آهي. هيٺيون احوال هن جي ديوان مان ڪوريل آهي.

هو سني مسلڪ وارو هو، پر ساڳئي وقت هن وٽ پنج تن پاڪن واسطي اڻ ميو پيار پاٻوه هو.

هيٺين شعر مان سندس فرزند محمود جي ڄمڻ جي سال 1222هه / 1808ع جي خبر پوي ٿي.

تاريخ تولدش خرد گفت
”محمود زهي ببخت محمود!“

شاعر کي محمد حيات نالي هڪ ٻيو پٽ به هو، جنهن لاءِ هن ڪجھ شعر لکيا آهن. هڪ ملاحظه ٿئي:

به ”محمد حيات“ يا ربي
دولتِ بيڪران ڪني ارزان!

هن مخدوم نوح، جيڪو سال 1505ع ۾ ڄائو ۽ 1590ع ۾ وفات ٿيو، جي ساراه ۾ هيٺيان بيت چيا آهن:

سر سروران شاه مخدوم نوح
به از خلد درگاهٰ مخدوم نوح
شهِ روم و ايرانٰ و توران و هند
بوٰد هر يکي داهِ مخدوم نوح

****

نهد بر سر و چشمِ خود هر ولي
بصد آرزو پاي مخدوم نوح
قمر وار روشن همہ ملڪِ سند
ز خورشيد سيماي مخدومِ نوح

هن پنهنجي شاعريءَ ۾ محي الدين عبدالقادر جيلاني کي پنهنجو مرشد ڪري ساراهيو آهي:

شاهِ ما غوثِ اعظم و اکبر
هستِ محبوبِ حضرت رحمان

يا الهي بيمنِ محي الدين
ختم عاصي ڪني مع الايمان!

ڪجھ شعرن مان پتو پوي ٿو تہ هو ڪنهن وقت بيحد غريب هو. چند مصرع ملاحظہ ٿين:

از قرض دارم دل غمين، هستم ز جرم اندوهگين
بر حالِ زار بنده بين، بشنو دعا فريادرس!
برادرم از افتادگي، در فرح بخش استادگي
از قرض ده آزادگي، اي متڪا فريادرس!

هن پنهنجي جنم ڀومي هالاڪندي کي بن غزلن ۾ ڀرپور نموني ساراهيو آهي. چند شعر ڏجن ٿا

يا رب شگفتہ بادا گلزار هالہ ڪندي
سر سبز سايہ گستر اشجار هالہ ڪندي!

* * *

شيرين و خوشگواره هست آب هالہ ڪندي
يادم دهد ز ڪوثر ڪولابِ هالہ ڪندي!

*

يارب دعاي "قاسم" ڪن مستجاب هردم
باشند خوش هميشہ اصحاب هالہ ڪندي!

هو حافظ ۽ سعدي جي شاعريءَ جو وڏو ساراهيندڙ هو. هن انهن جي ساراهہ ۾ بہ شعر چيا آهن:

بهر خدا چشانم ساقي مي حقيقت
گاهي ز جامِ حافظ گاهي ز جامِ سعدي[1]

* * *

"قاسم" تمام گيرد هر روز فيضِ معني

گاه از ڪلام حافظ گاه از ڪلام سعدي!

ڪن شعرن ۾ هن صاحب اهڙن عالمن ۽ استادن جي نندا ڪئي آهي، جيڪي پنهن جي شاگرد سان سچا نہ هوندا آهن، ڪين پورو علم نہ سيکاريندا آهن:

قلب استاد هر ڪہ رنجاند

خانۂ خود خراب گرداند

* * *

”ابن محمود“ خدمت استاد

بسعادت قرين گرداند

هينئين مصرع ۾ شاعر پنهنجي محبوب جي چهري کي سج قراري ٿو، جنهن جي مدد سان هو ڏسڻ لائق ٿئي ٿو، ۽ محبوب جي چهري تي ويڙهيل پردي کي هڪ ڪڪر مثل ڀانئي ٿو، جيڪو سج کي لڪايو ويٺو آهي:

برقع از رخ بڪشا چشم جهان روشن ڪن

مهر درميغ، مها! چند نهان خواهد بود

### 2. آخوند محمد قاسم ولد نعمت اللّٰہ قريشي (وفات 1298 هہ بمطابق 1881ع)

هي شاعر هالا پراڻا جي ملان سانوڻي قبيلي سان تعلق رکندو هو. جواني ۾ هو پائونڊ منشي ٿي رهيو، پوءِ هو تپيدار بہ ٿي رهيو. هو شاعري جو شوقين هو. هي حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو، ۽ انهن محفلن ۾ هو پنهنجي ڪليل ۽ ظريف شعرن سان رنگيني وجهندو هو. فارسي کان علاوه هو عربي، اردو ۽ سنڌي ۾ بہ شاعري ڪندو هو. ان وقت جي رسالي مفرح القلوب ۾ مستقل سندس شعر ڇپبا هئا. تنهن ڪري کيس ملڪ جي مختلف جڳهين تان داد پيو ملندو هو.

پنهنجي نوڪري مان ملندڙ پگهار کيس پورو نہ پوندو هو، جيئين هن شعر ۾ لکيو اٿس:

بسڪہ ڪم شعلم و ضرورت بيش

زير ڪوهِ حوائجم چون ڪاه

ان ڪري هن پنهنجي علمي صلاحيتن کي ڪم آڻيندي روزگار جا ٻيا ذريعا بہ ڳوليا. هو اڪثر مهاراجائن، مير نہ ٻين اميرن جي شان ۾ قصيدا لکندو هو، ۽ عيوض ۾ مالي مدد جو متقاضي هوندو هو. هن کي هزهائينيس مير علي مراد خان خيرپورواري طرفان بہ سو روپيہ ساليانو اجورو ملندو هو، جنهن لاءِ هن مفرح القلوب ۾ ان جو شڪريو

بجا آندو هو. ان کان علاوه کيس حيدرآباد جي مير محمد حسن علي خان طرفان سٺ روپين جو انعام بہ مليو هو. ان جي شڪريہ ادائي ۾ هيٺيون شعر لکيائين:

وه ڪه هر ماه پنج روپيہ فقد
مير صاحب مقررم فرمود

بڙودا جي مهاراجا جي شان ۾ لکيل قصيدي جا ڪجھ بند هيٺ ڏجن ٿا:

منڪه بي برگ و نوايم چون درخت بي ثمر
سر زدم بر بارگاهش بر اميدِ برگ و بار
* * *
حلقۂ موج تردد چون محيط آمد مرا
ميخورم صد غوطہ در درياي ناپيدا ڪنار

### 3. سيد غلام محمد شاه گدا (وفات 1322هه / 1904ع)

هن جي والد جو نالو سيد حسن علي شاه هو. هو هالا جي پسگردائي ۾ ڄائو هو. هن جا وڏا خراسان جا هئا، جتان هو قندار آيا ۽ پوءِ هو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ هالا ۾ اچي ورسيا. هن صاحب هالا جي آخوند احمد ولد عبدالعليم ۽ حيدرآباد جي محمد روشن وٽ مذهبي، دنيوي ۽ فني تعليم ورتي. پويون صاحب مير صوبدار خان جو شاگرد هو ۽ ان جي وفات جي تاريخ گدا پنهنجي هن شعر ۾ ياد ڪئي آهي

چو استاد "روشن" بجنت روان شد
بگفت اي "گدا": 'آه شيرين سخن' رفت

گدا جا مير حسين علي ٽالپر سان گهرا لاڳاپا هئا، جيڪو کيس سندس ادبي ڪوششن تي انعام بہ ڏيندو هو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ مذڪوره مير صاحب جي ڪلڪتي مان واپسي تي، جتي هو رياستي قيدي بڻجي ويو هو، محمد حسين شيرازي (جنهن سان هو جلاوطني واري وقت ۾ شناسان ٿيو هو) وٽس ملاقات لاءِ آيو. هن ان ملاقات ۾ هيٺين شعري ڳجهارت کي سلي ڏيڻ جي گذارش ڪئي.

در عدد چيزي ڪه باشد پانصد و سه در حساب
خواهم از ميرِ معظم داور مالک رڪاب
*
گر بتصحيفش درآري سبز باشد در رخش
قلبِ او مر مير را هر لحظہ در زيرِ رڪاب
*

پانصد آن را سپارم بر عدوي ملک تو
سه مرا بفرست تا از عمر باشم کامياب
*

گدا صاحب بہ ان محفل ۾ موجود هو. هن جهت ۾ ئي ان جو جواب ”شراب“ ٻڌائي آقائي شيرازي کي حيران ۽ خوش ڪري وڌو. ان چار اکري لفظ جو عددي جوڙ 503 هو.

سيد گدا نہ صرف فارسي ۽ اردو ۾ شاعري ڪئي، بلک هو سنڌي زبان جو بہ شاعر هو ۽ ان ۾ هن جو ديوان مرتب ٿيل آهي. سندس فارسي شاعري مفرح القلوب ۾ ڇپجندي هئي.

نبي سڳورن جي شان ۾ ڪيل شاعري جا ڪجهہ شعر ڏجن ٿا:

يا رسول خدا عليک صلواة
خاتمِ انبيا عليک صلواة
*

بجناب تو ملتجي هستند
جملہ شاہ و گدا عليک صلواة
*

هن جي شاعري ۾ روحاني رمزن کان وٺي محبوب جي ادائن جو احوال آهي. معشوق جي منهن واري تر جو ذڪر ڪجهہ هن طرح ڪيو اٿس:

خال را بر رخ چو ديدم دل پريشان شد مرا
کافري بر صدرِ جنت پادشاهي ميکند

گدا هڪ شعر ۾ چهري ۽ تر کي هندو ۽ مسلم جي استعاري سان استعمال ڪيو آهي.

ببين بکعبہ رويش تو خال هندو را
ز اتفاق عجب اجتماعِ ضدين است

## مخدوم عبدالرؤف بن محمد عمر ڀٽي (1682-1752)

مولودن جي صنف جو مؤجد جناب مخدوم عبدالرؤف ڀٽي صاحب هالا پراڻا ۾ سال 1682ع ۾ پيدا ٿيو. هي صاحب هڪ وڏو عالم بزرگ ۽ شاعر هو. سندس وفات مدينہ منوره ۾ بتاريخ 18 ربيع الآخر 1166هه مطابق 1752ع ۾ ٿي، جتي پاڻ حج جي ارادي سان ويل هئا.

هن مولود ڪان سواءِ مداحون، ڪافيون، وايون وغيره علم عروض جي اصول تي چيون آهن. روايتن مطابق سندس ڪلام تمام گهڻو آهي. سندن تخليق ڪيل مولودن جو تعداد اڍائي سئو ڪان وڌيڪ ٻڌايو وڃي ٿو.

وراڻي : ڀيج ڀني ڀلي آيو، آيو آيو اڄهو محمد آيو
الا _ ريت چڱي رات رانيو
سرهي سيج وڇايو منهنجو محمد آيو
آيو آيو سيد رانيو ڀيج ڀني گهر آيو
ڀلي ڀلي آيو من مرادون پڄايو جيڏيون
منهنجو محمد ڄام مون گهر آيو
لعل لالن رنگ لايو گهوٽ گهمي گهر آيو
احمد عبدالرؤف جي من مراد پڄايو
عاصي عبدالرؤف چئي ڪلمي ساڻ لڏايو

# فقـــير احسان

اسان وٽ شاهه ڀٽائي صاحب جي ڪيڏاري جي حوالي سان هڪ تڪرار هلندو اچي. ان تڪرار ۾ احسان فقير جو نالو بار بار ايندو آهي. اهو احسان فقير هالا پراڻا جي مردم خيز مٽي مان نسريو. هن جو تعلق مغل گهراڻي سان آهي. روايتن موجب اهو گهراڻو اڪبر بادشاه جي دور حڪومت ۾ ننگر ٺٽي ۾ آيو ۽ پوءِ هالڪندي ۾ اچي رهيو. احسان فقير لاءِ چيو وڃي ٿو ته هيءُ صاحب شاه سائين جو سهيوڳي هو.

ٻڌايو وڃي ٿو ته احسان فقير ۽ ان سان گڏ فقير شفيع محمد ۽ محمد اسماعيل جن ذڪر جو بنياد بيتن ۽ مولودن سان ٻڌو. شفيع محمد عربستان ۾ وفات ڪئي ۽ محمد اسماعيل نصرپور ۾ وفات ڪئي. سندس تربت شاه محمود جي مقام ۾ آهي. احسان فقير هتي هالن پراڻن ۾ وفات ڪئي. جنهن جي قبر شيخ عبداللطيف حسني جي مقام ۾ مسجد کان اڀرندي طرف آهي.

هن جي ولادت يا وصال جي صحيح تاريخ نه ملي سگهي آهي. زباني روايتن موجب هيءُ صاحب تمام برگزيده، اهل الله ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو خيال آهي ته ڀٽائي صاحب جو ڪيڏارو اصل ۾ هن صاحب جو آهي.

تازو مونکي محترم محمد آچر عمراڻي (جنهن جي والد صاحب ڊاڪٽر بلوچ کي احسان فقير جا بيت ڏنا هئا) معرفت 58 بيت مليا، جيڪي احسان فقير جي ڪيڏارو طور سوين سالن کان سيد عبداللطيف حسني جي درگاه تي پڙهيا وڃن ٿا. انهن مان ڪجهه بيتن ۾ اسماعيل فقير جو نالو استعال ٿيل آهي. (ڪن روايتن موجب احسان فقير جي ڪيڏاري جا جملي 92 يا 93 بيت هئا. جن مان ايڪيتاليهه بيت شاه صاحب جي رسالي ۾ سر ڪيڏاري ۾ لين ٿا ۽ ايڪونجاه بيت اهڙا آهن جو هن کان اڳ اشاعت هيٺ نه آيل آهن.)

مونکي مليل بيتن جي ٻولي، مونکي ايتري پڪي پختي نه لڳي، جهڙي شاه ڀٽائي صاحب استعمال ڪئي آهي. منهنجي ذاتي راءِ آهي ته شاه صاحب جو پنهنجو ڪيڏارو آهي، ۽ احسان فقير صاحب جو پنهنجو ڪيڏارو آهي. ڪجهه بيت گڏجي سڏجي ويا هوندا. ٻي ڳالهه ته منهنجي پنهنجي نظر ۾ شاه ڀٽائي صاحب هڪ صوفي لاڪوفي هو، تنهنڪري هن وقت شاه سائين کي سني يا شيعو ثابت ڪرڻ ئي اجائي ڪوشش ٿيندي.

# فقيـــر گدا علــي بن غـــلام

مرحوم فقير گدا علي جو تعلق بہ مغل خاندان سان هو. روايتن موجب هي صاحب پڻ هڪ وڏو بزرگ ۽ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ مرحوم فقير گدا علي مرحوم فقير احسان علي جي اولاد مان آهي.

مرحوم فقير گدا علي اصل هالن پراڻن جو آهي. سندس ولادت هالن پراڻن ۾ ٿي. ۽ سندس وفات پڻ هالن پراڻن ۾ ٿي.

**ڪلام فقيـــر گـــدا علـــي جـــو**

قلز قادر پير ٻيا سڀ نديون نيئر ٿيا
جيئن اڳرو انبيائن ۾ آهي محمد ﷺ مير
تيئن تون بادنشين بادشاهہ ڪل پيرن جو تون پير
تنهن جو سوالي گدا علي لنگهو ليئي فقير
ڏيئي دلگيري دلدير آهيون تنهنجي آسري
2. راڻ مريدن جو آهي حامي حضرت پير
ور دلگيرن جو آهي داتا دستگير
مر سان اجراء ڪري فلڪ اگيئونس فقير
جن سنيارن پيرتن لئي عرضدار گدا چئجي

## مخدوم محمد ابراهيم (وصال 1690ع)

هيءُ صاحب مولودن جي مؤجد جناب مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (عاصيءَ) جو پيئٽو ياءُ هو.

روايتن موجب ان زماني ۾ مذهبي ۽ شرعي مسئلا سنڌيءَ ۾ ڪرڻ جو شوق هوندو هو. مخدوم محمد ابراهيم بہ پراڻي سنڌي نظم ۾ هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي ”محمد ابراهيم جي سنڌي“. هن پنهنجي ان ڪتاب ۾ صرف اهي مسئلا لکيا آهن، جيڪي هر مسلمان لاءِ ڄاڻڻ فرض آهن. هن جي انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙا مسئلا اٽڪل روءِ ساڍا ٽي سؤ کن ٿيندا. جيڪي نظم واري نموني لکيل آهن.

سندس وفات سال 1690ع ڌاري ٿي.

## مخدوم محمد ابراهيم صوفي (1865-1913)

هي بزرگ مخدوم محمد صالح جو والد محترم هو. هن جي تاريخ ولادت 15 ذوالحج 1281ھ بمطابق 1865ع آهي. هيءُ بزرگ نهايت سٺو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي. هن جا شعر، مداحون ۽ ڪافيون تمام گهڻي انداز ۾ ڇپيل آهن، جي اڻ ڇپيل آهن.

محترم محمد ابراهيم صوفي پڻ (1865-1913) جن هڪ ناول "نيڪيءَ جو نتيجو ۽ بدي جو ڦل" اوڻهين صدي جي آخر ڌاري ترجمو ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪي شخص ان راءِ جا آهن، ته اهو سنڌي ۾ ڪنهن ناول جو پهريون ترجمو آهي.

سندن وصال هالا پراڻا ۾ سال 1913 ع ۾ ٿيو.

# مخدوم محمد صالح ڀٽي (1887-1953)

هالا جي ناماچاريءَ جا ٻه مکيه حوالا رهيا آهن، هڪڙو سبب ته هتان جي هٿ هنر جهنڊي ڪاشي وغيره آهن، پر ٻيو سبب اهو آهي ته هن قديم وستي سوين عالم ۽ اديب پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي لکڻن وسيلي سنڌ جي سونهن ۽ سرهائي وڌائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن املهه ماڻڪن مان هڪڙو بيمثال شخص مخدوم محمد صالح ڀٽي صاحب به آهي.

مخدوم محمد صالح ڀٽي صاحب سنڌ جي هڪ قديم وستي هالاپراڻا ۾ 25 سيپٽيمبر 1887ع مطابق 7 محرم الحرام 1305 هه تي ڄائو. هتي اهو ٻڌائڻ بي جا نه رهندو ته انهيءَ ڀٽي خاندان ڪافي اولياء ڪرام توڙي عالم ۽ اديب به پيدا ڪيا آهن. مذهبي شاعري مولودن جو مؤجد مخدوم عبدالرؤف ڀٽي صاحب انهيءَ خاندان مان آهي. مخدوم صاحب جن جو والد محترم محمد ابراهيم صوفي ڀٽي (1865-1913) به هڪ بلند پايه عالم ۽ اديب هو. ان صاحب هڪ ناول ”نيڪيءَ جو نتيجو ۽ بدي جو ڦل“ اوڻهين صدي جي آخر ڌاري ترجمو ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪي شخص ان راءِ جا آهن، ته اهو سنڌي ۾ ڪنهن ناول جو پهريون ترجمو آهي. مطلب ته مخدوم صاحب جنهن خاندان ۾ اک کولي، انهيءَ اندر علم ۽ ادب جو روايتون اڳيئي پڪيون پختيون هيون.

مخدوم صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ حاصل ڪئي، ان بعد هو سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان هن سال 1909ع ڌاري ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. سال 1910ع ۾ هڪ پاسي ڪين پوني جي زرعي ڪاليج ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي اسڪالرشپ ملي ته ٻي پاسي ڪين سنڌ مدرسي جي پرنسپل محترم ٽي ايچ وائنس، ٽيچر جي نوڪري جي آڇ ڪئي. پاڻ ٽيچر ٿيڻ واري آڇ قبولي، مدرسي ۾ درس وتدريس ۾ مشغول ٿيا. اڳتي هلي پاڻ تعليم کاتي جي انتظامي عهدن تي مامور ٿيا. سال 1944ع ۾ پاڻ نوڪري تان ريٽائر ٿيا.

پاڻ شاگرديءَ جي زماني کان ئي لکڻ پڙهڻ جي ڪرت اختيار ڪيائون. جڏهن پاڻ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيا، تڏهن کان مدرسي جي رسالي الاسلام جا ايڊيٽر به بڻجي ويا. ان عرصي ۾ هو ڪافي ادبي ۽ تعليمي ڪميٽين ۾ مقرر ٿيا ۽ سرگرم رهيا. محترم ڊاڪٽر ممتاز بخاري پاران هن تي لکيل مضمون ۾ آيل فهرست مان اهو اندازو لڳائجي ٿو ته هن صاحب تقريبن چاليهارو ڪتاب لکيا يا سهيڙيا آهن.

سندس ڇپيل ڪتابن جا نالا ڪجهه هن ريت آهن: 1. سيدة النساء 2. صديق اڪبر 3. منهاج المومنين 4. بيبي رابع بصري 5. عروس ڪربلا 6. سقراط 7. اخلاقي جواهر 8. منصور حلاج 9. فاروق اعظم 10. واندڪائيءَ جي وندر 11. فتوحات اسلام 12. اسان جو پيارو آقا 13. المرتضيٰ 14. حيات سعدي 15. ڪلام مخدوم محمد ابراهيم يتيم 16. سنڌ جي تاريخ ۽ شهريت 17. احسان فقير جو ڪيڏارو 18. ڪلام مخدوم عبدالرؤف ڀٽي. 19. مضامين متفرقه

ان کان علاوه سندس ڪافي ڪتاب قلمي صورت ۾ ۽ اڻڇپيل آهن، جن مان ڪن جا نالا هن ريت آهن: 1. فقه شريف 2. گلستان فارسي 3. حضرت عالمگير اورنگزيب 4. اسلامي تاريخ (ڇهن جلدن ۾) 5. نسب اولاد مخدوم حضرت عبدالله يتيم 6. ابيات مختلف 7. انگي حساب 8. ڪلام صالح 9. مخدوم محمد ابراهيم يتيم جو ناول 10. حڪايت الصالحين 11. نماز 12. مخدوم محمد صالح جا ذاتي خط 13. يوسف زليخا 14. سنڌي شاعري 15. ڪلام مخدوم محمد ابراهيم يتيم.

مخدوم صاحب رڳو نثر نويس نه هو پر هو هڪ شاعر به هو. هن حمد، نعتون، غزل، مسدسون وغيره ڪافي تعداد ۾ لکيون آهن. شاعريءَ ۾ سندن استاد محمد صديق مسافر صاحب هو. ٻي اهم ڳالهه منهنجي نظر ۾ اها آهي ته هو وڏو پڙهاڪو شخص هو. سندس ذاتي لائبرري هزارين ڪتابن تي مشتمل هئي. سنڌي، انگريزي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ ڇپيل ڪتاب انهيءَ لائبرري ۾ هئا. انهيءَ لائبرري جي ڪتابن جو ٿورو حصو سنڌيالاجي جي حوالي ٿيو، پر ان کان اڳ ڪافي ڪتاب هن جي ڪجهه پونيرن تڳائي ورتا ۽ وڃائي ڇڏيا. هن وقت تمام ٿورڙا ڪتاب سندس پوٽي مخدوم آفتاب احمد يتيم صاحب وٽ محفوظ آهن، جيڪو به مخدوم صاحب وانگيان ڪتابن جو شوقين آهي. ياد رهي ته سنڌيالاجي ۾ مخدوم صاحب جو ڪارنر قائم ڪرائڻ کان وٺي ڳوٺ جي گرلز هاءِ اسڪول تي مخدوم محمد صالح يتيم جو نالو رکائڻ ۾ هن دوست ڪافي پاڻ پتوڙيو آهي.

مخدوم صاحب قلم جو ته ڌڻي هو، پر هو بيحد خوشمزاج، ايماندار ۽ بااخلاق شخص هو. سندس خودداري جو هڪ مثال بيان ڪرڻ بي سود نه ٿيندو. پاڻ ريٽائرمينٽ کان پوءِ ڪير جي لاءِ ڳئون ورتائون، جن جي سار سنڀال اسان جي خاندان جي حوالي ڪيائون، پر شرط اهو رکيائين ته پهريائين پنهنجي محنت جو اجورو طيءِ ڪريو. اسان جي وڏن ڪيس چيو ته توهان اسان جا مربي آهيو، سو اوهان کان اجورو نه وٺنداسين. پر پاڻ بضد رهيا، آخر اهو طيءِ ٿيو ته ويام کان پوءِ نر اسان

جي حوالي ٿيندو ۽ مادي پاڻ رکندو. مطلب ڳالهہ جو تہ پاڻ رڳو ڳالهين جا ڳهير ڪونہ هئا پر عملي طرح بہ ايماندار ۽ خود دار رهيا.

مخدوم صاحب جا اڳوڻا ڇپيل ڪتاب ڪافي وقت کان اڻ لڀ بنجي ويا آهن. هن ڪي مڃتا ڏيڻ جي هڪ واٽ اها بہ آهي تہ نہ صرف سنڌس مشهور ڪتاب ٻيهر ڇپايا وڃن، بلڪہ اڻڇپيل ڪتابن ڪي ڇپائي اڄ جي نسل آڏو نروار ڪيو وڃي. مخدوم صاحب جا ڪتاب جيڪر اڄ ٻيهر ڇپجي پون تہ يقين اڄ جي نوجوان جي رهنمائي ڪندا.

اسانجو هيءُ پيارو استاد، عالم ۽ اديب بتاريخ 27 ڊسمبر 1953ع مطابق 19 ربيع الثاني 1373 هجري تي طبعي طور اسان کان ڌار ٿي راهہ رباني ورتي. پر لکيتن جي صورت ۾ سنڌس واس اسان ڪي واسيندو رهندو.

دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس (شاهہ)

# خليفو محمد عمر اختر هالائي (1917-1959)

سنڌي پابند شاعري ۾ هالا جي شاعري جو پنهنجو هڪ لهجو ۽ مڪتب فڪر رهيو آهي، ان لهجي ۽ مڪتبي فڪر کي خلقڻ وارن ۾ اهم ترين شخص جناب اختر هالائي صاحب جن آهن.

خليفي محمد عمر المعروف اختر هالائي جن جي ولادت جي تاريخ 27 ڊسمبر 1917 آهي. ۽ پاڻ جوانيءَ ۾ ئي 42 سالن جي عمر ۾ 27 آڪٽوبر 1959 تي وصال فرمايو.

مخدوم طالب الموليٰ جن جي خيال ۾ ”اينهين سمجهڻ کپي تہ آسماني اختر هالا جي زمين تي نازل ٿيو ۽ پنهنجي چمڪ دمڪ ۽ روشني سان زمين کي آسمان بنائي ڇڏيو هئائين.“

نامور جديد شاعر ۽ اريبلي نثر نگار محترم امداد حسيني جي لفظن ۾ ”اختر هالائي عروضي شاعريءَ جا سمورا لوازمات پورا ڪيا آهن، پر هن حشر، شرم، ختم، فرق، فهم کي سنڌي اچار وانگي ڪتب آندو آهي. روايتي عروضي شاعريءَ جي ڪٽر بندش کان اها بغاوت ئي کيس منفرد ڪري ٿي بيهاري. اهوئي ڪارڻ آهي، جو اختر جي شاعري رڳو بحر وزن جي ٽيڪي تي ڪنيل بوتو نہ آهي، پر هن وٽ هڪ ڌڙڪندڙ دل بہ آهي:

دل حساس پيدا ڪئي خدا شاعر جي سيني ۾“

اسان جي اڪثر عروضي شاعرن وٽ مخصوص ۽ محدود موضوع رهيا آهن، ۽ گهڻو ڪري اهي سياسي ۽ سماجي ماحول تي لکڻ کان لنوائيندا بہ رهيا آهن. ان جي پيٽ ۾، باوجود نمائنده عروضي شاعر هئڻ جي، جناب اختر هالائي جي شاعري ۾ موضوعاتي ندرت آهي. هن پنهنجي وقت جي سماجي ۽ سياسي حالات تي فنڪاراڻہ نموني ٽيڪا ٽپڻي پئي ڪئي آهي.

سراسر طاقتن ۾ آهہ تڪرار
رئيسن ۾ رڳو جذبو رسڻ جو.

*

جمهوري راڄ جي پئي مٽي پليد ٿئي!
بس آپيشاهي حڪم ۽ حاضر حضور آهہ.
قهر و جفا ۾ صورت چنگيز آ پوليس
يعني بجاءِ امن شر انگيز آ پوليس.

اختر صاحب رڳو شاعر نہ ھو، پر ھو اعليٰ درجي جو حڪيم، ۽ پرجوش ۽ سرگرم صحافي پڻ رهيو آهي. پاڻ ھالا مان پهريائين هفت روزه ”تعمير“ (1950 کان 1952ع تائين) ۽ ان تي بندش بعد هفت روزه ”ڪوثر“ (1953 کان 1957ع تائين) ھالا مان جاري ڪيائين. سائين حميد شهيد جي لفظن ۾ انهن اخبارن ۾ هن صاحب ”تن تنها نثر ۽ نظم ۾ معاشري جي خرابين، حاڪمن جي بدڪردارين ۽ بيجا طرفدارين ۽ مظلوم عوام سان ٿيندڙ عقوبتن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ بي خوف ٿي جهاد ڪيو آهي.“

اختر صاحب جو شعري مجموعو ”تسبيح محبت“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ وران سال 1992ع ۾ ڇپايو آهي.

## ”سليم“ هالائي (1918-1992)

### انور هالائي

قاضي عبدالحئي ولد حاجي سليم الدين ابڙو تاريخ 12 نومبر 1918ع تي هالا نوان ۾ تولد ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ پوسٽل ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت دوران ڪلارڪ مان انسپيڪٽر بنجي ويو. سندس زندگي 1962ع تائين هالا کان ٻاهر گذري آهي. حيدرآباد، نوابشاه جهڏو گدام، لس ٻيلو، ميرپورخاص، ڪوئيٽا، لاهور ۽ سکر جهڙن شهرن ۾ رهندي ٻه ادبي سرگرمين کي جاري رکندو اچي. سليم صاحب هالا جي ڪهنه مشق شاعر مرحوم حافظ جان محمد جان جو شاگرد رشيد آهي. عالي جناب طالب المولىٰ، مرحوم اختر هالائي ۽ سليم هالائي همعصر شاعر آهن. سليم صاحب جي جدوجهد سان هالا جي ادبي زندگي ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو. پوسٽ کاتي مان استيفا ڏيڻ بعد سنڌ گورنمينٽ جي هفتي وار رسالي اطلاعات سنڌ جو ايڊيٽر ٿيو. پوءِ سنڌ گورنمينٽ جي اطلاعات کاتي ۾ پبلسٽي آفيسر مقرر ٿيو. 1944ع ۾ سندس پهرين تصنيف ”تذڪره شعرا هالا“ شايع ٿي، ان کان پوءِ ”تاريخ اسلام“ جلد پهريون، ”ڪيميا جو نسخو“، ”رسول پاڪ“ ۽ ”گل بانو“ شايع ڪرايائين. وحدت اولهه پاڪستان بعد پاڪستان انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ انفارميشن آفيسر مقرر ٿيو. جتان ڳوٺ سڌار تحريڪ ۾ بدلي ٿي ويو ۽ ”ڳوٺ سڌار“ ماهنامه کي جاري ڪري معياري جريده جي صف ۾ آڻي بيهاريائين. 1959ع ۾ جناب سليم صاحب کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان سرڪار طرفان انڊيانا يونيورسٽي ۾ موڪليو ويو. جتان واپس اچڻ بعد ڪيس تعليم کاتي ۾ آڇ ٿي، ۽ ڪيس سروري اسلاميه ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيوويو. 1962ع کان 1968ع تائين سروري اسلاميه ڪاليج هالا کي بام عروج تي پهچائي ڇڏيائين. نومبر 1968ع تي پنهنجي رضا خوشي سان پنهنجي ڊپارٽمينٽ مغربي پاڪستان جي اطلاعات جي کاتي ۾ روانو ٿي ويو.

سليم صاحب پنهنجي دؤر ۾ ماهنامه ”ڳوٺ سڌار“ ۽ ”فردوس“ جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. ’ڳوٺ سڌار‘ هڪ فني ۽ ڳوناڻي تعليم جو رسالو هو. ۽ ’فردوس‘ هڪ ادبي رسالو هو. ان دور ۾ هن صاحب نه فقط نون ادبين ۽ شاعرن سان سنڌي عوام کي روشناس ڪرايو. بلڪ سنڌي ادب ۾ جديد رجحانات سان پڻ متعارف ڪرايو. جهانگير فردوسيءَ جي نالي سان سندس نظم اچ ٻه مجيد لاهوري جي نظمن جون سڪون لاهين ٿا. سليم صاحب عالي جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ

جو مجموعہ ڪلام ”بهار طالب“ پڻ مرتب ڪيو آهي. سندس ڪتاب ”تذڪره شعراءِ هالا“، سنڌ يونيورسٽي طرفان ايم. اي جي شاگردن لاءِ منظور ٿيل آهي. سندس نظمن جي ڪتابن مان ”شڪوه سنڌ“ پرشڪوه ڪتاب آهي. سليم صاحب هر دل عزيز ۽ پروقار شخصيت جو مالڪ آهي. هو نهٺو، نياز مند ۽ خوش خلق انسان آهي. هو غصو پيئندو آهي. ۽ مرڪ خيرات ڪندو آهي. اڄ ڪلهہ سندس رجهان نظم ڪان وڌيڪ نثر ڏانهن آهي. ان هوندي بہ سندس شاعرانا لياقتن ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن پر خلوص، با همت اديب سان سنڌ جي سيني حلقن جون اميدون وابستہ آهن.

**غزل**

ڪعبي جي جستجو نہ ڪليسا جو هو خيال،
مون کي پرستشِ رخِ زيبا جو هو خيال.
ايمان جي آرزو نہ، مون کي ڪفر سان ڪو ڪم،
مذهب ۾ منهنجو ان بتِ رعنا جو هو خيال.
ساقي جي نيم باز نگهہ مست مون کي ڪيو،
محفل کي مئي جو، جام جو مينا جو هو خيال.
جنهن دوست سان مون کي هي خلوت جي آرزو،
ان کي سدائين سير وتماشا جو هو خيال.
افسوس، مون کي جنهن جي وفا تي غرور هو،
ان بيوفا کي وعده فردا جو هو خيال،
پهتو شباب تي سر شوريده ۾ جنون،
قلب و نظر ۾ جلوهٰ ليليٰ جو هو خيال.
صحرا ڏي چو پلا نہ وڃي سير دشت لئہ،
مجنون کي نيٺ ناقهِ ليليٰ جو هو خيال.
مجنون جا هئا هتي، ڪٿهن ليليٰ جا هئا قدم،
صحرا ۾ مون کي عظمتِ صحرا جو هو خيال.
دارالشفا ۾ آيو پڇائي مريضِ عشق،
بيمارِ غم کي پاسِ مسيحا جو هو خيال.
پانيم تہ پيش يار جي چوريان بيان درد،
ليڪن لبن کي شڪوه بيجا جو هو خيال.
منهنجي رئڻ تي يار ڪيو ناز چو تہ ڪيس،
هر اشڪ خون تي گوهر يڪتا جو هو خيال.
ڪشتي ٽُٽي مگر نہ ٽٽو عزمِ راهِ عشق،
همت کي ڪيڏو ساحلِ دريا جو هو خيال.

ان نازنين جي مست نگاهن ۾ اي ’سليم‘،
مون کي جمال ديده بينا جو هو خيال.
(مهراڻ جي شاعر نمبر تان ورتو ويو. ان جو پهريون ڇاپو 1958ع ۾ ٻيو ڇاپو ڊسمبر 1990ع ۾ شايع ٿيو هو. صفحا 125 کان 127 تائين)

**

(سليم صاحب بتاريخ 23 آگسٽ 1992 وفات ڪئي. آخري وقت ۾ هو هڪ پاسي هوميو پيٿي ڊاڪٽر طور هالا ۾ ڪم ڪندو رهيو ته ٻئي پاسي شعرسازي سان پرهيز ڪرڻ لڳو هو. ۽ پنهنجي حياتي ۾ ڪلام ضايع ڪري ڇڏيائين. سهڙيندڙ)

# محمد اسماعيل عرساڻي ”فدا“ (1904-1986)

## شمس الدين عرساڻي

محمد اسماعيل ’فدا‘ عرساڻي صاحب، سر زمين سنڌ جو مايہ ناز اديب ۽ شاعر، دراصل هالن نون جي مردم خيز خطي جو باشندو آهي. سندس والد مرحوم ميان محمد هاشم ميمڻ، هڪ ننڍڙو زميندار هو، ۽ پنهنجيءَ زندگيءَ جو وڏو حصو هالن جي مخدوم صاحبن جو عام مختيار ٿي رهيو، جن وٽ کيس گهڻو قرب حاصل هو. مرحوم کي، پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو ايترو تہ شوق هو جو هالن نون جي سڄي شهر ۾، هندن ۽ مسلمانن مان، سندس لائق فرزند مسٽر عرساڻي ئي پهريون خوش نصيب شخص هو، جنهن بمبئي يونيورسٽي مان بي. اي جي ڊگري حاصل ڪئي.

پيدائش: سال 1904ع، سپٽمبر، هالا نوان.

تعليم: 1912ع کان اوائلي تعليم جو دور شروع ٿيو. 4 درجي ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس اسڪالرشپ ملي، پوءِ هيٺين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليم حاصل ڪيائين.

گورنمنٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد، سنڌ مدرستہ الاسلام ڪراچي، نولراءِ هيرانند ايڪڊمي حيدرآباد، اتان 1925ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪيائين.

اعليٰ تعليم: سنڌ نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۽ مسلم يونيورسٽي عليگڙه مان. انٽرميڊيٽ آرٽس ڊي. جي سنڌ ڪاليج مان، جونئر ۽ سينئر بي. اي جا ٻہ سال. 1929ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي بي. اي امتحان ۾ وينو.

ادب: ادب سان ذوق، ننڍي عمر ۾ قصن ۽ ڪهاڻين جي پڙهڻ سان ٿيو. ان وقت جي ناشرن جا سڀ ننڍا وڏا قصا پڙهيائين.

فارسي: انگريزي 4 ڪلاس کان ويندي بي. اي. تائين، سندس ثانوي تعليم فارسيءَ ۾ رهي. ان امتحان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريان نمبر کنيائين.

شاعري: سندس شاعري، فارسي ادب جي مطالعه جي مرمون منت آهي. خاص طرح طيبات سعديءَ جي پڙهڻ کان پوءِ شاعريءَ جي ذوق تي آماده ٿيو.

اول ڊي. جي. نئشنل ڪاليج مخزن ”قليليءَ“ ۾ سندس ڪلام ڇپيو. ان کان پوءِ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي مشاعرن ۾

وڏن شاعرن سان گڏ ڪلام پيش ڪندو آيو. 1925ع ۾ سنڌ مسلم ايڊيوڪيشنل سوسائٽيءَ جي پهرين ڪانفرنس هومسٽيڊ هال ۾، زير صدارت شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، شعر پڙهيائين. ان کان پوءِ ڪراچيءَ جي ادبي حلقن ۾ شرڪت ڪندو رهيو.

محڪمہ تعليم: علم ۽ ادب سان رغبت جي ڪري پاڻ محڪمہ تعليم سان وابستہ رهيو ۽ اسسٽنٽ ماستري کان ابتدا ڪري ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو.

تصنيفات: ’بدنصيب ٿري‘ سندس بهترين ڊرامو آهي. جنهن تي کيس مرڪزي سنڌي ادبي صلاح ڪار بورڊ طرفان انعام مليو. ٻيو شاهڪار ’سير ريگستان‘ آهي. جنهن جي تحسين ڪندي هڪ خاص تقريب ۾ کيس علامہ آءِ آءِ قاضي هار پهرايو. ان ڪتاب تي ٿر جي سيني وڏن شهرن جي پئنچاتن کيس مبارڪون موڪليون. نثر ۾ سندس مڪالما، ناول ڊائلاگ ۽ علمي تحريرون شعرن جي انداز ۾ موجود آهن. ان طرح ڪي ئي درسي ڪتاب سندس لکيل آهن. 1966ع تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين، ۽ جامع عربيہ هاءِ اسڪول جو ٻي ٿي سال هيڊ ماستر ٿي رهيو. سندس شاعري ۾ استادانہ پختگي آهي. سندس نثر رنگين ۽ مرصع آهي.

السلام اي مردِ عارف، مردِ مومن السلام،
اي سخن جا شاهؓ! اي سنڌيءَ جا محسن السلام.
تنهنجي هستي آهہ بحر بيپناهہ و بيڪران،
تنهنجي دم سان سنڌ جي اقليم آ عظمت نشان.

سنڌ جو حافظ بہ تون ۽ سنڌ جو سعدي بہ تون،
سنڌ جو اقبال تون ۽ سنڌ جو رومي بہ تون.
نڪتہ دان و نڪتہ سنج و نڪتہ بين و نڪتہ ور،
تنهنجي دم سان سنڌ جو پر ڪيف آ شام و سحر.
زندگيءَ جي لهر تو کان آ زمينِ سنڌ ۾،
۽ مثالِ شمس رخشان تون جبينِ سنڌ ۾
شعر تنهنجو اڄ بہ آهي باعث تزئين سنڌ،
تون جلال الدين سنڌي، تون نظام الدين سنڌ،
تنهنجي هستي بر گزيده تنهنجي شخصيت عظيم،
سنڌ مانند طور آهي تون مثل موسيٰ ڪليم.
توکي هو عشقِ محمد، تو ۾ ايثارِ حسين،
تو آ ڏهرايو وري هڪ بار ڪردارِ حسين.

تو سچاتو آ حقيقت ۾ مقام انسان جو،
تا ابد رهندو هي باقي تو کان نام انسان جو.
مرد مومن، مرد اعليٰ، مرد جيد السلام،
اي شهنشاهِ سخن اي آل سيد السلام.

**

(سنڌجو هي اعليٰ اديب ۽ تعليمي ماهر نومبر 1986ع تي اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. عرساڻي صاحب آخري وقت ۾ پنهنجي آتم ڪٿا بہ لکي هئي، جنهن ۾ هالا جو احوال ڏاڍي دلپزير انداز ۾ ڏنو اٿس. سهيڙيندڙ)

## ”اضعف“ هالائي (1897-1979)

**انور هالائي**

جان محمد ولد عبدالرؤف ابڙو متخلص ”اضعف“ جو جنم تاريخ 14 آگسٽ 1897ع تي ٿيو. سنڌس اسلامي ۽ تبليغي مضمون ورهين کان وٺي سنڌ جي سڀني مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا پئي رهيا آهن. شاعري توڙي انشا پردازيءَ ۾ سندس استاد مرحوم حڪيم فتح محمد ”صغير“ سيوستاني ۽ مرحُوم محمد هاشم مخلص هئا. شعر و شاعريءَ ۾ سندس ڪلام گهڻو ڪري حمديه ۽ نعتيه آهي. نعت گوئي سندس روح جي غذا ۾ شمار آهي. ڪڏهن ڪڏهن اصلاحي ڪلام به چوندو آهي. خلافت واري زماني ۾ خلافت تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين، ۽ پنهنجي شعله نوا تقريرن سان ڪافي مقبوليت حاصل ڪيائين. ’انجمن مولود النبي‘ هالا ۾ پڻ مرحوم الحاج پير محمد صاحب سائل هالائي جي سنگت ۾ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ سالن جا سال خدمت ڪندو رهيو. هي بيڙو شاعر ۽ اديب اڄ به جوانن جهڙي دل رکي ٿو ۽ پنهنجي قلمي ڪاوشن سان سنڌ جي روزانه اخبارن ذريعي ادب جي خدمت ڪندو رهي ٿو. جوانيءَ جي زماني ۾ سندس لکيل هڪ ننڍڙو ڪتابچو بنام ’احوال احمدي‘ انجمن مولود النبي هالا طرفان ڇپجي شايع ٿيو هو. هاڻي سندس مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو ڪتابي صورت ۾ جلد شايع ٿيڻ جي توقع آهي.

پڇين ڇا ٿو، يلا ڪهڙي مديني جي فضا آهي،
سموري خاڪ يثرب جي عزيزا حق نما آهي.
مديني جي مٽيءَ کي مانُ هي اعليٰ ڏنو موليٰ،
جو ساڪن خاڪ اطهر ۾ رسول ڪبريا آهي.
پرانهين پنڌ تي مان پيوگذاريانٰ بيقراريءَ ۾،
سندم هن حال جو شاهد فقط هڪڙو خدا آهي.
رسائي رب اڪبر شل مديني ۾ سگهو مون کي،
مٺي محبوب مدنيءَ تان هي منهنجوسر فدا آهي!
اڏي اوڏا ڪڇا پکڙا وهان آقا جي پاڙي ۾،
اهائي روز و شب منهنجي ڏاڻي جي در دعا آهي.
مزارِ مير مرسل تي ملي من موقعو مون کي،
هجان هر دم اتي حاضر اها منهنجي رضا آهي.
ادب سان سرورِ عالم جي اڳيان آءُ بيهي جيڪر،

پڙهان صلوات سيد تي، اها ئي مدعا آهي.
نبي نورالهديٰ جو مان ته هڪ نوڪر آهيان ليڪن،
انهيءَ جي در سندو گولو ته هر شاه و گدا آهي.
سندم اولاد ساري کي فدائي مصطفيٰ ڪر تون،
الاهي تو اڳيان منهنجي سدائين هي صدا آهي.
مديني جي مٽيءَ ۾ دفن ٿئي شل لاش ”اضعف“ جو،
فقط دل کي اهائي آرزو صبح و مسا آهي.
*
(محترم ”اضعف“ صاحب جن جو وصال 8 مارچ 1979 تي هالا ۾ ٿيو.)

## انجم هالائي (1902-1975)

آخوند حاجي عبدالرحمان ميمڻ المعروف ”انجم“ هالائي، هالا جي انهن شاعرن جو استاد شاعر آهي، جن پابند يا عروضي شاعري جو اهو لهجو تراشيو، جيڪو هالا جي شاعري طور ڄاتو وڃي ٿو. هن صاحب جي جنم جي تاريخ 15 آگسٽ 1902ع آهي. سندس وصال 1 نومبر 1975 ڌاري ٿيو.

هي استاد الشعراءُ طور سڃاتو وڃي ٿو. آخري وقت ۾ جيئن ته هو صاحب مذهب ڏانهن گهڻو راغب ٿيو، تنهن ڪري سندس ڪلام غائب آهي.

## گل محمد گل شيخ (1920-1999)

هيءُ صاحب نامور ليکڪ جناب الطاف شيخ صاحب جن جو والد محترم آهي. پاڻ بہ اعليٰ پائي جا اديب هئا. ”ماکي جي مک“، ڪوريئڙو“، ”ماڪوڙي“، ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان گڏ لکيل ڪتاب ”گڏهہ“ سندس اهم ترين ڪتاب آهن.

پاڻ هالا ۾ سال 1920ع ڌاري ڄاوا ۽ سندن ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي. اڳتي هلي پوني جي زرعي ڪاليج مان ائگريڪچلر شعبي ۾ بي ايس سي ڪيائون. ان بعد روينو کاتي ملازم ٿيا. هو پنهنجي وقت جا مشهور ڊپٽي ڪمشنر بہ هئا. ڪين سرڪار اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا اماڻيو هو، جتان هو نيويارڪ جي يونيورسٽي مان ايم ايس سي ائگڪلچر جي ڊگري وٺي آيا هئا.

شيخ صاحب جو وصال 23 مارچ 1999ع تي ٿيو.

## پروفيسر احمد علي انصاري (1933-2003)

سائين پروفيسر علي احمد انصاري صاحب جن هالا ۾ 23 نومبر 1933ع ڌاري ڄاوا. سندس انٽر تائين تعليم هالا ۾ ٿي. ان بعد هنن سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي (عربي) ۽ ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيون.

پاڻ تعليم کاتي ۾ بطور ليڪچرر پرتي ٿيا. سائين جن ٻه ڍاڪا کن ريٽائرمينٽ تائين سروري اسلاميه ڪاليج جا پرنسپال رهيا.

سائين جن ڪافي مقالا لکيا ۽ ان کان علاوه قرآن حڪيم جي ڪجهه پارن جو ترجمو به ڪيو. سائين جن اعليٰ پائي جا مقرر هئا.

سندن وصال جي تاريخ 7 ڊسمبر 2003ع آهي.

# ”منصور“ ويراڳي (1930-2008)

**انورهالائي**

عبدالرؤف ”منصور“ ويراڳي، ولد جان محمد ’اضعف‘ ابڙو جو جنم دادو ضلعي جي شهر مانجهند ۾، 8 آڪٽوبر 1930ع تي ٿيو. پرورش جو ٻيو سال ڪنڌ ڪوٽ ۾ پوري ڪرڻ بعد جنم ڀونءِ تي بيفڪر زندگيءَ جون پنج حسين بهارون ماڻي پنهنجي آباڻي وطن هالا ۾ آيو، جتي زندگيءَ جي مقطع ڪي مديني پاڪ ۾ نيائڻ لاءِ مقدر جو اوسيڙو ڪيي رهيو آهي. شاعري ۾ مرحوم نظامي ڪي استاد ڪري ورتائين، ۽ سنڌ جي قومي شاعرن ۾ اهم مقام حاصل اٿس. خلافت هلچل جي مشهور مجاهد مرحُوم سائل هالائي جي استادانہ صحبت ۽ سيد احسن الهاشمي جي مجاهدانہ رفاقت سندس زندگيءَ ڪي جهد و رياضت جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. ويراڳ ۽ عسڪريت جو عجيب امتزاج سندس قلندرانہ زندگيءَ جي سڃاڻپ جو نشان آهي.

سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ رفيق پرائيويٽ اسڪول ۾ مفت تعليم جو انتظام، گرلس اسڪول کولائڻ، عربڪ ايجوڪيشن سوسائٽي وسيلي مفت عربي سيکارڻ جو بندوبست وغيره سندس ڪاوشن جا مظهر آهن. پاڻ هن وقت فري ڪوچنگ انسٽيٽيوٽ کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ راهون هموار ڪري رهيو آهي.

ڪجهہ وقت لاءِ ماهنامي ’منزل‘ جو ايڊيٽر ۽ سروري مئگزن جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. شاعريءَ جي اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪرڻ خاطر شاعريءَ ۾ دلچسپي ورتي ٿو. ان سلسلي ۾ شاعريءَ جي قديم روايتن سان گڏو گڏ جديد صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس. ’نغمہ رندان‘ مان سندس اصلاحي شاعريءَ جا ڪرڻا نمايان طور بکي رهيا آهن. سندس هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن: (1) وطن جي راهہ ۾، (2) سوري جنين سيج، (3) صدائي وطن، (4) ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، (5) شام و سحر. ازانسواءِ ڪيترائي قلمي نسخا طباعت ۽ اشاعت جي انتظار ۾ موجود آهن. گذريل ٻارهن سالن کان وٺي شهري زندگيءَ جي هل هنگامي کان دور، هڪ گمنام گوشي سنياسي ڪارنر ۾ عليل ۽ ويراڳي زندگيءَ جون گهڙيون گهاري رهيو آهي، مگر اتي بہ ادب ۽ سماج جي خدمت وس آهر بدستور جاري آهي. دارالاشاعت کي پڻ ڏهن سالن کان وٺي ڪاميابيءَ سان هلائيندو اچي. سندس ننڍري جهوپڙي ”ڪاشانہ منصور“ اڄ بہ ڪيترن ئي ادب جي اڃايلن ۽ ساهت جي پروانن جو مرڪز آهي.

## غزل

مان تقدير امم جي هر ادا کي آزمايان پيو،
ازل کان ابتدا ۽ انتها کي آزمايان پيو.
شناسائي رموز عشق مرسل جي تلاشي ۾،
زمين جي ذره ذره حق نام کي آزمايان پيو.
بلال و خالد و حيدر ۽ طارق جي تتبع ۾،
پهاڙن ۾ بہ ان جي نقش پا کي آزمايان پيو.
ستارن کان اجا اڳتي ڪمند تدبير جا اڇلي،
وطن وارن جي بخت نارسا کي آزمايان پيو.
حصول منزل مقصود خاطر هي تجسس ڏس!
خلا ۾ پڻ الاجي ڇا جو ڇا کي آزمايان پيو.
جنون شوق خدمت ۾ عجب وحشت مثال آهيان،
دوا کي آزمايان پيو، دعا کي آزمايان پيو.
پليدي ۾ پُسڻ کان پاڻ کي پالهو رکڻ ڪارڻ،
اجا پنهنجي گاهن جي قبا کي آزمايان پيو.
خودي، مستي، نيازي ۽ شريعت جي حقيقت سان،
رسوم عشق همت آزما کي آزمايان پيو.
شهيدان وطن جي خون سان رنگين گلشن ٿيو،
جگر جي خون سان رنگ حنا کي آزمايان پيو.
اصول شاعري کان دل بڻي ازلون صفا باغي،
مگر ان سان ئي تاثير صدا کي آزمايان پيو.
ڏئي نقش ڪهن کي روپ جدت جو ۽ رنگيني،
اڄو ڪن شاعرن جي ارتقا کي آزمايان پيو.
هي شمع زندگي منهنجي جلي پيئي پتنگ وانگر،
پڇي مان پرت جي پڙ ۾ فنا کي آزمايان پيو.
وطن جي راهہ ۾ منصور جا پختا قدم آهن،
جفا جڳ جي سهي پنهنجي وفا کي آزمايان پيو.

****

(سائين ويراڳي صاحب جو وصال 15 فيبروري 2008 تي هالا ۾ ٿيو. ويراڳي صاحب جي شخصيت جو هڪ اهم پهلو اهو هو تہ هو بهترين استاد بہ هئا. سندس هڪ شاگرد قاضي محمد اعظم قريشي صاحب جن مون کي ٻڌايو تہ ويراڳي انگريزي توڙي تمام پلي نموني سيکاريندو هو. سهيڙيندڙ)

# قاضي غلام محمد قريشي (1924-1991)

سنڌ جي هن نامياري عالم، عارف ۽ مخير شخصيت محترم قاضي غلام محمد قريشي صاحب جن جو جنم هالا پراڻا ۾ 14 فيبروي 1924ع (18 جمادي الثاني 1341 هجري) تي ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ حاصل ڪيائون. مئٽرڪ جو امتحان 1955ع ۾ فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون.

اڳتي هلي 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي فارسي ۾ فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون. 1964ع ۾ ايم اي عربي پاس ڪيائون ۽ ساڳئي سال ايل ايل بي به پاس ڪيائون.

قاضي صاحب سروري اسلاميه ڪاليج جا 1953ع کان وٺي 1970ع تائين نه صرف اعزازي سيڪريٽري رهيا، پر جمعي جي ڏينهن سيرت تي ليڪچر به ڏيندا رهيا.

سندس شاعري تمام ٿورڙي آهي. البت نثر ۾ سندس تحريرون ڪافي آهن. هيل تائين سندس ٽي تصنيفات ”سيرت نبي ﷺ“، ”نماز“، ۽ ”تاريخ درگاهه شريف هالا“ شايع ٿي چڪيون آهن.

ان کان علاوه ”ديوان آخوند محمد قاسم“، فارسي زبان ۾ تصحيح ٿيل، انگريزي مقدمي ۽ ترجمي سان قلمي صورت ۾ اڻڇپيل آهي.

قاضي صاحب جن جي علم پروري جي اهم نشاني اها هئي ته سندن دسترخوان تي سڄي پاڪستان جا عالم، اديب ۽ شاعر رونق افروز ٿيندا رهيا.

قاضي صاحب جن 21 نومبر 1991 تي رحلت فرمائي.

## ”انور“ هالائي (1925-1995)

**غلام هالائي**

محمد شفيع ولد احمد خان ابڙو، المعروف ’انور‘ هالائي تاريخ 11 ڊسمبر 1925ع تي هالا ۾ تولد ٿيو. پنهنجي گهراڻي جي علمي، ادبي ماحول سبب ننڍپڻ کان ئي منجهس سخن ۽ ادب جو شوق هوندو هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر شاعر، ميون عيسو هالائي، انور هالائي جو جد امجد هو. 14 ورهين جي عمر ۾ ڪجهه ٿڪو شعر چوڻ لڳو. ان وقت هالا ۾ انجمن علم و ادب طرفان ادبي سرگرمين جي ڪري، انور جي ذوق ۾ اضافو ٿيندو رهيو. لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ ماهوار رسالي ”اديب سنڌ“ جي مطالعه پڻ کيس گهڻي قدر مدد ڏني، ۽ رسالي جي طرحي مشاعرن ۾ مڪمل طور حصو وٺندو رهيو. سندس پهريون نظم بعنوان ”شاعر“ فيبروري 1941ع ۾ رسالي ”اديب سنڌ“ ۾ شايع ٿيو. سال 1945ع کان انجمن علم و ادب جو سيڪريٽري مقرر ٿيو، ۽ انجمن جي زير اهتمام، هڪ آل سنڌ ادبي ڪانفرنس 1946ع ۾ هالا ۾ منعقد ڪرائڻ ۾، حضرت طالب المولي جي سرپرستيءَ ۾ انور هالائي وڏو حصو ورتو. هالا جي تاريخ ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اهو پهريون مثال ٿيو. هالا جي پختہ قلم ۽ استاد الشعراء مرحوم اختر هالائي جي شاگرديءَ ۾ سندس شاعرانہ رنگ نمايان ٿيڻ لڳو. انور هالائي جي ڪوششن سان، حضرت طالب المولیٰ جي سرپرستي هيٺ هالا مان ماهنامہ ”فردوس“ رسالو نومبر 1950ع کان جاري ٿيو. ”فردوس“ دوران، سنڌ جي اڃوڪن مشهور شاعرن جو تعارف ڪرايو ويو هو.

1953ع ۾ انور هالائي جو هڪ سماجي ناول ”آواره“ فيروز پبليڪيشنس هالا، طرفان شايع ٿيو، جنهن جي مقبوليت جو اندازو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو، جو هڪ سال کان بہ گهٽ عرصي اندر اهو ناول ختم ٿي ويو، ۽ اڄ بہ ”آواره“ نادر ترين ڪتابن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. 1950ع کان 1960ع وارو دؤر انور هالائيءَ جي غزليات واري شاعريءَ جو هو، جنهن ۾ مختلف صنفن تحت غزل ۾ نوان نوان تجربا ڪيائين ۽ ساڳئي وقت چڱا موچارا افسانا ۽ ادبي مضامين پڻ لکڻ لڳو. سال 1954ع کان انور هالائي، رفيق ويلفيئر ائسوسئيشن، جو ميمبر ٿيو. سال 1960ع ۾ پروفيسر محبوب علي چنا، پرنسپال، سروري اسلاميہ ڪاليج، هالا، کيس ’انجمن فروغ ادب‘ جو معاون ڪري ڪنيو. مٿين انجمن نون ذهنن تي مشتمل آهي، جا اڄ هالا جي ادبي جماعتن ۾ نهايت سني ۽ سرگرم جماعت آهي. 1964ع کان انور هالائي جي رٿا مطابق، هڪ نئين اداره ”الخالق ادبي اداره“ جو بنياد پيو، جو اڄ تائين قائم آهي.

انور هالائي، طالب المولىٰ اورينٽل ڪاليج هالا ۾ سال 1965-66ع ليڪچرار پڻ رهي چڪو آهي. سندس شاعرانہ فڪر ۾ قديم ۽ جديد نظريات جو امتزاج آهي. هن جي راءِ آهي تہ ترقي ذهن قدم وڌائڻ لاءِ مشڪلاتن جا پهاڙ فتح ڪرڻ ضروري آهن. سنياسي ادبي سنگت هالا سان سندس تعاون سال 1963ع کان اڄ تائين رهندو اچي ٿو. تازو سال 1968ع ۾ محترم سوز ابڙي جي تعاون سان هڪ تنقيدي ڪتاب ”پرچن شال پهنوار“ لکيو اٿس، جو لطيفي ادب جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هالا شهر خواه آسپاس جي ڪيترن ئي سنن سنن شاعرن وقتاً وقتاً کانئس اصلاح ورتي آهي. هو روزانہ ’نواءِ سنڌ‘ جي ادبي صفحي جو انچارج رهي چڪو آهي. هن وقت ”عزيز نيوز ايجنسي ۽ بوڪ سيلر هالا“ جو مالڪ آهي.

سندس ڪيترائي اشعار ۽ مضامين سنڌ جي مشهور رسالن سماهي مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ بادل کان سواءِ روزانہ عبرت، نواءِ سنڌ ۽ مهراڻ ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. سندس ڪيترائي نظم ۽ افسانا، حيدرآباد جي اردو رسالي ”نئين قدرين“ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن.

**

(مٿيون مضمون غالبن مهراڻ جي شاعر نمبر واري پهرئين ڇاپي واري سال 1958ع ۾ لکيو ويو هو. بهرحال ان کان پوءِ انور هالائي صاحب ڪافي سالن تائين سنڌي ادبي بورڊ جي ماهوار رسالي گل ڦل جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ان کان علاوه بزم طالب المولىٰ جو مرڻ گهڙي تائين سيڪريٽري جنرل ٿي رهيو.

سنڌي ادبي بورڊ پاران سندس شعري مجموعو ”چنڊ جون ڪلائون“ ڇپجي پڌرو ٿيو.

سندن وفات جي تاريخ 12 جنوري 1995ع آهي. سهيڙيندڙ)

ڪمپوزنگ: برڪت علي شيخ

## غلام الرسول غلام هالائي (1920-1984)

### سهيل فيصل ابڙو

غلام هالائي مرحوم هڪ املهه هيرو، علم ادب جو پيڪر، شاعر شيرين بيان، موسيقي جو مستانو ۽ محبت جو پروانو هوندو هو. پاڻ 1946ع ۾ فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ هڪ شاندار استاد بنجي هزارين اونداهن ذهنن ۾ علم جي روشنيءَ جو نور پهچايو. هو هڪ باڪمال استاد سان گڏوگڏ پاڻ ڪامياب ڊرامه نگار، سريلو سنگيتڪار، بهترين هدايتڪار، خوش خط پينٽر ۽ بهترين گلوڪار پڻ هو. ڪيس گهڙي وڄائڻ تي خاص مهارت حاصل هوندي هئي. استاد بيبو خان ۽ استاد منظور علي خان سان ڪيترا پيرا گهڙي تي سنگت ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيائين. غلام صاحب شعر و سخن جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. بزم رفيق ۽ بزم طالب المولىٰ سان خاص طور وابستگي رهين. ”الخالق“ ادبي اداري جو بنياد رکيائين، جتان پڻ سوين شاگردن (بشمول نامور شاعر سوز هالائي جي) سائين مان فيض پرايو. شاه لطيف جي رسالي تي ڪمال جو عبور حاصل هين. سندس هڪ دفعو سمجهايل ڳالهه ٻڌندڙن جي ذهن تي هميشه لاءِ نقش ٿي ويندي هئي. موجوده وقت ۾ شاعرن جي اڪثريت سندن شاگرد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿي. پاڻ آخرين عمر تائين روشن تارا اسڪول هالا جو ائڊمنسٽريٽر ٿي رهيو. 27 آگسٽ 1984ع تي پاڻ رحلت فرمايائون. سندن ٻه تصنيفات ”وري ياد آئي“ ۽ ”گفتا ۽ گفتار“ ڇپيل آهن.

دغا باز دائم دغائون ڪندا پيا
جفا جون نيون ڪوجنائون ڪندا پيا
غلاما نه ڏج تنهنجي نيت سچي آ
گلا خور گڏجي گلائون ڪندا پيا.

## اسحاق هالائي (1899-1947)

حاجي محمد اسحاق ميمڻ نانوائي المعروف اسحاق هالائي 27 اپريل 1899ع مطابق 16 ذوالحج 1316هجري تي هالا ۾ ڄائو. سندس ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي.

هي صاحب تمام اهم شاعر هو. پاڻ ساڳئي وقت فارسي، عربي ۽ هندي ٻولين جو ماهر بہ هو.

سندس ٿي شاعري جا مجموعا "مارئي جا آلاپ - ڏينهن راتين ۾"، "شيرين ڪلام عرف جذبات اسحاقيہ"، ۽ "نواءِ فراق" شايع ٿيل آهن. محترم اسحاق صاحب جو وصال 31 آگسٽ 1947ع تي هالا ۾ ٿيو.

## عبداللطيف ساقي هالائي (1932-1993)

عبداللطيف ابڙو المعروف ساقي هالائي هالا ۾ فيبروري 1932 ۾ پيدا ٿيو ۽ 23 فيبروري 1993 تي رحلت فرمائي ويو.

ساقي صاحب کي نظم توڙي نثر تي خصوصي مهارت حاصل هئي. پاڻ نہ صرف مزاحيہ شاعري ڪئي پر ڪافي مزاحيہ ۽ اصلاحي فيچر بہ لکيائين. پاڻ سنا ڪمپيئر بہ رهيا.

ڪجهہ عرصو بلدياتي ڪائونسلر بہ رهيا. سندس بہ تصنيفات ”نينهن نشا“ ۽ ”سُرڪي“ ڇپيل آهن.

## محمد يعقوب جليس هالائي (1912-1989)

محترم محمد يعقوب ابڙو المعروف جليس هالائي جو جنم هالا ۾ 12 سيپٽمبر 1912 تي ٿيو. سندس ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي ۽ ان بعد هو سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ هو روينيو کاتي ۾ ملازم ٿيو، جتي پروفيشنل امتحان پاس ڪري هو مختيارڪار ٿيو.

جليس صاحب نہ رڳو شاعر هو، پر نثر نويس بہ هو. سندس رحجان اسلامي تصوف ڏانهن گهڻو هو. ان ڪري سندس شاعري توڙي نثر جو اهم موضوع بہ اهو ئي رهيو.

سال 1953ع ۾ سندس ڪتاب ”اسان جو قرآن“ شايع ٿيو. ان کان علاوه ”عورت“ نالي وارو ڪتاب اڻڇپيل آهي.

جليس صاحب جو وصال 7 اپريل 1989 تي ٿيو.

## عبدالرحيم "ارشد" هالائي (1932-1991)

هالن جي ابڙن جي ادبي گلستان جو هڪ گل محترم عبدالرحيم ارشد هالائي بہ هو. سندن جنم هالا ۾ 15 آگسٽ 1932ع تي ٿيو. سندن والد محترم بہ هڪ ناليواري شاعر هو.

محترم ارشد صاحب جي ابتدائي توڙي ثانوي تعليم هالا ۾ ٿي.

هو نہ رڳو سٺو شاعر، پر هڪ سٺو مضمون نگار، مقرر ۽ اعليٰ درجي جو استاد ۽ تعليمي ماهر بہ هو. ڪافي وقت تائين هو هاءِ اسڪولن جو هيڊماسٽر رهيو تہ تعليم کاتي ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر بہ ٿي رهيو.

هيل تائين سندس ڪجھ نصابي توڙي غير نصابي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن جا نالا آهن: "سر سارنگ جي تشريح"، "برساتي بوندون"، "بانو"، "رفيق گرامر" ۽ "انگلش ٽرانسليٽر".

ارشد صاحب بزم رفيق ۽ سنياسي ادبي سنگت هالا جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو.

سنڌ جي هن عالي دماغ شخص 23 اپريل 1991 تي رحلت فرمائي.

## حاجي محمود هالائي

حاجي محمود هالائي جن هالا جي نامور شاعر اسحاق هالائي جا فرزند آهن. سندن شمار سنڌ جي نامور صحافين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ هالا ۾ پيدا ٿيا ۽ ابتدائي تعليم به هالا ۾ ورتائون. پر اڳتي هلي هو ميرپورخاص ۾ لڏي ويا. اتي هنن هڪ پريس قائم ڪئي ۽ هفتيوار همدرد به شايع ڪئي.

سندس اولاد به صحافت ۽ ادب ۾ حصيدار بنيل آهي. سندن هڪ فرزند اطلاعات کاتي ۾ عملدار آهي، ٻيو صاحب مختيار هالائي شاعر به آهي ۽ هالا ۾ پرنٽنگ پريس هلائي رهيو آهي ۽ ٽيون مشتاق ميمڻ هڪ ناليارو صحافي آهي.

# صوفي آسو مل (1854-1941)

هالا پراڻا جو هيءُ صوفي شاعر سال 1854ع ڌاري هالا پراڻا ۾ ڄائو. سندس ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ ٿي. پاڻ سنڌي فائينل پاس ڪري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ داخل ٿيا. جتان ٽن سالن جو ڪورس پاس ڪري اچي تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيا. ان کان علاوه پاڻ خانگي طرح حڪمت به سکيا.

نوڪري دوران سندس لاڙو تصوف ۽ ويدانيت ڏي ٿيو. ان جي اثر ۾ رهي ڪري پاڻ ڪافي ساري شاعري ڪيائون. سندن شاعري جي پهرئين مجموعي جو نالو هو ”ديوان آسو“. ان کان علاوه به سندس ڪافي ڪتاب لکيل آهن، جيڪي سندس پوين وٽن رکيل هئا.

روايتون آهن ته هو هر مهيني پير عبدالقادر جيلاني جي يارهين ملهائيندو هو.

هن پياري انسان جو وصال 15 فيبروري، 1941ع تي ٿيو. ڳالهه ٿا ڪن ته چڪيا ڏينڻ بعد جڏهن هاني چوندڻ ويا ته هڏيءَ مان ثابت وار نڪتو جو هڪ پرتي جي نشاني آهي ۽ اهو وار ۽ ٻيون سندس ڪم آڻڻ واريون شيون سندس اولاد وٽ رکيل آهن.

ٿل: ڪرم ڪري آيو راڄ جو راڻو
بنيو باغيچو پتو هي پاڻو

1. سرڪ سڪڻ جي ماءِ پياريم
تنجڻ محبت منجهه تنجايم
مليم پينگهي ۾ ڪوڏڪ جو اولاڻو

2. انن ورهين ۾ ٽيس ست سنگهه پيرو
ڪريا ڪرم ۽ شاستر نيرو
هوش انهي وير ۾ هو جو ٻاراڻو

هالا پراڻا جي نامور ڀٽي خاندان ۾ رڳو بزرگ نہ پيدا ٿيا آهن، ساڳي وقت اعليٰ عالمن ۽ اديبن بہ جنم ورتو آهي. مخدوم رحمت الله بن مخدوم عبداللطيف جن انهي خاندان جا هڪ روشن چراغ هئا.

سندن بنيادي ناموري اعليٰ پائي جي حڪيم طور آهي. بقول مولوي محمود قريشي صاحب جن جي تہ ”وٽس ٻاهران پري پري جا ماڻهون علاج لاءِ ايندا هئا ۽ شفاياب ٿي ويندا هئا. هي صاحب مريض کي دوا سان گڏ دعا بہ ڪندو هو. سندس دعا بہ قابل قبول هوندي هئي. پاڻ حليم طبع جو، درويش ۽ حسن خُلق انسان هو.“ پر ساڳئي وقت هو اهل الله ۽ ليکڪ ۽ مترجم پڻ هو.

پاڻ سنڌي تعليم مدرسه محمديہ هالا پراڻہ ۾ مرحوم مولوي احمد وٽ حاصل ڪيائين، ۽ عربي فارسي ڪجهہ پنهنجي وڏي ڀاءُ دين محمد ۽ ڪجهہ مدرسه اشرفيہ هالا پراڻہ ۾ مرحوم مولوي عبدالرؤف بختيار پوريءَ وٽ ورتائين. پاڻ حڪمت جي شروعاتي تعليم حڪيم اجمل وٽ ۽ آخري تعليم حڪيم شمس الدين حيدرآباد وٽ حاصل ڪيائين.

روايتن موجب هي صاحب علم جفر ۽ نجوم ۾ بہ بلڪل ماهر ۽ قابل هو. پاڻ حڪمت جا بہ ڪيترائي ڪتاب عربيءَ ۾ فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائون. ان ڪان علاوه هيٺيان ڪتاب عربيءَ ۽ فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمون ڪيا اٿن.

1. عنايت المطلوب عربي جو سنڌي ترجمون
2. شرح اسرار الوحي پارسيءَ جو سنڌي ترجمون
3. شرح حڪم الاهي پارسيءَ جو سنڌي ترجمون

سندس ولادت جي تاريخ 1 ربيع الاول 1325هہ بمطابق 15 اپريل، 1907ع ڏينهن سومر آهي. سندن وصال جي تاريخ 6 شوال 1401هہ بمطابق 7 آگسٽ 1981ع هئي.

# قاضي معصوم هالائي (1935-1991)

21 جولاءِ، 1991ع، هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جنهن تي اسان کان اهڙو شخص هميشہ لاءِ موڪلائي ويو، جنهن هميشہ علمي ۽ ادبي ادارن جي قيام ۽ سارسنڀال ۾ پاڻ پتوڙيو. پر افسوس تہ ڪيس جيئري توڙي هاڻي مرڻ بعد اها مڃتا نہ ملي آهي، جيڪا پنهنجي ڪاوشن جي سلسلي ۾، هو اسان کان لهڻي. انهيءَ شخص جو نالو آهي قاضي معصوم هالائي.

8 مارچ 1935ع تي هالاپراڻا جي قاضي قريشي خاندان ۾ جنم وٺندڙ هي پيارو انسان، ساري زندگي سنڌي ادبي سنگت جي شاخن، لائبرريون قائم ڪرڻ، ۽ ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ لڳو رهيو.

تعليمي لحاظ کان هن سنڌي فائينل پاس ڪري، زراعت ۽ باغباني ڪورس ۾ داخلا ورتي، پر ان ڪورس ڪرڻ بعد هن اچي ريڊيو جي انائونسري ڪئي، جيڪا ڪيس راس نہ آئي. 1954ع ڌاري نوڪريءَ جي سلسي ۾ وڃي نوابشاه وسايائين. انهيءَ وچ ۾ سندس علم و ادب سان پيچ پئجي چڪو هئو. ورهاڱي بعد سنڌي ادبي سنگت جي قيام جي سلسي ۾ جن شخصن ڪوششون ورتيون آهي، انهن مان هڪ قاضي معصوم هالائي بہ هو. ان ڪري ڪيس سنگت جي باني ڪارن ۾ بہ شماريو وڃي ٿو. نوابشاهہ ۾ ميونسپل ۾ نوڪريءَ سان گڏ ڪا پريس قائم ڪيائين ۽ اتي موجود ان وقت جي ادبي لڏي جهڙوڪ قمر شهباز، امرجليل، عبدالحڪيم ارشد ۽ ٻين سان ويجهو ٿيو. اتي ان دور ۾ هڪ رسالو ”ادا“ نالي نڪتو، جنهن ۾ پاڻ سب ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين.

بهرحال روزگار سانگي ڪيس سانگهڙ ڏي اچڻو پيو. جتي جهول شهر ۾ سندس ڪوشش سان، ون يونٽ جهڙي ڪهري دور ۾ ڪيترائي سنڌ سطح جا ادبي ميڙاڪا ٿيا. اتي سندس ڪوشسن سان سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪئي ويئي، جنهن جو پاڻ ڪيترا سال سيڪريٽري ٿي رهيو. گڏوگڏ مقامي ادب دوست ساٿين جي ڪوشش سان جهول ۾ هڪ لائبرري بہ قائم ڪرايائين، جا اڄ بہ علمي اجايلن جي اساٽ پئي اجهائي.

پنهنجي اصلي ڳوٺ هالا پراڻا ۾ بہ قاضي صاحب پنهنجي علمي ۽ ادبي سرگرمي جاري رکندو آيو، جتي نہ رڳو سنڌ سطح جون ڪانفرنسون ڪوناياڻين پر سنڌي ادبي سنگت جي شاخ 50 واري ڏهاڪي

۾ قائم ڪرايائين. طالب المولىٰ لائبرري ۽ ريڊنگ روم جي قيام ۾ نہ صرف حصو ورتائين، پر مرڻ گهڙي تائين ان جا انچارج رهيا.

قلمي پورهئي جي لحاظ کان هو هڪ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار بہ هو، مختلف موضوعن تي ننڍا وڏا مضمون بہ لکيائين. پر افسوس تہ اڄ سندس ڪافي لکڻيون دستياب نہ آهن. قاضي صاحب هڪ پبلشر بہ هو. هن وطن پبليڪيشن هالاپراڻا جو بنياد وجهي بہ ڪتاب ”حسرتناڪ زندگي“ ۽ ”دادلي“ شايع ڪرايا.

مطلب تہ هن پنهنجي سڄي حياتي علمي ادبي سرگرمين کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ گذاري ڇڏي. سندس ورسيءَ جي موقعي تي سندس ذات کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو شاندار طريقو اهو آهي تہ نہ صرف سندس ڳڻن کي هميشہ ڳائجي پر سندس مشن — علمي ۽ ادبي ادارن جو قيام ۽ سار سنڀال — کي جاري رکبو اچجي.

# عرفان مهدي (1966-1991)

اسانوٽ عام طور عرفان مهدي جي سڃاڻپ صرف قومپرست سياستڪار ۽ بي بها مقرر طور آهي. پر آئون سمجهان ٿو تہ هو رڳو سياستدان نہ هو. ان کان بہ وڌيڪ هو هڪ ليکڪ ۽ جاکوڙي پبلشر بہ هو. مون کي ساڻس ڪافي وقت گڏ گذارڻ جو فخر حاصل آهي. آئون هن ليک ذريعي چاهيندس تہ هن جو مناسب روپ قلم زد ٿئي تہ جيئن ايندڙ نسلن لاءِ اتساه جو سبب بنبو رهي.

ڪافي ورهيہ اڳ سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاپراڻا ساڻس هڪ رهاڻ رچائي هئي. مون ان زماني ۾ هڪ مختصر مضمون سندس متعلق لکيو هو، جنهن ۾ هن جي اوائلي ادبي سفر جو احوال شامل هو. آئون سمجهان ٿو تہ عرفان جي شخصيت کي سمجهڻ ۾ هي مضمون مدد گار ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري پهريون اهو مختصر ليک پيش پريان ڪجي ٿو، پوءِ وڌيڪ ٻي پٽاڙ ٿيندي.

****

هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون ستين درجي ۾ پڙهندو هوس. ياد ٿو پويم تہ اهو سال 1978 هو. اسين معروضي حالتن کان بي خبر ڏاڍو خوش هوندا هئاسين. خوشيءَ جو هڪ سبب اهو بہ هو جو ان درجي ۾ ٽيپڻ لاءِ اسانکي ڪنهن وڏي امتحان مان گذرڻو ڪونہ پيو هو، جنهن جا ڏيپ اسان جا اڳيان مائٽ شاگرد ڏيندا رهندا هئا. منهنجو هڪڙو هم ڪلاسي، قد جو وچٽرو، رنگ گورو ۽ وٽندڙ گول چهري وارو هو. همراهہ کي اداڪاري جو شوق هوندو هو، سو سدائين پيو فلمن يا ريڊيو ڊرامن جا ڊائيلاگ ورجائيندو هو. منهنجي ساڻس جيتوڻيک پڪي دوستي ڪين هئي، ڇو تہ هو اسان جي ذات وارن مائٽ شاگردن کان، ائين چئجي تہ جيلئس Jealous هو- اسين پنهنجي ذهانت جي بل بوتي تي استادن جا منظور نظر جو هئاسون ۽ هي ايڏي اداڪاري ڪرڻ کان پوءِ بہ ايترو ڌيان نہ پيو حاصل ڪري سگهي، جنهن جي حاصلات جو خبط کيس اجا توڙي آهي. بهرحال ڳالهہ پئي ڪيم تہ ساڻس پڪي دوستي نہ هئم، پر پوءِ بہ جڏهن ڪو پيرڊ فارغ هوندو هو، ۽ ڪلاس وارن جي ٿهڪن ۽ ڳالهين جا آواز ڪمري ۾ گوڙ جي شڪل اختيار ڪندا هيا، تڏهن هي فل اسڪيپ پنن جو ذري گهٽ ٿهو ساڻ ڪٽي اچي پوئين بينچ تي وارد ٿيندو هو. همراهہ نهي نڪي پنهنجو تازو لکيل ڪو ڊرامو ٻڌائڻ شروع ڪندو هو، ۽ مڪالمن جي ادائگي سمي

اداڪاريءَ جا جوهر بہ پيو ڏيکاريندو هو. ڪاش! سندس اهي ڊراما محفوظ هجن ها! ان وقت پيش ٿيندڙ سنڌي ٽي وي TV ڊرامن ۽ فلمن جو چربو هوندي بہ اهي ڊراما ان حد تائين ساراهہ جوڳا هئا، جو اهي جاگيردار دشمن هئا. اها موجود سدا موجود دشمني يعني Anti-Status Quo واري اخلاقيات اڄ بہ همراهہ جو شيوو رهندي پئي اچي.

۽ هاڻي وري سال 1979ع جي آخرڙاري ۽ 80 جي شروعاتي زماني جي يادن جا ڪجهہ اولڙا قلم جي گهيري ۾ آڻجن ٿا.

اهو منهنجو هم ڪلاسي، جنهنجو ذڪر پئي ڪيم، سو هاڻي اداڪاري ۽ ڊراما نويسي سان گڏ ڪهاڻيون بہ لکڻ لڳو هو - سماجي براين جي تنقيد تي ٻڌل جذباتي ڪهاڻيون. انهيءَ عرصي ۾ همراهہ ڪتاب ڇپائڻ جو شوق پالي ٿو. ڪيس ڇپائيءَ جو ٿورو گهڻو تجربو، اسان جي هڪ ڪلاس ٽيچر سائين علي محمد ميمڻ جي رهنمائي ۾ نڪتل علمي ۽ ادبي اخبار، جنهنجو نالو مون کي ياد نٿو اچي، ۽ ٻالڪ ادبي سنگت، جنهنجو هيڊ ڪوارٽر هالاپراڻا ۾ هو، جي رسالي ”صدائي وطن“ سان ويجهو رهڻ سان حاصل ٿيو. اهو ممڪن آهي تہ سندس ڪتاب ڇپائڻ واري شوق جا محرڪ اهي ٻئي periodical هجن. سو همراهہ وڪ وڏايو پبليڪيشن جا ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ حيدرآباد جي پريسن جا چڪر هڻي ٿو. پوءِ ڪتابن کي وڪرو ڪرڻ لاءِ نازڪ ڪلهن تي انهن کي کڻي حيدرآباد، سڪرنڊ، مٽياري، نواب شاهہ، نوشهروفيروز، ٽنڊوآدم ۽ سانگهڙ جي اسڪولن ۾ پهچي ٿو. اتي ڪتابن جي کپت ۾ اداڪاري وارو شوق ڪيس خود اعتمادي عطا ڪري ٿو. انهيءَ مرحلي ۾ زندگي جي تلخ تجربن سميت نون ڪتابن ۽ نون ليکڪن سان ڏيٺ ويٺ شروع ٿئي ٿي. ساڳي وقت معروضي حالتن جي ڄاڻ وڌي ٿي. نتيجي ۾ Anti-Status Quo اخلاقيات وڌيڪ پختگي ماڻي ٿي. پر پوءِ بہ ان ذاتهن روش يا ائپروچ طبعيتي ميلان باعث رومانوي رهي ٿي. اهو الزام اڄ بہ ورجائي ٿو سگهجي.

اڳتي هلي ٿوري عرصي ۾ همراهہ پنهنجي شخصيت جو هڪ نئون روپ ڳولي لهي ٿو- هڪ شاعر جو روپ. هو جهٽ ۾ ئي مکيہ بحروزنن جون رمزون سکي ٿو وني، جن کي ڪو ٿيرو مٽيرو هوند سالن ۾ سکي. ڪجهہ عرصي بعد اقتصادي بحران سندس ڇپائيءَ جي شوق کي ڳڙڪائي ٿو وڃي. ان وقت جيڪي اسان جي تر ۾ طرحي شاعر ٿيندا هئا، تن ۾ پڙهيل هن سنگيءَ جا شعر ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾، جن جا شعر نامعلوم گلن ۽ محبوب جي ادائن جي احوالن سان ڀريل هوندا هئا، موضوعي نواڻ رکندا هئا. سندس شعرن جا موضوع ڌرتي جا

رهواسي ۽ تن جون عام ڪيفتون هيون. ان حد تائين همراهه جي ادبي سرگرمي ساراهه جوڳي آهي، باقي جڏهن فنڪارانه پيشڪش جو سوال ٿو پيدا ٿئي، تڏهن ائين چئي ٿو سگهجي ته پرپور موضوعن هوندي به انهن جو اظهار ايڏو شاندار ڪونهي، جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ ۾ ڪو سياڪو پوي يا سندس لڳ ڪاندارجن، جيئن پٽائي يا اياز يا هن وقت جي ٻين ڪجهه شاعرن جا ڪي شعر پڙهندي يا ٻڌندي ٿيندو آهي.

(2)

27 جولاءِ 1966 تي پيدا ٿيل عرفان مهدي 4 آگسٽ 1991ع تي اسان کان پرپور جواني ۾ وڇڙي ويو. پنهنجي مختصر زندگي ۾ هن هڪ پاسي سياسي ميدان ۾ سوين في البديهه عاليشان تقريرون هوائن حوالي ڪيون آهن ته ٻئي پاسي ادبي ميدان ۾ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪافي نظم ۽ غزل، ڪهاڻيون ۽ امرتا پريتم جي هڪ ناول جو بطور هڪ اداس ڇوڪري ترجمو اسان جي لاءِ ڇڏي ويو آهي. ۽ بحيثيت هڪ پبلشر جي، آمر ضيا جي ڪاري دور ۾، چوڏهن پندرهن ورهين جي عمر ۾ وک وڌايو پبليڪيشن قائم ڪري، ڪتابي سلسلو جاري ڪيائين ۽ ڍاڪو کن ڪتاب ڇپايائين. مونکي ته يقينن ادبي دنيا ۾ متعارف ڪرايائين، پر ٻي منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته اها عرفان جي صحبت هئي جو منهنجي ڳوٺ جو پلوڙ شاعر سوز هالائي محدود طرحي ۽ روايتي ادبي نظام کان ڌار ٿي وسيع ۽ جديد ادبي ميدان تي پاڻ کي پيش ڪيو ۽ جديد ادبي روايتن سان نئين سر ڳانڍاپو قائم ڪيو.

اڄ عرفان کي اسان کان طبعي طور جدا ٿئي ڪافي عرصو گذريو آهي. پر ادبي توڙي سياسي ميراث جي صورت ۾ سندس موجودگي اسان جي لاءِ سرهائيءَ جو سبب رهندي اچي. ڪيس ۽ اهڙن ٻين عالمن ۽ اديبن کي ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي، ته هنن جن آدرشن ۽ مقصدن لاءِ پاڻ پتوڙيو، تن کي اڳتي وڌائجي ته جيئن ڪوڙ ۽ ڪدورت، بک ۽ بدحالي کان آجو ۽ امن ۽ آشتي وارو سماج اڏجي پوي.

(3)

عرفان جو تعلق هالا پراڻا جي معروف جي ڊي ميمڻ خاندان سان آهي. سندس وڏو چاچو جناب جي ڊي ميمڻ سنڌ جو نالي واري ڪامورو آهي. پاڻ سنڌ جو فنانس سيڪريٽري، وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر توڙي نينشنل فنانس ڪميش تي سنڌ پاران رڪن رهيو آهي. هن جا ٻيا چاچا توڙي سؤٽ بيوروڪريسي جو حصو رهيا آهن. سندن والد جناب غلام مهدي صاحب جن ڪجهه عرصو ٽيچر رهيا، ان بعد

زميندار ي  كندا رهيا. سندس والد اسان جي تر ۾ ارڙي ۽ بي ڏپي شخص طور مشهور هو.

عرفان پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول هالاپراڻا مان ورتي. سيڪنڊري تعليم لاءِ هو ان وقت جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ هاٽوڪي شهيد اسلم ميمڻ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. انٽرميڊيٽ پري انجنيئرنگ ۾ سروري اسلاميہ گورنمينٽ ڪاليج مان ڪيائين. دائود انجيئرنگ ڪاليج ۾ سندن داخلا ٿي هئي پر سياسي سرگرمين توڙي جلدي شادي ڪري اها ڏگري حاصل نہ ڪري سگهيا.

سندن شادي ڊاڪٽر رومانہ هاليپوٽہ سان ٿي. ڪيس بہ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

## سائل لاڪو(وصال 2006ع)

اسي ۽ نوي واري ڏهاڪن ۾ هالا جي تر ۾ ڪافي سارا طرحي يا غير طرح مشاعرا ٿيندا هئا. ان مشاعرن جو اهم ترين شاعر سائل لاڪو هوندو، جيڪو اڪثر پنهنجن شاگردن سميت اتي پنهنجي شاعري ٻڌائيندو هو. لاڪو صاحب اڻ پڙهيل هو، پر هن هوندي بہ هو ڪل وقتي شاعر هو.

سنڌ جي جنهن حصي ۾ مشاعرو ٿئي ۽ ڪيس دعوت ملي، اتي هي صاحب پنهنجي هڙان خرچ ڪري ضرور شريڪ ٿئي.

سندس ولادت جي تاريخ معلوم ڪانهي، البت سندن وصال 21 نومبر 2006ع تاريخ تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ پرسان ٻاروچو باغ ۾ ٿيو. سندس پهريون شعري مجموعو "سائل جون صدائون" سندس وفات کان پوءِ رئيس علي احمد نظاماڻي جي ڪوششن سان شايع ٿيو آهي. ياد رهي تہ انهي صاحب 2007 ۾ سندس پهرئين وررسي بہ ملهائي هئي.

## مظفر حسين طبيب متقي (1957-2006)

مرحوم مظفر حسين ميمڻ ”طبيب متقي“ پنهنجي پر ۾ هڪ انوکو شخص هو. هن تاريخ 14 جولاءِ 1957ع تي هالا شهر ۾ جنم ورتو. ۽ 18 جنوري، 2006ع تي اسان کان هميشہ لاءِ موڪلائي ويو.

طبيب بنيادي طرح هڪ محقق هو، پر شروعاتي دور ڪهاڻيون بہ لکيون تہ شاعري بہ ڪئي. هو ڏاڍا سنا منصوبا جوڙيندو هو، پر وسائل جي ڪمي باعث اهي پايہ تڪميل تي نہ سگهيا. هن هڪ اداري هالا انسٽيٽيوٽ جو بنياد وڌو هو، جنهن تحت هو هالا جي سيني پهلوئن تي مواد ڪٺو ڪندو رهندو هو.

مونکي حميد شهيد صاحب ٻڌايو تہ مرحوم ”صد شعراءِ هالا“ جي نالي سان ڪتاب بہ لکيو هو. ان کان علاوه محترم سهيل فيصل ابڙي پنهنجي اٽڪپيل مقالي ۾ هن صاحب جي ٻن تصنيفن ”حب رسول ﷺ“ ۽ ”مٺين مالا“ جا نالا ڄاڻايا آهن.

زندگي جي آخري سالن ۾ هو ڪافي بيمار هو، ۽ منهنجي ساڻس ملاقات نہ ٿي سگهي. بهرحال هن وقت آئون هالا جي حوالي سان ڪجھ منصوبن تي ڪم ڪري هن جي خوابن کي ساپيا ڪرڻ ۾ رڌل آهيان.

مظفر حسين طبيب پنهنجي انٽر تائين تعليم هالا ۾ ورتي. ۽ ان کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ٽيچر طور ڀرتي ٿيو، جتي آخري وقت تائين فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. هن ٻيون پروفيشنل ڊگريون بہ نوڪري دوران حاصل ڪيون.

## مولوي محمود قريشي

سنڌ ۾ ڪجھ اهڙا اديب ۽ عالم پيدا ٿيا آهن، جن کي نڪو جيئري نڪو مئي مناسب پذيرائي نصيب ٿي آهي. اسانجو هي صاحب بہ انهن عالمن ۽ اديبن ۾ شمارجي ٿو.

ڪجھ عرصو اڳ قاضي شوڪت علي قريشي صاحب جن وٽ مونکي هن جا چند قلمي ڪتابَ ڏسڻ جي سعادت حاصل ٿي. هن پروفائيل لکڻ لاءِ وقت مون ڪوشش ڪئي تہ سندن جنم ۽ وفات جون تاريخون ملن ۽ سندس لکيتن جا نالا ملن، پر اجان ڪاميابي نہ ٿي آهي.

هن شخص هڪ پاسي هالا پراڻا جي علمي ۽ ادبي تاريخ تي ڪافي لکيو آهي تہ ٻئي سنڌي توڙي فارسي ۾ شاعري بہ ڪئي آهي. ان کان علاوه هن ڪجھ اسلامي علمن جي حوالي سان کي ڪتاب تحرير يا ترجمون ڪيا آهن.

هو مدرسہ محمديہ ۾ استاد ٿي رهيو آهي. هو خوش خط ٿي رهيو آهي.

## ڊاڪٽر سليمان شيخ (ولادت 1942ع)

شمشير الحيدري

پاڪستان ۾ هڪ ڪمپنيءَ پنهنجي پراڊڪٽ جي مشهوريءَ جو عنوان هنن لفظن ۾ ڏنو آهي: نالو ئي ڪافي آهي. سو، ڊاڪٽر سليمان شيخ جو نالو ئي سندس سڃاڻپ لاءِ ڪافي آهي. هو سنڌ جي سماج سڌارڪن جي پهرينءَ صف ۾ بيٺو آهي. سنڌ جي سڀ ڪان وڏي سماجي تنظيم سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سندس نالي سان نمايان آهي، جنهن کي هن پنهنجو رت ست ڏيئي مٿي آندو آهي.

منهنجو پائرن جهڙو هي عزيز دوست، پنجاهه سال اڳ، تڏهن کان منهنجو ساٿي رهيو آهي، جڏهن هو حيدرآباد ۾ ايل ايم سيءَ ۾ ڊاڪٽريءَ جو شاگرد هو ۽ آءُ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هوس. هو تڏهن به سنڌ جي شاگرد سياست ۾ سرگرم ورڪر هو. هن پوءِ بيهوشيءَ جي شعبي ۾ مهارت حاصل ڪئي، وري چين مان اڪوپنڪچر جي سکيا به ورتي، ۽ فوج جي ميڊيڪل شعبي ۾ ڪيترا سال ميجر جي عهدي تي رهي ڪم ڪيو. سرڪاري مقرريءَ سان، هن اوپر پاڪستان ۽ لبيا ۾ خدمتون ادا ڪيون. نوڪريءَ جو وڏو عرصو هن ڪراچيءَ جي جناح اسپتال ۾ گذاريو ۽ اتان ئي رٽائر ڪيو.

هو سماجي سڌاري جو عالمي شعور رکي ٿو، ۽ سندس وڏي خوبي اها آهي ته پنهنجي پيشي جي هزار مصروفيتن هوندي به، سنڌ جي سڄاڳيءَ واري ڪم لاءِ هروقت تيار رهي ٿو ۽ مختلف شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ميٽنگن ۽ مذاڪرن ۾ وس پڄندي ضرور پهچي ٿو. پنهنجي شهر هالا ۾ به سندس سماجي ۽ تعليمي خدمتن جو سلسلو وسيع آهي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ صحيح معنيٰ ۾ وڏيءَ اهليت، قابليت، صلاحيت ۽ سمجهه وارو ماڻهو آهي. سندس طبيعت پياري، شخصيت نياري، گفتگو لذيز، تقرير دلپذير ۽ تحرير پرتاثير آهي. سنڌ جي مسئلن تي هو عقابي نظر رکي ٿو ۽ انهن جو حل وٽس موجود آهي.

هو تمام سنو لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ آهي. سگا جي ساليانن ڪنوينشنن ۾ سندس لکيل ۽ ڪيل تقريرون يادگار آهن، جن ۾ سنڌي سماج جي موڙهل مسئلن جو نچوڙ ۽ انهن جا اُپاءَ ڏنل آهن. سندس چهري تي هر وقت چانيل مرڪ ۽ نرم لهجو، وٽس ٻئي کي قائل ڪرڻ جا هڪيا هٿيار آهن. هو هڪ دردمند دل جو ڏٽي ۽ دلربا شخصيت جو مالڪ آهي، ۽ سنڌ لاءِ هن محترم ماڻهوءَ جو وجود وڏي نعمت آهي. هو

پنهنجيءَ جاڻ توڙي ڪم جي لحاظ ڪان سچ پچ تہ تمام وڏو ماڻھو آهي، جنھن جو گھر سڄيءَ سنڌ جي سيني ماڻھن جي دلين ۾ آهي.

گھڻو ڪري هر ڪنھن وڏي ماڻھوءَ کي هڪڙي صورتحال سامھون ايندي آهي. اها هيءَ تہ سندس چوڌاري ڪي تمام قابل پر خاص طبقي ۽ خيال وارا ماڻھو گھيرو ڪري ويندا آهن. خود ڀٽي صاحب جھڙو غير معمولي ذهين شخص بہ انھيءَ حالت جو شڪار ٿي ويو جو مبشر حسن، ڊاڪٽر رحيم، ڊاڪٽر غلام حسين، مير رسول بخش ۽ ٻين اهڙن مخلص ۽ اڪابر دوستن کي مولانا ڪوثر نيازيءَ جھڙن قابل پر خاص خيال وارن ماڻھن ڪانئس ڌڪي ڌار ڪري ڇڏيو، جيڪي پيپلز پارٽيءَ جا مضبوط ٿنڀا هئا، جيڪي سندس چوڌاري حفاظتي ڪوٽ ٻڌي بيٺا هئا، ۽ جن ڪيس ٽين دنيا جو هيرو بڻائي ڇڏيو هو. پوءِ ڀٽو صاحب اڪيلو ٿي پيو ۽ بنياد پرستن هٿان مات کائي ويو.

سنڌ جو هي پيارو، نيارو ۽ ذهين وڏو ماڻھو ڊاڪٽر شيخ سليمان بہ اهڙيءَ صورتحال کان پاڻ بچائي نہ سگھيو آهي، ۽ اڪثر موقعن تي ڪانئس ڪي قدم پيوسيءَ مان کڄندا رهيا آهن.

سندس دم سنڌ لاءِ پدم برابر آهي. رب پاڪ منھنجي دوست کي سدا سلامت رکي ۽ کيس ارادن ۽ خدمتن جي وڌ کان وڌ توفيق عطا فرمائي!

**

( ڊاڪٽر صاحب 4 جون 1942ع تي هالا شهر ۾ جنم ورتو. جتي ئي سندن ثانوي تعليم ٿي. ڊاڪٽر ڪيترن مضمون، مقالن ۽ ڪتابن جي ليکڪ رهيو آهي. ”اڪڙيون اجايون“، ”سون ورني ڌرتي“، ”انسان جا پراسرار دشمن“، ”گلن جھڙا ٻارڙا ڦلن جيئن نپجن“، ”پيڪنگ پچارون“ ۽ ”ويھہ مَ وسارج“ سندن ڪجھہ ڪتاب جا نالا آهن. هن وقت هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ٽرسٽ جو سيڪريٽري آهي.

منھنجي نظر ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جن جي جيڪا وڏي ۾ وڏي دين اها آهي، تہ هن سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل پر ٽڙيل پکڙيل مڊل ڪلاسي نوجوانن کي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن جي نالي ۾ منظم ڪيو ۽ ان انتظام جي سهاري هن سنڌ جي سماجي توڙي علمي ميدان ۾ ڪافي سارو ڪم ڪيو آهي. اسان هالا واسين لاءِ هن جي شخصيت واقعي بہ باعث افتخار آهي. پر ڪيس ڀيٽا ڏيڻ جو مناسب طريقو اهو آهي، تہ هن جيڪو گس اسانکي ڏيکاريو آهي، ان تي اڳتي وڌون ۽ پنھنجو ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪري سنڌ سونهاري کي سکيو ڪرڻ جا جتن ڪريون. سهيڙيندڙ)

## الطاف شيخ (ولادت 1944)

سنڌي ٻولي جي ٻن ليکڪن لاءِ چيو ويندو آهي ته انهن جي لکڻين جي چشڪي جي ڪري سنڌي ادبي ڪتابن جا ڪافي پڙهندڙ پيدا ٿيا آهن. انهن مان هڪڙو الطاف شيخ صاحب آهي، جيڪو هالا ۾ 14 نومبر 1944ع تي پيدا ٿيو.

شيخ صاحب ابتدائي تعليم هالا ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهيا. انٽر ڪان پوءِ چٽاگانگ جي ميرين اڪيڊمي ۾ داخل ٿيا، جتان هن مئرين انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي.

شيخ صاحب جن هن انهيءَ ڊگري جو درست استعمال ڪندي سامونڊي جهازن تي نوڪري ڪئي ۽ چيف انجيئر جي حيثيت تائين جهازن تي ڪم ڪيو. ڪجهه عرصي لاءِ نه صرف ملائيشيا جي مئرين اڪيڊمي ۾ استاد طور ڪم ڪندا رهيا، پر پاڪستان جي مئرين اڪيڊمي ۾ ڪم ڪندا رهيا آهن. وچ ۾ هو سويڊن ويا جتي مالمو ۾ قائم ورلڊ ميريٽائيم يونيورسٽي مان مئريٽائيم سيفٽي ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري آيا. سامونڊي جهازن جي نوڪري ۾ هن ڪي سوين ملڪن ۾ وڃڻو پيو، جتان هو اسان لاءِ ٻي ٻها ڄاڻ ڪٺي آيو ۽ پنهنجي املهه سفرنامن واري ڪتابن ۾ ان ڄاڻ کي پلٽيو.

يقيني طور الطاف صاحب جي اهم ترين دين اها آهي ته هن اسان سنڌين کي، جيڪي گهر جا ڪڪڙ طور مشهور آهن، پانت پانت جي ملڪن تي مبني هڪ وسيع دنيا جو مفصل ديدار ڪرائي، اسان جي سوچن ۽ ويچارن کي هڪ نئين وسعت بخشي آهي.

اڄ ڪلهه جيڪي ڪجهه سنڌي اسان کي دنيا ۾ ورسيل ملن ٿا، تن مان اڪثر کي رهنمائي يا اتساهه الطاف صاحب جي لکڻين مان ئي حاصل ٿيو آهي.

الطاف شيخ صاحب 50 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. پاڻ اڄڪلهه ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن.

## ڊاڪٽر قاضي خادم (ولادت 1945ع)

سنڌ جو هيءُ نامور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامہ نگار، محقق ۽ استاد جيتوڻيڪ ڄائو الهداد چنڊ ۾ آهي، پر هالا پراڻا جو سنڌس نيپاج ۾ حصو رهيو آهي. اصل ۾ سائين جي والدين ۽ ٻين عزيزن جو تعلق هالا پراڻا سان آهي، جنهن جو اظهار تازو پاڻ امرتا رسالي ۾ ڇپجندڙ ساروڻين ۾ ڪري رهيو آهي.

قاضي خادم حسين قريشي المعروف قاضي خادم صاحب 21 نومبر 1945 تي حيدرآباد جي وسندي الهداد چنڊ ۾ ڄائو آهي.

قاضي صاحب جن سنڌي توڙي انگريزي ادب ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. ان علاوه هنن سنڌي ۾ داستان گوئي تي بہ پي ايچ ڊي ڪئي آهي.

جيتوڻيڪ قاضي صاحب صوبائي توڙي وفاقي سول سروس جا امتحان پاس ڪيا، پر پاڻ استاد بنجڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏنائون. پهرين هو ڪنهن ڪاليج ۾ استاد ٿيا، پوءِ وري سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيا، جتي ريٽائرمينٽ تائين پڙهائيندا رهيا. آخري وقت ۾ ستن سالن تائين پاڻ آرٽس فئڪلٽي جي ڊين طور ڪم ڪندا رهيا.

هن وقت جيتوڻيڪ هو ريٽائر آهن، پر علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جا اعزازي سربراه آهن. ياد رهي تہ ان چيئر تمام ٿورڙي عرصي ۾ ڪافي سارا علمي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

سائين جي ٿهي وارا ليکڪ اڪثر خاموش آهن، ۽ پنهنجي ماضي وارين ڪوشش جي ڪمائي پيا ڪائين، پر قاضي صاحب اڄان بہ بي بها تخليقون اسان کي آڇي، اسان جي تهذيبي ۽ روحاني آسودگي ۾ اضافو ڪري رهيو آهي.

سائين لکڻ جي شروعات اردو ۾ ڪئي، پر پوءِ سنڌي ۾ لکڻ شروع ڪيو. ”پيار ۽ سپنا“ (1997) ”درد جي خوشبو“ (1981ع) سنڌس طبعزاد ناول آهن. ان ڪان علاوه قاضي صاحب جن پنج ناول ترجما ڪيا آهن.

سندن ڪاوشن جي سلسلو اتي ختم نتو ٿئي، پر اڄان اڳتي وڌي ٿو: سندن هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ”سمنڊ ۽ اپسمنڊ“ (1983)، ڊرامن جو مجموعو ”لڙڪ لڙڪ زنجير“ ۽ مضمونن جو مجموعو ”ادب ۽ روايتون“ پڻ شايع ٿيا آهن. تازو هن جو انگريزي زبان ۾ هڪ اعليٰ ڪتاب The Glorious Past بہ شايع ٿيو آهي، جنهن هن صاحب سنڌي ۾ لکيل آتم ڪهاڻين جو جائزو ۽ تت پيش ڪيو آهي.

## غزل ۽ گيت جو شاعر سوز هالائي (ولادت 1937ع)

جڏهن هالا جو نالو اسانجي ڪنن تائين رسي ٿو ته فوري طور اسانکي اتي جي هٿ هنرن جهنڊي، ڪاشي، پيهون ياد اچن ٿا. پر هالا جي هڪ ٻي سڃاڻپ به آهي - سنڌس علمي ۽ ادبي تشخص.

سنڌي زبان جو سرموڙ شاعر شاهه ڀٽائي هالا جي هڪ ڪنڊ ۾ ابدي آرام ۾ آهي. مولودن جو مؤجد مخدوم عبدالرئوف ڀٽي به هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو، ته سنڌي زبان جو جديد غزل گو شاعر خليفو گل هالائي به هتان جي مٽيءَ مان نروار ٿيو. مقصد ته علم ۽ ادب جا ڪيترا روشن ستارا هالا جي علم ۽ ادب واري آسمان تي ٽمڪندا ۽ چمڪندا رهيا آهن.

هالن جي مخدوم خاندان کي ڪير نٿو سڃاڻي؟ هو نه صرف سياسي ميدان جا سوار نه آهن، بلڪ علم ۽ ادب ۾ انهن جي حصيداري تمام وڏي آهي. سروري مخدوم خاندان جي باني عالي مرتبت مخدوم سرور نوح رحمت الله عليہ نه صرف قرآن شريف جو فارسي ۾ پهريون مترجم هو، پر سنڌي زبان جو سٺو شاعر به هو. مخدوم غلام حيدر صاحب هالا ۾ تمام وڏا علمي ادارا قائم ڪيا. مخدوم طالب المولیٰ اعلي پايي جو شاعر، اديب، موسيقار ۽ سياستڪار هو.

هڪ اندازو آهي ته هالا جو هر پنجون ماڻهو شاعر آهي، يا علم و ادب جي ڪنهن نه ڪنهن شعبي سان لاڳاپيل آهي ۽ پنهنجون خدمتون آڇي رهيو آهي. ان مردم خيز ۽ علم و ادب سان پرنور ڌرتي تي هڪ ٻيو شاعر سوز هالائي آهي، جيڪو اڄڪلهه سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ شمارجي ٿو.

سوز هالائي هالاپراڻا جي هڪ غريب گهراڻي ۾ 5 ڊسمبر 1937ع تي پيدا ٿيو. بهرحال ان جو خاندان مالي طور قلاش ضرور هو، مگر علمي ۽ تهذيبي طرح بيحد خوشحال هو. سوز صاحب جي والده ماجده کي ڀٽائي جو پورو رسالو ياد هو ۽ سندن وڏو ڀاءُ فن موسيقيءَ جو ماهر هو.

اهڙي تهذيبي ماحول ۾ جناب سوز اک کولي ۽ کيس ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ موسيقي جو فن وراثت ۾ مليو. نتيجي ۾ پاڻ شاعر ٿي ويو. سنڌس موسيقي شناسيءَ جو اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ انهن چند شخصن ۾ شمارجي ٿو جن کي ڪلاسيڪي

موسيقيءَ جي مڙني باريڪين، سر ۽ تال تي دسترس حاصل آهي. سندس پنهنجي شاعري سر ۽ ردم جو انوکو امتزاج آهي، تنهن ڪري ان کي آسانيءَ سان ڳائي سگهجي ٿو.

سوز پنهنجي خاندان جو پهريون شخص آهي، جنهن پوسٽ گريجوئيشن تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. پاڻ سنڌي فائينل امتيازي نموني پاس ڪيو. وڌيڪ پڙهڻ جي سگهه نه هئي، سو نوڪري لاءِ هٿ پير هنيائين. مگر ناڪام رهيو. سو پيٽ گذر لاءِ هن مزدوري ڪرڻ شروع ڪئي. بهرحال هن پڙهائيءَ جو ڪم جاري رکيو. پرائٽن هم ڪلاسين جي مدد سان هن انگريزي سکي، ۽ ائين خانگي اميدوار جي حيثيت ۾ امتحان ڏيندو رهيو. ۽ آخر ۾ ايم اي سنڌي ۾ پاس ڪيائين. ان دوران ڪيس روينيو کاتي ۾ نوڪري ملي ويئي. جتان پاڻ چند سال اڳ ريٽائر ڪيو اٿائين. ۽ هن وقت وڪالت جي پيشي سان لاڳاپيل آهي. ائين چئجي ته سوز هڪ وڏو جاکوڙي شخص آهي.

پاڻ پهريون شعر ان وقت لکيائون، جڏهن سندن عمر ٻارهن سال هئي. باقاعده شاعري ويهين صدي جي سٺ واري ڏهاڪي جي وچ ۾ شروع ڪيائين. ائين هڪ وڏي عرصي کان هو شعرن جي گلن سان فضا کي معطر ڪري رهيو آهي. 1981ع ڌاري سندس پهريون شعري ڳٽڪو ”رنگ رتا پيچرا“ شايع ٿيو. ٻيو مجموعو ”درشن ڌارو ڌار“ سال ۾ مارڪيٽ ۾ پهتو. هن وقت هڪ پاسي سندس ٽيون شعري مجموعو تيار آهي، ته ٻئي پاسي هو حمدن نعتن ۽ نوحن تي مشتمل پنهنجو مجموعو به سهيڙي رهيو آهي.

سوز صاحب پاڻ کي رڳو شاعري تائين محدود نه ڪيو آهي. هو نثر ۾ به پنهنجون ڪاوشون ڪندو رهي ٿو. ڪجهه سال اڳ سندس نثري ڪتاب ”ڪارون وس ڪيام“ ڇپيو هو. ان ڪتاب ۾ سوز صاحب استاد محمد جمن جي شخصيت، فن، همعصرن ۽ دؤر تي لکيو آهي. يقينن اهو ڪتاب موسيقيءَ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ اهم دستاويز آهي. ان کان علاوه هو مختلف ڳائڪن، سازندن وغيره تي سوانحي خاڪا به لکي انهن کي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ڪندو پيو وڃي.

سوز صاحب تازو پنهنجي آتم ڪٿا به لکي آهي، جيڪا ڪوي جي ڪٿا جي نالي سان جلد مارڪيٽ ۾ نروار ٿيندي. اميد ته اها هڪ اهم دستاويز ثابت ٿيندي.

سوز صاحب نہ صرف سنڌي ۾ پر اردو ۾ بہ ڪافي لکيو آهي، ڪافي غزل ۽ گيت اردو ۾ منظوم ترجمو ڪيا آهن. هن پنهنجي شاعريءَ جو دروازو هميشہ کليو رکيو آهي. هاڻي هن جي اڱڻ تي بہ گلاب جا گل ٽڙيل آهي، جيڪي ڪوثر ۽ جاويد جي روپ ۾ خوشبو ڦهلائي رهيا آهن.

## حميد شهيد هالائي (ولادت 1941ع)

هالا جي هڪ اهم ترين سڃاڻپ اها بہ آهي تہ هالا ۾ رڳو شاعر نہ پر پورا شاعر گهراڻا رهندڙ آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چوان تہ شاعري جڻ ڪن خاندانن ۾ ورثي طور ملندي آهي. پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ ڪافي ابڻ شاعرن ان پيشي کي دل جي ترنگ سان قبوليو آهي، ۽ ان ميدان ۾ محنت ڪري پنهنجو مقام پاڻ جوڙيو آهي.

اسانجو پيارو سائين حميد شهيد هالائي بہ ابڻ شاعر آهي. پر شاعريءَ ۾ سندس مقام ۽ لهجو پنهنجو ئي تراشيل آهي، جيڪو کيس انفرادي حيثيت ڏياري ٿو.

حميد شهيد هالائي جي ڄم جي تاريخ ا جنوري 1941 آهي ۽ سندس اصلي نالو عبدالحميد متقي ميمڻ آهي. سندن ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي آهي. پاڻ ماسٽر آف ڪامرس کان علاوه اردو ادب ۾ ماسٽر جي ڊگري رکندڙ آهن.

جيتوڻيڪ هو ماضيءَ ۾ عروضي شعر گهڻا لکندو رهيو آهي ۽ طرحي مشاعرن جو بہ اهم شاعر رهندو اچي، پر سندس طرحي غزل بہ عام طرحي شاعرن جي ڀيٽ ۾ منفرد لڳندا آهن. هڪ تہ هنن جي غزلن جا موضوع هتان جا ئي آهن، نڪي ڪي ٻي ديس جا، جيئن رواجي عروضي ۽ طرحي شاعري ۾ لڳندو آهي. ٻيو تہ سائين حميد جي شاعري ۾ فارسي لفظن سان گڏ ٺيٺ سنڌي لفظ جو واهپو وڌيڪ ملندو آهي.

جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري جام لکي پئي وڃي، پر ان ۾ سٺي شاعريءَ جي حصيداري ٻنهہ گهٽ آهي. ان حوالي سان سائين حميد جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو موضوعي نواڻ آهي. پر اها فڪري گهرائپ توڙي ظرافت سان ڀرپور آهي. چند سال اڳ حميد شهيد هالائي جو شعري مجموعو ”پيار جا پوپٽ ۽ چاهت جا گلاب“ جي صورت ۾ اسان لاءِ سرهائي ۽ سوچ جو سامان ڪٺي آيو هو. تازو سندس ٻيو مجموعو هيڪلايون نويڪلايون بہ اسان جي هٿن ۾ آيو آهي، جنهن بہ اسان جي روحاني ترنگ ۾ اضافو ڪيو آهي. اميد تہ هو وري بہ اسان سان پنهنجا ڀال ڀلائيندو.

اسان جي اڪثر شاعرن ۽ اديبن جي ٻين عام ماڻهن توڙي ٻين پروفيشنلز سان روش ڏاڍي انوکي هوندي آهي، ۽ هو پاڻ کي ڪا ٻي جهان جي مخلوق پيا سمجهندا اهن. لاشڪ هو لافاني يا آفاقي هنر جا رکوالا هوندا آهن، پر ان جو مقصد اهو نہ آهي تہ ٻي خلق تڇ آهي. اسان جي هن شاعر جو سڀاءُ ۽ ورتاءُ بہ بيحد شفيق ۽ شائائتو آهي. دل پئي

گهرندي آهي تہ ان جي محفل مان نہ اٿجي ۽ هوند سندس ڪارائتا گفتا پيا سٽجن ۽ سنڀالجن.

حميد صاحب نہ رڳو سريلو شاعر آهي، پر منهنجي نظر ۾ هو ڪامياب والد پڻ آهي. ماشاالله سندس سڀ اولاد پڙهيو لکيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ سائين جو گهر انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن سان پريل آهي.

سائين پاڻ بہ ڪافي پڙهيل ڳڙهيل شخص آهي ۽ جيڪر چاهي ها تہ گڙنگ ڪامورو بنجي پوي ها، پر هن هميشہ استادي پيشي کي قبوليو ۽ ڪامورو بنجڻ وارين آڇن کي رد ڪيو. سائين ڪجهہ سال اڳ هڪ تجارتي علم ڏيڻ واري ڪاليج جي پرنسپال طور رٽائر ٿيو آهي. ۽ اڄ ڪلهہ هو ڪل وقتي علم و ادب سان واڳيل آهي. يا ڪٿي ائين چئجي تہ پنهنجي خانداني پيشي سان لاڳاپيل آهي. نہ صرف سندن والد محترم جناب اختر هالائي هڪ اعليٰ شاعر هو، پر سندن هڪ ڀاءُ محمد يعقوب انيس بہ سٺو شاعر آهي. سائين جو مربي پٽ عمر اختر جيتوڻيڪ هن وقت ڪل وقتي انجنيئر بنيل آهي پر مون کي معلوم آهي تہ هو پنهنجي شاگردي واري دور ۾ هڪ وڏو علم دوست ۽ ادب جو پڙهاڪو رهيو آهي. شايد اڳتي هلي ان ۾ خانداني شوق منتقل ٿي پوي.

# شوڪت علي شوڪت ابڙو (ولادت 1936ع)

سائين شوڪت ابڙو صاحب هالا ۾ ا فيبروري 1936 ڌاري هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي پيدا ٿيو. پاڻ ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ورتائون. ان ڪانپوءِ هو تعليم ڪاتي ۾ استاد طور ڀرتي ٿيا ۽ ان ڪاتي مان 1986ع ڌاري ريٽائر ٿيا.

شوڪت صاحب نہ صرف اعليٰ پائي جا اديب ۽ شاعر آهن، پر بهترين استاد آهن. ان ڪان علاوه علمي ميدان ۾ سندن اهم ترين ڪارنامو اهو آهي تہ انگريزي ٻولي جي Puzzle Word راندين جي طرز تي سالن تائين گل ڦل رسالي ۾ اهڙين ذهني مشقون ڇاهي شايع ڪرايون آهن. بي شڪ انهن علمي مشقن سوين نوجوانن جي ذهني ترقي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي.

پاڻ ڏيڪاءَ ڪان ڀري رهي، ڪنڊ پاسو وٺي علم و ادب جي خدمت ڪندا رهيا آهن.

## محمد يعقوب ”انيس“ هالائي (ولادت 1946)

محترم محمد يعقوب ميمڻ المعروف انيس هالائي جن جو تعلق هالا جي هڪ اهم علمي ادبي گهراڻي سان آهي. سندس والد محترم ”اختر هالائي“ توڙي وڏو ڀاءُ جناب حميد شهيد هالائي جن سنڌ جا مشهور شاعر آهن.

محترم انيس هالائي جو جنم 4 مارچ 1946ع تي هالا ۾ ٿيو. انيس پنهنجي ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ئي ورتي آهي.

انيس صاحب جيتوڻيڪ بنيادي طور شاعر آهي، پر هو هڪ بهترين نثر نگار پڻ آهي. ان کان علاوه هو سماجي خدمت جي ميدان ۾ به اڳڀرو رهيو آهي. هو سڳا هالا جو ڪافي سالن تائين چيئرمين توڙي جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو آهي ۽ سڳا پاران هلندڙ روشن تارا اسڪول کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ هن جو ڪردار ڀرپور رهيو آهي. تازو هن هڪ ٻيو تعليمي ادارو به قائم ڪيو آهي.

سندس برادر جناب شهيد صاحب به شعري مجموعا ڇپايا آهن، پر هي صاحب لڳي ٿو ته ڪنهن ٻئي پبلشر جي انتظار ۾ آهي.

## ڊاڪٽر عبدالقيوم روح الله زخمي (ولادت 1938ع)

سنڌي شاعري ۾ هالا جي شاعريءَ جو پنهنجو مخصوص لهجو يا امداد حسيني جي لفظن ۾ مڪتب فڪر رهيو آهي. انهي مڪتب فڪر جو هڪ نمائنده شاعر جناب ڊاڪٽر عبدالقيوم المعروف "روح الله زخمي" صاحب آهي.

ڊاڪٽر صاحب جو جنم 26 فيبروري 1938ع تاريخ تي ٿيو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم هالا مان ئي حاصل ڪئي.

سرڪاري نوڪري مان ريٽائر ٿيڻ بعد هو هوميوپيٿي ڊاڪٽر طور ڪلينڪ هلائي ٿو. اها ڪلينڪ هالا جي اديبن جي بيٺڪ طور پڻ ڪم ڪندي آهي.

ڊاڪٽر صاحب بنيادي طرح عروض جو شاعر آهي ۽ سندس اڪثر شاعري طرحي مشاعرن واسطي لکيل آهي. هو سنو نثر نگار بہ آهي. هن جي مرضي آهي تہ سندس شاعري ۽ نثر جو گڏيل ڪتاب شايع ٿئي. پر سوز هالائي صاحب سندس انهيءَ اچا تي بار بار تنقيد ڪندو رهي ٿو. بهرحال سوز صاحب ڪيس ڪافي سالن کان شاعري جو مجموعو ڇپرائڻ جي ترغيب ڏيندو رهي ٿو.

## رشيد هالائي (ولادت 1947ع)

هالا جي انتهائي معزز علمي ادبي گهراڻي جو هي چشم و چراغ هالا ۾ 29 نومبر 1947ع تي پيدا ٿيو. هن جي ابتدائي تعليم هالا ۾ ئي ٿي آهي. سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سنڌي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون ٻه ورتل اٿس. پاڻ روينيو کاتي ۾ ملازم ٿي رهيا ۽ آخري وقت ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينو ٿي ريٽائر ٿيا.

پاڻ غزل گو شاعر آهن. ان کان علاوه پاڻ ڪافي سارن ادبي ادارن جي قيام توڙي انتظام ۾ سرگرم رهيا آهن. "بزم شمس" هالا، "بزم توحيد" هالا جا باني ميمبر، ۽ "پرواز ادبي سنگت" جا جنرل سيڪريٽري ٿي رهيا آهن.

ازل کان ئي صنم ڪافر ادا کي آزمايان پيو
سراپا حسنِ خوبان دلربا کي آزمايان پيو
هزارين شوخيونٰ جنهن وٽ لڪين غمزده رشيد آهن
انهيءَ محبوب جي ناز وا ادا کي آزمايان پيو.

## قاضي شوڪت علي قريشي (ولادت 1953)

محترم شوڪت علي قريشي صاحب 6 جون 1953 تي هالاپراڻا جي علمي ادبي گهراڻي ۾ جنم ورتو آهي. سندن ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ ٿي آهي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم بي اي ڪئي اٿن.

پنهنجي بزرگوار والد محترم وانگيان پاڻ بہ هڪ عالم ۽ اديب آهن. اسلامي علوم ۽ تاريخ تي وڏي دسترس رکن ٿا. هيل تائين سندس ٿي تصنيفون ”دنيا جي حقيقت جلد اول“، ”دنيا جي حقيقت جلد ٻيو“ ۽ ”چونڊ ملفوظات حضرت مخدوم نوح رح“ شايع ٿي چڪيون آهن.

قاضي صاحب جن ڪجھ عرصي کان هالا پراڻا جي جامع تاريخ تي ڪم ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ ٻيا ڪافي علمي مضمون تحرير ڪيا اٿن.

هيءَ صاحب قاضي خادم جو ننڍو ڀاءُ آهي، ۽ هي ٻہ حيدرآباد ۾ ڄائو آهي، پر هالا پراڻا سندس تات ۾ حصو ضرور ورتو آهي.

قاضي صاحب جن سينٽرل سپيريئر سروس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس کاتي ۾ عملدار ٿيو هو. هن وقت هوان کاتي ۾ ڪمشنر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيا آهن.

قاضي صاحب هڪ سنو ليکڪ آهي. تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي سندن انگريزي ۾ لکيل ليک نامور اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

مون کي معتبر ذريعن کان اهو معلوم ٿيو آهي تہ پنهنجي ڪتبن توڙي ٻين ڪتبن جي غريب غربائن جي سهائتا ڪندو رهي ٿو.

## ”ڪلال“ (ولادت 1948ع)

هالا نوان شهر جي اتر اولهہ ۾ ڏهاڪو ڪن ڪلوميٽر پرتي هڪڙو قديم ڳوٺ ”ڪرم خان نظاماڻي“ جي نالي سان آهي. جنهن ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ هڪ پاسي سياسي ڪارڪن پئي پيدا ڪيا آهن، تہ ٻئي پاسي شاعر ۽ اديب پنهجي هنج ۾ سانديا آهن. ڪرم خان نظاماڻي جي انمول هيرن مان هڪڙو هيرو ادبي دنيا ۾”ڪلال“ جي نالي سان سڃاتو. هونئن مقامي طرح هو ڪامريڊ لڪاڏنو يا استاد ڪلال وغيره طور بہ ڄاتو وڃي ٿو.

هو رڳو شاعر يا مترجم نہ آهي، پر هڪ پڪو پختو سياسي ڪارڪن بہ رهيو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ سياست جي چڪر ۾ ئي هن ٽيچر واري سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏني، ۽ ڪافي وقت تائين هارپي کي ترجيح ڏني. ڪجهہ عرصو اڳ هو ڪرم خان نظاماڻي جي يونين ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو.

ڪلال جو اصلي نالو لڪاڏنو خاصخيلي آهي ۽ هو 9 سيپٽمبر 1948ع تي ڪرم خان نظاماڻي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم اتان حاصل ڪيائين. سيڪنڊري تعليم هالا مان حاصل ڪيائين ۽ سنڌي ۾ ماسٽرس توڙي ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين.

سندس هڪ شعري مجموعو ”پاڇا منهنجي پاند ۾“ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه هو ترجمي نگار جي حيثيت ۾ بہ سنڌي ٻولي کي مالامال ڪرڻ ۾ رڌل آهي. ان سلسلي ۾ پرل ايس بڪ جي جڳ مشهور ناول Good Earth جو ترجمو انسٽييوٽ آف سنڌيالاجي وارن شايع ڪيو هو ۽ ٻيا ڪافي ترجمن وارا ڪتاب ڇپائي هيٺ آهن.

ڪلال کي اولاد ۾ صرف نياڻيون آهن. ان سلسلي ۾ هن جو ڪارنامو اهو آهي تہ محدود وسيلن هوندي بہ هن پنهنجي نياڻين کي اعليٰ تعليم ڏياري آهي. انهيءَ طرح هن پنهنجن ڳوناڻن جي هڪ سڪيا ڪئي آهي.

# جان خاصخيلي (ولادت 1956ع)

سڄي سنڌ ۾ ڄاتل سڃاتل شاعر، ڪھاڻيڪار ۽ صحافي محترم جان خاصخيلي بہ تعلقي هالا جي قديم ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي جي مردم خيز مٽي مان نسريو آهي. سندس جنم جي تاريخ اسڪولي ڪاڳرن ۾ 23 اپريل 1956 لکيل آهي. هن پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ڪالج تائين تعليم هالا مان حاصل ڪئي. اڳتي هلي هن سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سوشيالاجي جي ڊگري ورتي.

سروري ڪاليج هالا ۾ پڙهائي دوران هو شاگرد سياست ۾ داخل ٿيو. جيئن انوقت ۾ رواج هو، تيئن هو بہ سياست جي وسيلي ادب سان روشناس ٿيو. ڪافي وقت تائين تہ هو ٻنهي سان هڪجيترو ساٿ نڀائيندور هيو، پر اڳتي هلي ڪري سياست مان هٿ ڪڍي، ڪل وقتي شاعر، ڪھاڻيڪار ۽ جاکوڙي صحافي ٿي ويو.

هن وقت تائين سندس ڪھاڻين جو هڪ مجموعو ”گم ٿيل ماڻھو ماڻھو جو سفرنامو“ مئي 1996ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ شاعري جو ڳٽڪو ڪنهن پبلشر وٽ پيل آهي. صحافتي ميدان ۾ هن سنڌ جي تهذيبي، سماجي ۽ اقتصادي رخن کي انوکي نموني نروار ڪندڙ ڪافي سارا ليک انگريزي ۾ لکيا آهن، جيڪي نامور انگريزي رسالن هيرالڊ، نيوزلائين ۽ اخبارن ڊان توڙي دي نيوز ۾ شايع ٿيا آهن.

هن وقت هو انگريزي اخبار دي نيوز ۾ رپورٽر آهي، ان کان اڳ هو بزنيس رڪارڊر اخبار ۾ سب ايڊيٽر هو. انگريزي صحافت ۾ اچڻ کان اڳ هو سنڌي اخبارن ۾ بہ ڪم ڪندو رهيو آهي. وچ ۾ ڪجھ عرصو هو ڪجھ اين جي اوز ۾ پڻ ڪم ڪندو رهيو آهي. پر اتي کيس مزو نہ آيو، وري واپس صحافت جي ميدان ۾ نروار ٿيو. صحافت ۾ اچڻ کان اڳ هو ڪراچي جي اسڪولن ۾ استاد طور بہ ڪم ڪندو رهيو آهي.

جان خاصخيلي شروع کان ئي ڪرو موقف رکندڙ يا ائين چئي تہ Non-conformist رهيو آهي، ان ڪري اخباري دنيا ۾ هڪ هنڌ ٽڪاءُ نہ ڪري سگھيو آهي ۽ مالي لحاظ کان ڪا ترقي نہ ڪري سگھيو آهي.

اسي واري ڏهاڪي ۾ هو ڳوٺ کي ڇڏي ڪراچي پهتو، جتي کيس جيتوڻيڪ هلڪو ڦلڪو روزگار مليو، پر وڏي ڳالھ اها ٿي تہ اتي کيس ادبي ۽ روحاني ترقي جا موقعا ميسر ٿيا.

جان صاحب ڪافي سالن تائين سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچي جو سيڪريٽري ٿي رهيو آهي. اگر هو سيڪريٽري نہ بہ هوندو هو تہ بہ

سنگت ڪراچي جو حقيقي روح روان جان ئي هوندو هو. ان زماني ۾ ڪراچي سنگت سنڌ جي مڙني شاخن ۾ انتهائي متحرڪ هئي. سنگت جي اها سرگرمي ڪن ڏرين کي پسند نہ آئي، تنهنڪري ڪجهہ نام نهاد سنڌي دانشورن اٽڪل ۽ هٿ ٺوڪين سان زبردستي سنگت ڪراچي تي قبضو ڪيو، ۽ جان ۽ سندس ٻين ساٿين کي پاسيرو ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ هو پنهنجي نقطي نظر تي ڄمي بيهندڙ شخص آهي، پر هو سخت ترين مخالفن سان بہ انتهائي نياز ۽ نوڙت سان پيش ايندو آهي.

## امير ابڙو (ولادت 1965ع)

محترم امير ابڙو هالا نوان ۾ 14 ڊسمبر 1965 تي پيدا ٿيو آهي. هن صاحب ڪاليج تائين تعليم هالا مان ورتي آهي. ان بعد هن سول انجنيئرنگ جي ڊگري مهراڻ يونيورسٽي مان ورتي آهي.

محترم امير صاحب ادب جي دنيا ۾ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار طور پيرپاتو. هن وقت هو نہ صرف ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي، پر هڪ پلوڙ ڪالم نويس ۽ معروف ايڊيٽر آهي. هو سالن تائين انگريزي ۾ انڊس نالي سان ماهوار رسالو شايع ڪندو رهيو آهي، جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر ٿي رهيو آهي.

هيستائين سندس ناوليٽ ۽ ڪهاڻين جو گڏيل مجموعو "هڪ ڪائنر جو موت"، هڪ سفرنامو "عورت بنان سيارو"، ڪالمن جو مجموعو "ٻي درجي جي زندگي" ۽ انگريزي ٻولي ۾ ڪتاب The Land of Midnight Sun ڇپجي چڪا آهن. ڪجھ ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار آهن.

هن وقت هو ڪراچي شهر ۾ رهائش پذير آهي.

## منوج ڪمار (ولادت 1971ع)

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ نام نهاد عالمن ۽ دانشورن جي پرمار آهي، پر حقيقي عالم يا دانشور تمام ٿورڙا ئي آهن، جيڪي بنا ڪنهن نام ۽ نمود پنهنجي ڪرت ۾ جنبيل آهن. منهنجي نظر ۾ اسان جو هيءُ نوجوان دوست منوج ڪمار اهڙن حقيقي دانشورن ۾ شمارجي ٿو. تازو سنڌ جي هڪ وڏي ليکڪ محترم عبدالقادر جوڻيجي صاحب جن به سندس گهڻ پڙهئي هئڻ جي شاهدي ڏني آهي.

اسان جو هيءُ نوجوان دانشور هالا نوان جي مصري گهٽي ۾ صوفي ميگهراج جي گهر ۾ 23 فيبروري 1971ع تي پيدا ٿيو. سندس والد جيتوڻيڪ بايو ڪيمسٽري ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان ماسٽرس ڪئي پر هن آزاد منش صوفي بنجڻ کي وڏيڪ ترجيح ڏني.

منوج هالا ۾ انٽر تائين پڙهيو. ان کان پوءِ انگريزي ادب ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ماسٽرس ڪيائين. ڪجهه وقت تائين سنڌي ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڪم ڪيائين، پوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي ليڪچرار چونڊجي تعليم کاتي ۾ آيو. هن وقت هالا جي سروري اسلاميه ڪاليج ۾ مقرر آهي. هن صاحب بي ايڊ به ڪئي آهي.

هالا ۾ اسي توڙي نوي واري ڏهاڪي ۾ جيڪي علمي ۽ ادبي ادارا جڙيا يا سرگرميون ٿيون تن ۾ هن جو ڀرپور حصو رهيو آهي.

ڪافي سالن کان روزاني ڪاوش ۾ سندس ڪالم توڙي مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا، جيڪي نوجوان نسل جي علمي اڄ اجهائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن.

منوج ڪجهه سال اڳ ڪجهه لوڪ ڪهاڻين کي نئين انداز ۾ لکيو هو ۽ اهو ڪتاب ڪنهن اداري ڇپائڻ جي لاءِ ورتو به هو، پر افسوس ته ان اداري اهو يا ٻيا ڪتاب ڇپائڻ بجاءِ ٻين اسمن جي خريداري تي پنهنجي بجيٽ ضايع ڪري ڇڏي.

منوج سان جڏهن به ڪنهن موضوع تي ڳالهائبو آهي، تڏهن هر ڀيري هو پنهنجي علم سان ٻئي کي فيضياب ڪندو آهي.

## امتياز ابڙو (ولادت 1965)

هالن جي ابڙن نسل در نسل هالا توڙي سنڌ جي علم ۽ ادب جي پرورش ۾ حصو پئي ورتو آهي. اهڙي علمي ۽ ادبي خانوادي ۾ تاريخ 19 آڪٽوبر 1965ع تي جنم وٺندڙ امتياز ابڙو پڻ آهي. نہ صرف سندن والد محترم شاعر ۽ اديب هو، پر سندس چاچو جناب انورهالائي ۽ ڏاڏو جناب احمد خان شيدا بہ ان راهہ جا مسافر هئا.

امتياز بہ ننديءَ وهي ۾ ادبي ميدان ۾ پير پاتو. هن هڪ پبليڪيشن قائم ڪري چند ڪتاب بہ شايع ڪرايا.

اڳتي هلي خانداني روش اختيار ڪري شاعر ٿيو ۽ پاڻ ڪي جديد شاعر طور مڃائي ورتائين. سنڌيڪا پبليڪيشنس، ڪراچي پاران سال 1992ع ۾ امتياز سميت ڇئن جديد شاعرن جي چونڊ شاعري جو ڪتاب "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ڇپايو هو، جنهن جو مهاڳ شيخ اياز لکيو هو.

پر اڳتي هلي هن پنهنجي لائين بدلائي، ۽ شاعري کي ڇڏي نثر ۾ مزاح لکڻ لڳو. اڄ ڪلهہ هن جو شمار نامور مزاح نگار طور ٿئي ٿو. هن نہ صرف مزاحيہ ڪالم لکيا آهن، پر مزاحيہ ڊرامہ يا ٽاڪ شو پڻ تحرير توڙي ڊائريڪٽ ڪيا آهن.

امتياز انٽر تائين تعليم هالا ۾ ورتي. ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان ميٿميٽڪس ۾ ماسٽرس ڪري تعليم کاتي ليڪچرار ٿيو. اڄ ڪلهہ هو هالا جي سروري اسلاميہ گورنمينٽ ڪاليج ۾ مقرر آهي.

سندس مزاحيہ ڪالمن جو مجموعو ڇپائي هيٺ آهي. ان کان علاوه هن وقت پنهنجي تخليقي سگهہ جو زور اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ آزمائي رهيو آهي.

## مخمور بخاري (ولادت 1979ع)

هالا جي نوجوان محقق محترم سيد رشد الله المعروف مخمور بخاري 30 مارچ 1979ع تي هالا جي هڪ علمي ۽ ادبي خاندان ۾ جنم ورتو.

انٽر تائين تعليم هالا مان پرائي، سنڌ يونيورسٽي مان سنڌي ۾ ماسٽر ڪري، تعليم کاتي ۾ ليڪچرار پرتي ٿيو. هن وقت ڪراچي يونيورسٽي مان سچل سائين تي پي ايچ ڊي ڪري رهيو آهي.

بخاري صاحب محقق سان گڏ هڪ شاعر به آهي. ان کان علاوه هڪ سٺو بحث ڪار به آهي.

سندس هڪ ڪتاب ”هالا جي ادبي تنظيمن جي تنقيدي جائزو“ سيف بخاري اڪيڊمي، هالا پاران سال 2004ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

## خان محمد ميمڻ ابو رضا (ولادت 1965ع)

اسان جي هن دوست جي هالا ۾ ناموري سياستڪار طور آهي. پر هو هڪ شاعر ۽ مضمون نويس بہ آهي. شاعري هن جي گهٽ آهي، پر هن صاحب سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مامرن تي ڪافي سارا مضمون لکيا آهن، جيڪي اڪثر ڪري ابو رضا جي نالي تحت ڇپيا آهن.

هن وقت هو سرگرم سياست ۾ حصو نہ ٿو وٺي، پر سماجي اقتصادي ۽ ڪلچرل محاذن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

هن جو جنم 25 اپريل، 1965ع تي هالا ۾ ٿيو آهي ۽ انٽر تائين هو هالا ۾ ئي پڙهيو آهي. ان ڪانپوءِ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪندو هو. پر اڳتي هلي سياست جي ڪري نوڪري تان هٿ ڌوئڻو پيس.

ڪجهہ عرصو اڳ سندس ڪوشش سان هڪ لائبرري جو قيام ٿيو. اها لائبرري طالب المولیٰ ڪالوني ۾ پڙهندڙن جي پياس پوري ڪندي رهي ٿي، بئي پاسي ادبي فنڪشن جو نڪاٽو بني آهي.

## خالد ظفر ابڙو (ولادت 1958ع)

محترم خالد ظفر ابڙي هالا جي هڪ علمي گهراڻي ۾ 3 مارچ 1958ع تي جنم ورتو آهي. انٽر تائين سندس تعليم هالا ۾ ٿي. هن صاحب لائبرري سائنس ۾ ايم ايس سي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي آهي. هن وقت هو سروري اسلاميه ڪاليج جا لائبررين آهن.

پاڻ سنا نثر نگار آهن. سندن سيرت رسول ﷺ تي ٻارن لاءِ سنڌي ۾ لکيل هڪ ڪتاب تي وفاقي حڪومت پاران ايوارڊ به مليو آهي. سندس ٻين تصنيفن جا نالا آهن ”پيج مولا“ ۽ ”ڦر ڦر سونٽو“.

## محمد مبين انصاري (ولادت 1934ع)

مبين انصاري صاحب جي ولادت هالا ۾ 3 جون 1934ع ۾ ٿي. هن جي ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي. پاڻ ايم اي ۽ بي ٽي جا امتحان سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائون.

انصاري تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيا ۽ بطور هيڊ ماستر ريٽائر ٿيا. پاڻ مترجم ۽ مضمون نويس هيا. سندن تصنيفات جا نالا آهن: ”مسلمان خواتين جا حقوق وُ فرائض“ ۽ ”حج عمري تي رهبر ڪتاب“.

# اڪبر لغاري (ولادت )

سنڌ جو نامور ليکڪ ۽ ڪامورو محترم اڪبر لغاري صاحب هالا تعلقي جي ڳوٺ دالو لغاري ۾ پيدا ٿيو آهي. ڪاليج تائين هالا ۾ ورتي اٿائين. ان بعد هن ڪجهه عرصو تعليم کاتي ۾ گذاريو. پوءِ پروانشل سول سروس جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. هن وقت ڪنهن عمر ڪوٽ ضلعي جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيش آفيسر (ڊي سي او) آهي.

هن صاحب جو ادبي تنقيد نگاري ۾ وڏيڪ ڪم ٿيل آهي، پر پر عالمي ادب توڙي فلسفي جي حوالي سان بہ سندن مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا. سندس بہ ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۽ فلسفي جي مختصر تاريخ شايع ٿيل آهن.

## سهيل فيصل ابڙو (ولادت 1976)

هن باصلاحيت نوجوان جو تعلق هالا جي علمي ۽ ادبي گهراڻي ابڙن سان آهي. هو جيئن ئي ساڄهه وند ٿيو آهي، تيئن ادبي، سماجي ۽ تهذيبي سرگرمين ۾ جنبيل آهي. هڪ پاسي هو سٺو شاعر آهي، ته ٻئي پاسي اعليٰ درجي جو ڪمپيئر به آهي.

هن جي ولادت هالا ۾ 1 جنوري 1976 تي ٿي آهي. هن نوجوان سول انجنيئرنگ ۾ بيچلرس ڪرڻ کان پوءِ سوشيولاجي توڙي سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. چند سالن کان هو تعليم کاتي ۾ سنڌي ادب جو ليڪچرار آهي.

هو ادبي سرگرمين سان گڏ سماجي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.

## اطھر بھزاد ميمڻ (ولادت )

محترم اطھر بھزاد ميمڻ صاحب ھڪ بھترين تجزيہ ڪار ۽ مضمون نويس آھي. ھن جو شمار ھالا جي چند پڑھاڪو نوجوانن ۾ ٿئي ٿو. سندس جنم ھالا ۾ ٿيو.

پاڻ ھالا ۾ انٽر تائين پڑھيا آھن، ۽ ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪئي اٿائون. ڪجھ عرصو ھو تعليم کاتي ۾ ليڪچرر رھيا، بعد ۾ ھو پراونشل سول سروس جو امتحان پاس ڪري، سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر ٿيا.

اڄ ڪلھ ھو ضلعي حڪومت مٽياري ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر آھن. ياد رھي تہ ضلعي حڪومت مٽياري، ضلعي جي عالمن اديبن ۽ دانشورن جي ڪاوشن کي ڇپرائڻ جو ھڪ فنڊ رکيو آھي. ۽ اھو فنڊ مقرر ڪرائڻ ھن صاحب جو ئي ڪارنامو آھي.

## الله بچايو ميمڻ (ولادت 1950ع)

هالا ۾ ميمڻ صاحب جي ناموري ميمڻ يونائٽيڊ جماعت جي سرواڻ طور آهي، پر هو هڪ اعليٰ سماجي ڪارڪن ۽ ليکڪ آهي.

محترم الله بچائي ميمڻ جي ولادت هالا ۾ 1 پريل 1950ع تي ٿي. سندس ڪاليج تائين تعليم پڻ هالا ۾ ٿي. سنڌ يونيورسٽي مان بي اي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڪراچي يونيورسٽي مان صحافت ۾ ماسٽرس ڪيائون.

پاڻ هن وقت سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي ۾ اعليٰ عملدار آهن. ان کاتي جي رسالن ماهوار پيغام ۽ اظهار جا ايڊيٽر به ٿي رهيا آهن. يونائٽيڊ ميمڻ جماعت پاران چار ڪن ڪتاب شايع ڪرايا اٿن.

ماضي ۾ پاڻ سنا ڊرامہ نويس توڙي هدايتڪار به رهيا آهن. اطلاعات کاتي لاءِ ”ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ“، ”هئنڊيڪرافٽس آف سنڌ“، ”سنڌ جو آبپاشي نظام“، ”چوپايو مال ديسي معيشيت لاءِ وڏو ذريعو“ جي موضوعن تي فيچر فلمون به ٺاهيون اٿن.

## رجب علي جليس جعفري (ولادت 1943ع)

محترم جليس جعفري جي ولادت هالا ۾ بتاريخ 18 فيبروري 1943 تي ٿي. سندس ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ٿي آهي.

پاڻ ميونسپل هالا ۾ ملازم رهيا ۽ 1991ع ۾ ڊپٽي اڪائونٽنٽ جي عهدي تان ريٽائر ٿيا.

پاڻ نہ صرف سٺا شاعر آهن، پر سٺا نثر نويس بہ آهن. بحيثيت مرتب سندس تازو ڪتاب ”شان حسين“ ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن صاحب مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن جي مرثين ۽ نوحن کي سهيڙيو آهي. ان کان علاوه ”شان علي“ ۽ ”اجر رسالت“ جي نالي سان سندس ٻيون تصنيفات آهن.

## سيد نور محمد شاه ” نور المولىٰ“

سيد نور محمد شاه نور هالا پراڻا ۾ پيدا ٿيو. پر اڳتي هلي هو پهرئين ديهه پينگارو ڳوٺ پيرو ڪاڪا ۾ رهيو پوءِ وري حيدرآباد جي پرسان ڳوٺ لالولاشاري ۾ رهيو، جتي ئي سندس وصال ٿيو.

شاه صاحب فائينل تائين تعليم هالا ۾ ئي پرائي. ۽ ڪجهه وقت تعليم کاتي ۾ استاد به ٿي رهيو.

سيد نور محمد شاه ننڍپڻ کان ئي شعر، سخن ۾ طبع آزمائي ڪندو هو. اڳتي هلي بيت، مرثيه، نوحه، غزل، رباعيون، منقبتون غيره تحرير فرمايا.

سندس ڪلامن جو هڪ مجموعو ”گلدسته نوراني حصه اول“ جي نالي سان سندن هڪ معتقد مرحوم مولا بخش ولد خير محمد حسين آباد واري ڪافي سال اڳ ڇپرايو هو. ان کان علاوه سندن ٻئي مجموعي جو نالو ”گلشن نوراني“ ٻڌايو ويو آهي.

لطيف ڏي لائيٺ، دل ۾ درد عشق جي
نور محمد نورسين ناس ٿئي نائيٺ
راز تنهنجا رائيٺ پڙهي ڪريان پڌرا

## حاجي اللهّ بچايو صدر (1905-1989)

ويجهي چڪ ۾ هالا پراڻا ۾ جيڪي يگانہ شخص پيدا ٿيا آهن، انهن مان هڪ هيءُ محترم حاجي اللهّ بچايو صدر صاحب هو. سندن ولادت هالا پراڻا ۾ سال 1905ع ڌاري ٿي ۽ وصال 5 فيبروري 1989ع تي ٿيو.

هالاپراڻا ۾ هن جي ناموري جا سبب سندن خوش اخلاقي ۽ پنهنجي خاندان جي انوکي تربيت ۽ ورثاءَ جي ڪري هئي. اڄ بہ پوڙها پڪا هن جي ان هلت ۽ روش جي ساراهہ ڪندي، ان کي اپنائڻ جو صلاحون ڏين ٿا.

سندس تعليم فائينل تائين هئي. بظاهر هو پسارڪو دڪان هلائيندا هئا، پر پنهنجي پر ۾ سنا عالم ۽ اديب هئا. عربي ۽ فارسي زبان جا سنا ڄاڻو هئا. سندس بہ تصنيفات ”شهيد محبت“ ۽ ”هالا کان حرم پاڪ تائين“ اڻ ڇپيل آهن. منهنجي ذاتي راءِ ۾ پويون ڪتاب سنڌي ٻولي جي ابتدائي سفرنامن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

## ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي (ولادت 1942ع)

ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي صاحب جو تعلق هالا پراڻا جي هڪ علمي گهراڻي سان آهي. سندن ولادت هالا پراڻا ۾ تاريخ 16 مئي 1942 تي ٿي. ثانوي تعليم تائين هالا ۾ پڙهيا. اڳتي لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس پاس ڪيائون. ان کان علاوه آرمڊ فورسز ميڊيڪل ڪاليج راولپنڊي مان ايم ايس سي جي ڊگري به ورتائون.

پاڻ صحت کاتي ڪافي انتظامي عهدن تي رهيا. جهڙوڪ پاڻ حيدرآباد سول اسپتال جي ايم ايس به رهيا ۽ هليٿ ڊپارٽمينٽ ۾ ائڊيشنل سيڪريٽري به ٿي رهيا. ريٽائرمينٽ وقت هو نفسياتي مرضن جي اسپتال، حسين آباد جا سربراهه هئا.

سندس يادگيرن تي مبني ڪتاب ”ياد ايام“ سنڌي ادبي بورڊ وارن سال 2006ع ڌاري ڇپايو آهي.

## محمد رحيم مسرور دايو(ولادت 1940ع)

سائين محمد رحيم ”مسرور“ جن هالاپراڻا ۾ 7 جون 1940ع تي ڄاوا. سندن فائينل تائين تعليم هالا پراڻا ۾ ئي ٿي. ان کان پوءِ هو مدرسه محمديه اسڪول ۾ استاد ٿيا، جتي ريٽائرمينٽ تائين پڙهائيندا رهيا.

سائين مسرور انتهائي بهترين ۽ محنتي استاد رهيو آهي، جنهن وٽ نه رڳو آئون پر منهنجا سڀ ڀائر توڙي ڪزن پڙهيا آهن. مون تي سندس هڪ وڏيڪ مهرباني اها به آهي ته آئون جڏهن چوٿين درجي ۾ پهتو هوس، تڏهن منهنجي ذهانت ڏسي ڪري، مٿين آفيسرن سان ڳالهائي منهنجو ڊبل پروموشن ڪرايائين. يعني مون پرائمري پنجن سالن جي بدران چئن سالن ۾ ڪئي. ياد آهيم ته ڊبل پروموشن واسطي انٽرويو هالا جي ارباب محلا اسڪول ۾ ٿيو هو، سائين مون کي پاڻ سان وٺي ويا هئا. رستي تي به پڙهائيندا ۽ سيکاريندا رهيا.

آئون وٽن پنجون درجو پڙهيو آهيان. سائين ورهين کان پنجين درجي وارن شاگردن کي اسڪالرشپ جي امتحان جي به تياري رات جو دير تائين پڙهائي ڪرائيندو هو. ان لاءِ اجورو به نه وٺندو هو. پنهنجي وڏي عيال جي پورائي واسطي وري رات جو دير تائين ٻيڙيون ٻڌندو هو. جيتوڻيڪ هو چاهي ها ته ٽيوشن ڏيئي ڪافي پئسا ڪمائي ها، پر هن صاحب تعليم کي تجارت نه بنايو.

سائين رڳو سنا استاد نه آهن، پر سنا ليکڪ به رهيا آهن. سندن شاعري تصوف جي اثر هيٺ آهي. ڪين شعر جو شوق ۽ ذوق صوفي بزرگن جي ڪتابن ۽ ڪلام جي مطالعو ڪندي جاڳيو. سائين سنڌي ٻولي، گرامر جو ماهر رهيو آهي.

سخت پورهين ڪري، سندس صحت تي اثر پيو ۽ هو ڪافي عرصو بيمار به رهيو آهي.

تازو سائين کان پڇيم ته سندس شاعري ڪٿي آهي ته ٻڌايائين ته سندس بيماري ۾ گهروارن گم ڪري ڇڏي ۽ ڪيس هاڻي ياد به نه رهي آهي.

## سيّد مگّيلڏو شاه سبزواري ”مگّيل“ (1946-2004)

سيد مگّيلڏو شاه سبزواري ”مگّيل“ 23 جولاءِ 1946ع ۾ هالن پراڻن جي شهر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم هالا پراڻا مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ٽپيداري جو ڪورس ڪري روينيو کاتي ۾ ٽپيدار مقرر ٿيو. پر ڪجهه سالن بعد اها نوڪري ڇڏي ڏنائين. ڪجهه عرصو پورٽ قاسم اٿارٽي ڪراچي ۾ به نوڪري ڪيائين، پر اها به ڇڏي ڏنائين.

سيد مگّيل شاه صاحب غزل، مداحون، نوحہ ۽ مرثيہ ڪافي تعداد ۾ لکيا آهن.

سندن وصال 29 فيبروري 2004ع تي ٿيو.

اٿم آسرو، بي من ڪانهي واهه
ڪجان ڪريم تون ڏيئي پاند پناهه
جهڪن تنهنجي در تي ٿا بي شڪ بي پرواهه
نوري ڪر نگاهه بڪڙي مون بنائيو

## مرحوم لعل محمد لعل (1926-1961)

**محترم لعل محمد "لعل"** پنيرو هالن پراڻن ۾سال 1926ع ڏاري ڄائو ۽ 5 جون 1961ع تي وفات ڪري ويو. جيتوڻيڪ لعل صاحب جي تعليم صرف چار درجا هئي. پر هو نهايت ئي وڏو علم رکندو هو.

سنڌي ادب سان ڪيس بي حد چاهه هوندو هو. روايتن موجب ڪيس سائين لطيف جو ڪلام ڪافي تعداد ۾ ياد هو، جيڪو اڪثر ڪچهرين ۾ ٻڌائيندو هو. ڪيس ادب سان گڏ موسيقي سان به لڳاءُ هو، ۽ خاصي ڄاڻپ رکندو هو. شاعري جو فن سيد نور محمد شاه ۽ عاجز هالائي جي صحبت جي اثر هيٺ ڪيس حاصل ٿيو. اول مجاز جي مهميز به ڪاڏائين. پوءِ فقير حاجي احمد متقي هالائي جي صوفياني صحبت ۾ رهيو. اجان حقيقت ڏانهن مس قدم رکيائين ته موت ڪيس مهلت نه ڏني. سندس ڪلام ۾ صوفيانه رنگ نمايان آهي.

اچي پئي اوچتو    متي نانگ نظر
هيٺا تن جا هڏ ٿيا ڪاڏا جي ڪپر
ڪاڄڻ مهل خير    لڳيس ڪين "لال" چوي

## ميان محمد عيسيٰ ”عاجــز“ (1908-1985)

محمد عيسيٰ ”عاجز“ صاحب جي اسان وٽ ناموري مرثيہ نگار طور آهي. هي صاحب سال 1908ع ڌاري هالا تعلقي جي ڳوٺ سليم راهو ۾ پيدا ٿيو. پر ترت سندس وڏا هالا پراڻا ۾ اچي رهائش پذير ٿيا.

عاجز صاحب کي روايتن موجب 1935ع ۾ شاعري جو شوق پيدا ٿيو. ڪنهن بہ ڄاڻوءَ ۽ ماهر ڪان ڪو نڪتہ باريڪ پڇڻ ۾ عار ڪونہ ڪندو هو. اڪثر ڪري سندس نظم مذمت نفس ۽ مدح اهل بيت ۾ چيل آهن. هن جي پسند جو شاعر مرزا دبير لکنوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه هئا.

سندس معاش جو ذريعو جنديءَ جو ڪم هو ۽ ان حساب سان هو اعليٰ درجي جا ڪاريگر پڻ هئا.

سندس ڪلام هيٺين ڪتابن تي مشتمل آهي.

1. **ڪــليات عـــاجز** 2. **ڪشڪــول عـــاجز**

عاجز صاحب لسانيت تي بہ هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن جو نالو هو ”تجنيس اللغات“ سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

**قطعــہ**

جو ڏي نہ پچاري اهو ڏاتار خدا آهي
نہ عيب اگهاڙي اهو ستار خدا آهي
گر باز اچي توبہ ڪري بنده عاصي
بخشي نہ ڏڪاري اهو غفار خدا آهي

سال 1985ع ڌاري سندن وصال ٿيو.

## مخمور ميرانپوري (ولادت 1958)

ربڏني ميمڻ عرف مخمور ميرانپوري جو جنم هالا تعلقي جي ڳوٺ ميرانپور ۾ بتاريخ 15 جولاءِ 1958ع تي ٿيو. هن صاحب ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ورتي آهي.

اسي ۽ نوي ڏهاڪي ۾ هالا جي تر ۾ ٿيندڙ مشاعرن جو هو روح روان هو. سندس هڪ شعري مجموعو ”ڏنڏلا عڪس“ شايع ٿيل آهي.

پاڻ هن وقت شاعري ڪان پاسيرو آهي ۽ پورٽ قاسم اٿارٽي ۾ آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

## منير هالائي (ولادت 19961ع)

منهنجي مهربان جناب منير احمد شيخ المعروف منير هالائي جو جنم پهرئين جنوري 1961ع تي هالا پراڻا ۾ ٿيو.

پاڻ سال 1981ع ڌاري گل پبليڪشين جو بنياد وجهي ”ساه ڏيندا سين سڌ تي“ نالي وارو ڪتاب شايع ڪيائين. ان کان اڳ هو صداءِ وطن پبلڪيشن جي رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا هئا. ياد رهي شيخ صاحب ئي شروعات ۾ عرفان مهدي جي ڪتاب ڇپائي يا ايڊيٽنگ ۾ رهنمائي ڪئي هئي. اها ساڳي مهرباني هن محترم خالد صدر ۽ محترم فضل قادر ميمڻ سان ڪئي، جن به پنهنجا اشاعتي ادار قائم ڪري ڪتاب ڇپرايا هئا.

پاڻ شاگردي واري زماني جي شروع ۾ شاعري به ڪندا رهيا ۽ بزم طالب المولىٰ هالا پراڻا جا باني سيڪريٽري تي رهيا.

سندس ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي. انٽر ڪرڻ کان پوءِ مهراڻ يونيورسٽي مان مڪنيڪل انجنيئرنگ ۾ بي اِي جي ڊگري ورتائون. ان بعد هن صاحب سنڌ يونيورسٽي مان ايم بي اي به ڪئي آهي.

نوڪري جي سسلي ۾ پهريائين پاڻ مهراڻ يونيورسٽي ۾ ليڪچرر رهيا، پوءِ هڪ سرڪاري بئنڪ ۾ ڪم ڪيائون ۽ اڄ ڪلهه هو مهراڻ يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر فنانس آهن.

باوجود سرڪاري مصروفيتن هوندي به هو اڄ تائين ڪافي ادارن جهڙوڪ علامه اقبال يونيورسٽي، آءِ بي اي ڪراچي، سنڌ يونيورسٽي وغيره ۾ وزيٽنگ فئڪلٽي طور ڪم ڪري استادي پيش سان پنهنجو تعلق نڀائيندا اچن.

## عاشق هالائي (ولادت 1961ع)

محترم عاشق حسين ميمڻ جن جو جنم هالا پراڻا ۾ تاريخ 29 جولاءِ 1961ع تي ٿيو. هن جي ڪاليج تائين هالا ۾ ٿي. ان بعد مهراڻ يونيورسٽي مان پاڻ مڪينڪل انجيئرنگ ۾ بيچلرس جي ڊگري ورتي. ڪافي سالن کان انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

پنهنجي شاگردي واري زماني ۾ هو ادبي ميدان ۾ انتهائي سرگرم هئا. هو سريلا شاعر آهن. هن وقت سندس ڪيترائي ڪلام تعمير حسين، ضامن علي، شمن علي ميراڻي، شهنيلا علي ۽ امبر مهڪ وارن پنهنجي وڊيوز ڳايا آهن، ۽ اهي ڪي ٽي اين، ڪشش ۽ مهراڻ ٽي وي تي هلي رهيا آهن.

محترم عاشق هالائي صاحب جن بزم طالب المولیٰ هالا پراڻا شاخ جا باني عهديدار رهيا آهن.

اڄ ڪلهه هو حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهن. سندس شعري مجموعو تياري هيٺ آهي.

## ڪوثر هالائي (ولادت 1971)

ڪوثر حسين پنھيرو المعروف ”ڪوثر هالائي“ هالا پراڻا ۾ 11 اپريل 1971ع تي نامور شاعر ۽ نثر نويس سوز هالائي صاحب جي گھر ۾ ڄائو.

ڪوثر صاحب جي ابتدائي ۽ ثانوي تعليم هالا پراڻا ۾ ٿي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان بي اي ڪئي اٿن ۽ هن وقت لوڪل گورنمينٽ جي کاتي ۾ ملازم آهن.

ڪوثر پنھنجي والد صاحب جي پيروي ڪندي شاعر ضرور ٿيو آهي، پر شاعري ۾ هن جو لهجو پنھنجو آهي. ۽ هن جيتوڻيڪ سڀني صنفن تي لکيو آهي، پر هن جو وڏيڪ رجحان وائي طرف آهي. پاڻ سٺو نثر نگار بہ آهي.

## جاويد سوز هالائي (ولادت 1978ع)

جاويد حسين پنهور صاحب بہ محترم سوز هالائي جن جو فرزند آهي. جاويد صاحب هالا پراڻا ۾ 1 مارچ 1978ع تي پيدا ٿيو. هن پڻ والد صاحب جي پيروي ڪندي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ پير پاتو آهي. هيءُ نہ رڳو شاعر آهي، پر ساڳئي وقت نثر نويس بہ آهي.

سندس ڪاليج تائين تعليم جو سلسلو هالا ۾ رهيو ان بعد هن سنڌ يونيورسٽي مان سوشيولاجي ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. اڄ ڪلهہ سائوٿ ايشيا پارٽنر شپ نالي واري ڪنهن غير سرڪاري تنظيم ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ان کان اڳ هو ڪافي ٻين اين جي اوز توڙي اخبارن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي.

هيل تائين سندس اردو ۾ نوحن جو مجموعو شايع ٿيو آهي، ۽ شاعري جو هڪ مجموعو ڇپائي لاءِ تيار آهي.

## احمد ڪوري (ولادت 1946ع)

هالا رڳو غزل گو شاعر نہ پيدا ڪيا آهن، پر هن ٻين صنفن جا بي مثال شاعر بہ پنهنجي هنج ۾ سنڀاليا آهن.

محترم احمد ولد محمد صديق ڪوري صاحب بنيادي طرح مرثيہ گو شاعر آهي. هن جو جنم هالاپراڻا ۾ سال 1946ع ڌاري ٿيو.

هن صاحب هيسيتائين 50 کن مرثيہ لکيا آهن. ان کان علاوه سلام، نعتون، منقبتون، نوحہ وغيره بہ ڪافي تعداد ۾ لکيا اٿن.

## مولوي حاجي احمد سنائي (ولادت 1974ع)

محترم حاجي احمد سنائي هالا پراڻا ۾ 2 ماچ 1974 تي تولد ٿيو. هو مئٽرڪ تائين هالا پراڻا ۾ پڙهيو آهي. ان کانپوءِ دارالعلوم حسينيه شهدادپور ۽ دارالعلوم فاروقيه ڪراچي ۾ پڙهيو، جتان شهادت عالميه جي ڊگري ورتي اٿائين.

هن وقت هو دارالعلوم اسلاميه هالا ۾ استاد طور فرائض سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

پاڻ ڪتب بيني ۽ لکپڙهه سان وڏيڪ شوق رکن ٿا. هن وقت تائين سندن ٻه تصنيفات ”امان فاطمه ﷞“ ۽ ”مني محمد ﷺ جا ماڻڪ موتي“ شايع ٿي چڪيون آهن ۽ ” مقام صحابيه“ ۽ ”شهيد ڪربلا“ ۽ ٻه ٻيون تصنيفات ڇپائي هيٺ آهن.

## عطا محمد صدر (ولادت 1952ع)

سائين عطا محمد صدر جو جنم هالا پراڻا جي علمي ۽ مذهبي گهراڻي ۾ 12 جنوري 1952ع تي ٿيو آهي. سندن ڪاليج تائين هالا ۾ ٿي آهي. پاڻ ايم اي ۽ ايم ايڊ آهن ۽ هن وقت تعليم ڪاتي سان لاڳاپيل آهن.

سائين جن سنو نثر نويس آهن. سندس ڪافي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي توڙي اردو ۾ شايع ٿيا آهن. "هالا پراڻا جو احوال"، "هالا کان حرم پاڪ تائين قسط ٻي" ۽ "مولانا طارق جميل جا خطبا" سندن تصنيفات جا نالا آهن.

## علي عزم شيدي (ولادت 1963ع)

جيتوڻيڪ اسانجو دوست ارباب شيدي المعرف علي ”عزم“ جائو تہ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي ۾ آهي، پر ننڍي هوندي ڪان ئي رولاڪيءَ جو شڪار آهي. ٻاورتڻ ڪان چوڪراڻي وهي تائين پٽ شاه رهيو. نوجواني ۾ ڪرم خان نظاماڻي موٽي آيو. نوڪري ملڻ ڪان پوءِ هو ڪڏهن شهدادپور، ڪڏهن سانگهڙ تہ ڪڏهن هالا پراڻا ۾ رهيو آهي. تازو هالا پراڻا کي ڇڏي، وري شهدادپور ۾ وجي رهائش پذير ٿيو آهي.

سندس جنم جي تاريخ 4 مئي 1963ع آهي. هو زرعي کاتي ۾ ملازم آهي.

عزم صاحب سني شاعر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ڊرامہ نگار توڙي اداڪار ۽ صداڪار پڻ آهي.

سندس پهريون شعري مجموعو ”تنها جيون“ 1998ع ۾ ڇپيو هو. هو ڪجھ عرصو سنڌي ادبي سنگت هالا شاخ جو سيڪريٽري ٿي رهيو آهي ۽ سندس وقت ۾ ان شاخ ڪجھ وڏا پروگرام بہ ڪرايا.

## ٻانهون خان شيخ

محترم ٻانهو خان شيخ ڀٽ شاهه ۾ ڄائو آهي. هن جي ابتدائي تعليم ڀٽ شاهه ۾ ٿي. چند سال اڳ هو روينو کاتي مان ڊپٽي ڪمشنر ٿي رٽائر ٿيا. علمي ادبي ڪيتر ۾ هن صاحب جي اهم ڪاوش لطيف سائين رسالي جي نئين سر ترتيب آهي. سندس مرتب ڪيل رسالي جا ڪجهه جلد ڇپيا آهن.

## ناز لطيفي

سيد علي بخش شاهه المعروف ناز لطيفي ڀٽ شاهه ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم بہ ڀٽ شاهه ۾ ورتائون. پاڻ پابند سنڌي شاعري جا اهم ترين شاعر آهن. سندس شاعري جو هڪ مجموعو ڇپائي هيٺ آهي.

هر سال عيد جي موقعي تي عاليشان مشاعري جو اهتمام ڪندا آهن، جن ۾ سنڌ جا اهم شاعر حصو وٺندا آهن.

ماضي ۾ لطيفي صاحب ٽائون ڪميٽي ڀٽ جا چيئرمين پڻ رهيا آهن.

## دانش جتوئي

محترم ولي محمد ”دانش“ جتوئي بنيادي طرح انفارميشن ٽيڪنالاجي جو ماڻهو آهي، پر هو هڪ سريلو شاعر به آهي.
هن ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽرس ڪئي آهي. هو صاحب نوڪري جي سلسلي ۾ اسلام آباد ۽ ايران ۾ رهي چڪو آهي.
اڄ ڪلهه هو هڪ پاسي ڀٽ شاه ۾ هڪ اسڪول ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر هلائي رهيو آهي، ته ٻئي پاسي هڪ غير سرڪاري تنظيم PEACE جو سربراهه پڻ آهي.
ياد رهي ته سندس اسڪول برٽش ڪائونسل جي ڪنهن پروجيڪٽ تحت برمنگم جي اسڪولن سان سلهاڙيل آهي. ۽ هو تازو ان سلسلي ۾ انگلينڊ جو ڦيرو لڳائي آيو آهي.
دانش صاحب ڀٽ شاه جي حوالي سان اهم ترين ويب سائيٽ به جوڙي آهي، جنهن تي شاه شائين جي شاعري به رکي ويئي آهي.

# سومار شيدي

جيتوڻيڪ هي صاحب هن ڪافي وقت روينيو ڪاتي ۾ مختيارڪار آهي، پر هو ڪامورو هئڻ جو ڏيک نہ ڏيندو آهي ۽ سدائين واسطيدارن جا ڪم ڪاريون ڪندي نظر ايندو آهي.

محترم محمد سومار جو جنم پيٿ شاه ۾ ٿيو. هو پلوڙ شاعر آهي.


## غلام شبير ڪنڀار (ولادت 1972ع)

هالا تعلقي جي ڳوٺ سيراچون ۾ ا جنوري 1972ع تي پيدا ٿيندڙ اسانجو هي نوجوان دوست غلام شبير ڪنڀار ڪافي عرصي کان هالا شهر ۾ ئي رهائش پذير آهي.

شبير صاحب ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي ٻولي جي ڦهلاءَ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن صاحب شروع واري وقت ۾ شاعري ٻہ ڪئي، پر هاڻي هن جي سڃاڻپ سنڌي زبان جا ڪمپيوٽر ۾ ڪم ايندڙ اکري نمونا يعن فانٽ ٺاهيندڙ طور آهي. هن هيل تائين 12 فانٽ ٺاهيا آهن. اهو عمل هڪ وڏو ڪارنامو آهي. يقينن سندس اها ڪاوش اسان هالا واسين لاءِ فخر جوڳي آهي. انکان علاوه درس لطيف جي نالي سان هڪ ٻي اهم ترين ويب سائيٽ ٻہ هلائي رهيو آهي.

غلام شبير جي تعليم ايم اي ۽ ايم ايڊ آهي. هو هن وقت پرائمري اسڪول ٽيچر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

# ڊاڪٽر حيدر خان نظاماڻي



هالا تعلقي جي نالياري ڳوٺ ”ڪرم خان نظاماڻي“ رڳو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ڪونہ پيدا ڪيا آهن، پر ان ڳوٺ عالم يعني اسڪالر بہ پيدا ڪيا آهن. اهڙن اسڪالرن ۾ ڊاڪٽر حيدر خان نظاماڻي نمايان آهي.

سندس ابتدائي ۽ ڪاليجي تعليم شايد حيدرآباد ۾ ٿي، ان بعد هن قائد اعظم يونيورسٽي مان انٽرنيشنل رليشنز ۾ ماسٽرس ڪئي.

سال 93-1992 ڌاري هن صاحب اسلام آباد جي انسٽيٽوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز ۾ ريسرچ فيلو طور ڪم ڪيو. اُن عرصي دوران هو انهيءَ اداري جي ٽماهي رسالي جرنل آف اسٽرٽيجيڪ اسٽيڊيز جو اسسٽنٽ ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو.

اڄ ڪلهہ هي صاحب ڪئناڊا جي يونيورسٽي آف برٽش ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ پڙهائي ٿو. يادي رهي پاڻ انهيءَ يونيورسٽي مان پوليٽيڪل سائنس ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي آهي.

سندس پي ايچ ڊي ٿيسز تي مشتمل ڪتاب بعنوان The Roots of Rhetoric: Politics of Nuclear Weapons in India and Pakistan” ج نالي سان شايع ٿيل آهي.

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر هڪ پاسي ڪافي تحقيقي مقالا وغيره بہ لکيا آهن، تہ ٻئي پاسي عالمي توڙي پاڪستان اخبارن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا.

هالا تعلقي جي ڳوٺ امين لاکي ۾ هڪ شخص اهڙو پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي مختصر زندگي ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. اهو شخص آهي سيد وڏل شاه صاحب.

شاه صاحب جو جنم سال 1939ع ڌاري ٿيو. هن صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ ۽ ثانوي تعليم هالا مان حاصل ڪئي. محترم منير احمد شيخ صاحب پنهنجي والد محترم غلام رسول شيخ صاحب جي حوالي سان مونکي ٻڌايو تہ سيد وڏل شاه ۽ ڊاڪٽر اي ڪيو علوي صاحب ٻئي گڏ پڙهندا هئا ۽ پڙهائيءَ ۾ منجهن مقابلو هلندو هو، ڪڏهن سيد وڏل شاه تہ ڪڏهن علوي صاحب نمبر کڻندو هو.

شاه صاحب انٽر پري ميڊيڪل ۾ ڪئي ۽ سندن لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ٿي هئي، پر شاه صاحب جي ڪنن جي بيماري کي بهانو بنائي داخلا رد ڪئي ويئي. ان کان پوءِ هن سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيمسٽري شعبي ۾ داخلا ورتي. شاه صاحب وڌيڪ تعليم لنڊن يونيورسٽي، ٽوڪيو انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي (جپان) ۽ ٽيڪنيڪل يونيورسٽي آف ناروي مان حاصل ڪئي.

جولائي 1975 ڌاري هو تحقيقات جي سلسلي ۾ ناروي ويل هئا، جتي 17 ڊسمبر 1975 ۾ وفات ڪيائون.

ان حوالي سان ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ ڊاڪٽر صاحب کي قتل ڪيو ويو هو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي شعبي جي حوالي سان ڪافي مقالا تحرير ڪيا هئا. سنڌي زبان ۾ هن فرائيڊ جي ڪتاب جو ترجمو ڪيو هو، جيڪو "غلطين جي نفسيات" جي نالي سان سنڌ سائنس سوسائٽي شايع ڪيو هو.

# انجنيئر ڊاڪٽر عبدالقدوس علوي

هي صاحب ڊاڪٽر اي ڪيو علوي جي نالي سان مشهور آهي، پاڻ مهراڻ يونيورسٽي جا وائيس چانسلر بہ رهيا آهن. هن صاحب ئي مهراڻ يونيورسٽي ۾ پيدا ٿيل ابتري کي روڪيو ۽ ان کي سڌاري طرف موڙيو.

علوي صاحب جو ٿورو ذڪر اسان سيد وڏل شاه جي احوال ۾ ڪيو آهي. محترم منير هالائي جي خيال ۾ انهي پوري ڪلاس ۾ پڙهندڙ اڳتي هلي نامور بنيا. چون ٿا تہ مخدوم محمد امين فهيم صاحب، سائين پروفيسر غلام حسين خاصخيلي، سيد وڏل شاه، اي ڪيو علوي، مرحوم قاضي مشتاق قريشي (قاضي خادم جو وڏو پيئٽو ياءُ ۽ بيوروڪريٽ)، عبدالرؤف پٽني وغيره هڪ ٻئي جا ڪلاسي هئا. اهي سڀ اڳتي هلي پنهنجي شعبن ۾ ناليوارا شخص ٿيا آهن.

علوي صاحب جو جنم هالا ۾ ٿيو ۽ ثانوي تعليم تائين هو هالا ۾ پڙهيو. اڳتي هلي هن اين اي ڊي يونيورسٽي مان سول انجنيئرنگ ۾ بيچلرس ڪئي ۽ انهي فيلڊ ۾ پي ايچ ڊي بہ ڪئي. هو صاحب مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي.

اڄ ڪلهہ هو ڪنسلٽنٽ طور پنهنجي فرم هلائي رهيو آهي.

# پروفيسر غلام حسين خاصخيلي (ولادت 1939ع)

سائين پروفيسر غلام حسين خاصخيلي صاحب جن تعلقي هالا جي ڳوٺ نوڙهاٽيون ۾ 16 آگسٽ 1939ع تي پيدا ٿيا. پاڻ ثانوي تعليم هالا ۾ حاصل ڪيائون. اڳتي هلي 1963ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان اڪانامڪس ۾ ماسٽرس ڊگري ورتائون. جنوري 1973ع ۾ اسٽرئٿڪلائيڊ يونيورسٽي، گلاسگو مان اقتصاديات ۾ ايم ايس سي (ريسرچ) جي ڊگري حاصل ڪيائون.

ترت ئي پاڻ سچل ڪامرس ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا، جتان بعد ۾ کين سچل آرٽس ڪاليج ۾ بدلي ڪيو. سال 1965ع ڌاري کين سنڌ يونيورسٽي جي ڪامرس ڊپارٽمينٽ ۾ مقرر ڪيو ويو. سال ڪان پوءِ کين اقتصاديات واري شعبي ۾ مقرر ڪيو. جتي پاڻ رٽائرمينٽ تائين خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. ياد رهي ته سائين خاصخلي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي سوشل سائنسز فيڪلٽي جو پهريون ڊين به ٿي رهيا. بهرحال هن وقت به هو سنڌ ڊولپمينٽ اسٽڊيز سينٽر ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيا آهن.

سائين نه صرف بهترين استاد آهي، پر اقتصاديات جي موضوع تي ڪافي تحقيقي مقالن ۽ ڪتابن جو ليکڪ به آهي. ڪافي سال اڳ پاڻ بين الاقوامي اقتصاديات تي انگريزي ۾ ڪتاب لکيو هو، جيڪو پوءِ پاڻ سنڌي ۾ به منتقل ڪيائون.

تازو پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي پاران خاصخيلي صاحب جو پاڪستان جي صوبن ۽ وفاق جي مالي رشتن تي لکيل بهترين ڪتاب بعنوان "Genesis of Fiscal Relations in Pakistan: A Critique in International and historical Perspective." شايع ٿيو آهي.

سائين خاصخيلي صاحب ڊگهي عرصي کان ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جي شاگردن جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي، جن اهي ڊگريون حاصل ڪيون.

## ڊاڪٽر ممتاز شاهه بخاري (ولادت 1947ع)

هالا جو هي نامور تعليمي ماهر ۽ اديب تاريخ 4 اپريل، 1947ع تي هالا ۾ پيدا ٿيو. سندن انٽر تائين تعليم هالا ۾ ٿي. پاڻ ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪيائون ۽ اڳتي هلي ڪري سنڌ مدرسة الاسلام جي حوالي سان پي ايچ ڊي بہ ڪيائون.

پاڻ ڪافي سارا نصابي ڪتاب لکيا اٿئون. ان ڪان علاوه هنن جا علمي ادبي مضمون بہ رسالن ۽ اخبارن شايع ٿيندا رهيا آهن.

تازو هو تعليم کاتي مان پرنسپال طور ريٽائر ٿيا آهن.

## ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي (ولادت 1938ع)

سٺ وارو ڏهاڪو هالا جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ هڪ سونهري زمانو هو ۽ انوقت هالا جو ادبي آسمان پوري نموني روشن هو. ان روشن آسمان ۾ ٽمڪندڙ هڪ ستارو ڊاڪٽر عبد الرحمان قريشي صاحب بہ هو.

قريشي صاحب هالا شهر ۾ 6 مارچ 1938ع ڌاري پيدا ٿيو. ۽ هالا ۾ ئي سنڌن ڪاليج تائين تعليم جو سلسلو رهيو. ان ڪان پوءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪيائون. اڳتي هلي ڪري هنن سروري خاندان ۽ علمي ادبي خدمتن واري موضوع تي پي ايچ ڊي ڪئي.

پاڻ ڪافي سارا علمي ۽ تحقيقي مقالا لکيا اٿن. اڄ ڪلهہ هو حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهن.

## پروفيسر محمد امين ڀٽي (1914-1999)

هي صاحب هڪ بئي ليکڪ ۽ تعليمي ماهر مخدوم محمد صالح ڀٽي جو پٽ آهي. هيءُ هالا پراڻا ۾ تاريخ 1 آڪٽوبر 1914ع تي ڄائو. سندس ابتدائي تعليم هالا پراڻا ۾ ٿي. مئٽرڪ کان پوءِ هن صاحب کي پوني جي زرعي ڪاليج ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ اماڻيو ويو. جتان ڊگري وٺي هتي آيو.

هي صاحب ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪاليج جيڪو هاڻي سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي بڻجي ويو آهي، جو پرنسپال ٿي رهيو آهي. هن صاحب جو ان اداري جي واڌ ويجهه ۾ ڀرپور حصو رهيو آهي.

ڀٽي صاحب پنهنجي شعبي جي حوالي سان مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. سنڌي زبان ۾ ڪپهه جي ڪهاڻي جي نالي سان هڪ ڪتابچو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو وارن ڪافي عرصو اڳ شايع ڪيو هو.

هن جو وصال تاريخ 2 نومبر 1990ع تي ٽنڊو ڄام ۾ ٿيو.

## ڊاڪٽر انجنيئر الطاف ميمڻ

انجنئير ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جن هن وقت آمريڪا جي تعليمي اداري ۾ ڊين طور ڪم ڪري رهيا آهن ۽ آمريڪا ۾ رهائش پذير آهن. پاڻ هالا ۾ پيدا ٿيا ۽ سندس ابتدائي ڪان وني ثانوي تعليم هالا ۾ ٿي. پاڻ سول انجنيئرنگ ۾ بي اي جي ڊگري ورتائون. ان ڪان پوءِ پي ايچ ڊي آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽي مان ورتائون.

محترم الطاف شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب ”نيو هالا ڪان نيويارڪ تائين“ ۾ سندس ڪافي ذڪر فرمايو آهي.

# ڊاڪٽر پروفيسر عبدالرزاق ميمڻ

دائود انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي جولڳاتار اٺ سال پرنسپال رهندڙ ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ هالا ۾ ڄائو آهي، جتي ئي هن صاحب پنهنجي ابتدائي توڙي ثانوي تعليم حاصل ڪئي آهي.

پاڻ اليڪٽرانڪس جي شعبي ۾ بيچلر ۽ ماسٽر ڊگري جاپان مان حاصل ڪيائون ۽ پي ايچ ڊي آمريڪا مان ورتائين.

وطن واپسي بعد هو پاڪستان ايئر فورس ۾ اچي شامل ٿيو. جتي بطور اسڪئاڊرن ليڊر ۽ چيف آف ايوانڪس جي، هن ايف 16 جهازن جي اليڪٽرانڪس پائيلٽن کي سيکاري.

ان بعد پاڻ دائود ڪاليج آف انجنيئرنگ ۾ اليڪٽرانڪس شعبي جي چيئرمين طور شامل ٿيو. جتي پاڻ اٺ سال چيئرمين رهيا. سندس دور اندر ۾ جيڪي گريجوئيٽ ٿيا، ان مان 32 گريجوئيٽ اجا بہ ناسا، آمريڪا ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. پاڻ انهيءَ ڪاليج جا وري اٺ سال پرنسپال ٿي رهيا.

جيتوڻيڪ اسان وٽ ريسرچ جو رواج ڪونهي، ۽ ريسرچ ڪندڙ جڏهن انتظامي عهدن تي پهچندا آهن تہ پوءِ ريسرچ کان پاسو ڪندا آهن. پر ميمڻ صاحب ان جي ابتڙ اڄ بہ ريسرچ ۾ لڳو پيو آهي.

هن وقت هو بلوچستان جي هڪ يونيورسٽي ۾ ڪمپيوٽر ۽ امرجنگ سائنسز جو چيئرمين آهي، ۽ ان حيثيت ۾ هو متبادل توانائي جي ذريعن جي منصوبن جهڙوڪ پهاڙي لاهين جي ٽنيل مان نڪرندڙ هوا ذريعي بجلي پيدا ڪرڻ، سامونڊي ڪنارن تي سامونڊي پاڻيءَ کي پيئڻ لائق بنائڻ، سج ۽ ونڊ بجلي ذريعي، ٻهراڙين ۽ دور دراز علائقن ۾ بجلي پهچائڻ جهڙن منصوبن سان لاڳاپيل آهي.

هن وقت سندس ڪوجنا جو مکيہ مضمون آهي ”هڪ اهڙي ڳتيل نظام جو قيام“ جنهن جي وسيلي اڳواٽ ئي زلزن جهڙن قدرتي آفتن جو اندازو لڳائي سگهجي تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ نقصان ٿئي.

انهن موضوعن تي تحقيقي مقالن کان علاوه عام ماڻهن جي رهنمائي واسطي سندس مضمون انگريزي اخبارن توڙي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

هالا جا ڪجهه انجنيئر دوست اڪثر اهو ذڪر ڪندا آهن ته قائدعوام انجنيئرنگ يونيورسٽي (اڳوڻي مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج) نوابشاه جو هڪ استاد نه صرف پنهنجي فيلڊ پر مڙني انجنيئرنگ شعبن جو اعليٰ ڄاڻو آهي. هو اڪثر شاگرد توڙي ساٿي استادن ڪي تحقيق توڙي تحقيقي مقالا لکڻ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. ڪن ته اهو پئي هلايو آهي ته هو ڪن ساٿي استادن سان ايتري ونگار وهيو آهي، جو ڪين مڪمل ٿيسز لکي ڏنا اٿس. اها ڳالهه لازمن وڌاءُ آهي. پر اهو شخص واقعي به جينئس آهي. ۽ اهو جينئس شخص آهي ڊاڪٽر محمود ميمڻ.

ڊاڪٽر صاحب هالا ۾ ڄائو. سندس ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ٿي. ان ڪانپوءِ هن اين اي ڊي يونيورسٽي مان سول انجنيئرنگ ۾ بي اي ڪئي. جلدي هن مهراڻ يونيورسٽي جوائن ڪئي. ٿوري وقت ڪانپوءِ انگلنڊ ويو، جتان پي ايچ ڊي ڪري موٽيو.

هو هن وقت سول انجنيئرنگ جو پروفيسر آهي، پر ساڳئي قائدعوام يونيورسٽي ۾ ڪمپيوٽر جو شعبو قائم ڪرڻ ۾ هن جو اهم رول آهي. هو ڊين طور به ڪم ڪندو رهيو آهي.

# پروفيسر انجنيئر اختر خالد پٺي(ولادت 1937ع)

محترم اختر خالد پٺي پنهجي سر ڄائو ۽ نپنو حيدرآباد ۾ آهي، پر جيئن تہ ان جا والدين ۽ ٻيا وڏڙا هالا پراڻا ۾ رهيا آهن، تنهن ڪري هن صاحب کي اسان هالن جو ڪري ڳڻيون ٿا.

پٺي صاحب جي خاندان کي هالا پراڻا ۾ خليفہ پٺي طور سڃاتو وڃي ٿو. پٺي صاحب مهراڻ يونيورسٽي ۾ سول انجيئرنگ ۾ ڊگري ورتي ۽ اتي ئي استاد ٿيو، ۽ پروفيسر طور اتان ئي ريٽائر ٿيا.

منهنجي عزيز فتح محمد سنائي کي وٽس پڙهڻ جو موقعو مليو آهي. هو سدائين سندس پڙهائي ۽ ڄاڻ جي تعريف ڪندو آهي. ڪافي سال اڳ فتح محمد مون کي سائين جا ماحوليات ۽ روڊ سيفٽي جي حوالي سان لکيل ڪجھ مضمون پڙهڻ ڏنا هئا.

پٺي صاحب پنهنجي شعبي جي حوالي سان اڻ ڳڻيا مقالا تحرير ڪيا آهن، جيڪي ملڪي توڙي غير ملڪي رسالن ۾ شايع ٿيا. ان کان علاوه هن صاحب پنهنجي گهرواري محترم گل جنت جي سهڪار سان قران ۽ انساني حقن جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن کي عالمي پذيرائي بہ ملي آهي. سندن عزيز مخدوم آفتاب پٺي مون کي ٻڌايو آهي تہ هن پاڻ اختر خالد صاحب بہ انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ڇپيل صورت ۾ ڏنا آهن.

پٺي صاحب جن اڄ ڪلھ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهن.

## پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ

هالا جو هيءُ نامور تعليمدان هالا ۾ ڄائو. سندن ابتدائي تعليم هالا ۾ ٿي. اڳتي هلي هنن اليڪٽرانڪس ۾ ايم ايس سي ڪئي. هنن ساڳئي شعبي ۾ ٻاهران پي ايڇ ڊي بہ ڪئي آهي. سندن زندگي جو وڏو عرصو مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهائيندي گذريو.

پاڻ ڪافي سالن تائين مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي جا وائيس چانسلر ٿي رهيا آهن. اهو محترم اي ڪيو علوي ۽ هنن جي محنتن جو ثمر آهي، جو اڄ ڪلهہ مهراڻ يونيورسٽي جي عالمي حيثيت ٺهيل آهي.

پاڻ پنهجي شعبي ۾ ڪافي سارا مقالا لکيا اٿن ۽ ان کان ”ڪمپيو پيڊيا“ ۽ ”ائناٽامي آف ڪمپيوٽر“ نالي وارن ڪتابن جا شريڪ ليکڪ بہ آهن.

## پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرزاق ابڙو

هي صاحب چند سال اڳ روڊ حادثي ۾ وصال ڪري ويو آهي. هو انوقت سنڌ يونيورسٽي ۾ جيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر هو. هن صاحب سابق سويٽ يونين ۾ پي ايچ ڪئي هئي.

مرحوم ڪجھ عرصو هاءِ اسڪول ۾ بہ استاد ٿي رهيو. هن صاحب پنهنجي شعبي جي حوالي سان ڪافي مضمون تحرير ڪيا آهن.

## ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر

هي صاحب هالا تعلقي جي ڳوٺ درياءُ خان ٽالپر ۾ پيدا ٿيو. سندس ابتدائي تعليم سندس ڳوٺ ۾ ٿي ۽ ثانوي تعليم هالا ۾ ٿي.

پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي ايجوڪيشن فئڪلٽي ۾ پروفيسر ٿي رهيا آهن. سندس هڪ ڪتاب سنڌ جا اسلامي درسگاه بہ شايع ٿي چڪو آهي.

هي صاحب هالا ۾ ڄائو آهي ۽ ڪاليج تائين تعليم هالا ۾ ورتي اٿائين. ان ڪان پوءِ مهراڻ ڪاليج مان اليڪٽريڪل انجيئرنگ جي ڊگري ورتي آهي. اڳتي هلي هن صاحب ٻاهران پي ايچ ڊي بہ ڪئي آهي. هن وقت هو مهراڻ يونيورسٽي ۾ اليڪٽريڪل شعبي ۾ پروفيسر آهن.
پنهنجي شعبي جي حوالي سان ڪافي مقالا تحرير ڪري چڪا آهن.

# ڊاڪٽر انجنيئر عبدالحميد ميمڻ

ڊاڪٽر حميد ميمڻ صاحب هالا ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ هالا ۾ ئي ڪاليج تائين پڙهيو آهي. هن صاحب مڪينڪل شعبي ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي آهي. هن وقت قائد عوام يونيورسٽي نوابشاهه ۾ پروفيسر آهن.

هن صاحب پنهنجي فيلڊ ۾ ڪافي سارا مقالا تحرير ڪيا آهن.

هي صاحب هالا جو رهواسي آهي ۽ هن وقت قائد عوام يونيورسٽي ۾ سول شعبي ۾ پروفيسر آهي. هن سول انجنيئرنگ ۾ بي اي ۽ ايم فل مهراڻ يونيورسٽي مان ڪئي آهي ۽ تازو هو ملائيشيا مان پي ايچ ڊي ڪري موٽيو آهي.

هن صاحب پنهنجي فيلڊ ۾ ڪافي تحقيقي پيپر لکيا آهن، جيڪي ملڪي توڙي غير ملڪي رسالن ۾ شايع ٿيا آهن.

ميمڻ صاحب جي ڪاليج تائين هالا ۾ ئي ٿي آهي.

# ڊاڪٽر انجنيئر زبير احمد ميمڻ

هي نوجوان ٻہ هالا جو رهواسي آهي ۽ تازو ئي ملائيشيا مان انجنيئرنگ جي فيلڊ ۾ پي ايچ ڪري موٽيو آهي. هي صاحب مهراڻ يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

هن جي ڪاليج تائين هالا ۾ ٿي آهي. ان ڪانپوءِ هن مهراڻ يونيورسٽي مان بيچلرس جي ڊگري حاصل ڪئي. اتي ئي ڪيس ليڪچرار طور مقرر ڪيو ويو.

## مددي مضمون ۽ ڪتاب


1. در ناياب عرف ياد رفتگان از طالب الموليٰ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1994ع.
2. سنڌ جي واقعاتي تاريخ (570-1990)، از مخدوم جميل الزمان، طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا، 1999ع.
3. تذڪره مخدومان هالا (1790-1944)، از مخدوم جميل الزمان، طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا، 2001ع.
4. هالا جون ادبي ۽ سماجي شخصيتون از سهيل فيصل ابڙو، 2000ع. (اڻ ڇپيل)
5. تسبيح محبت از خليفو محمد اختر هالائي، سنڌي ادبي بورڊ ، ڄامشورو.
6. ماهوار پيغام، ڪراچي جو حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور ره نمبر (مئي جن 1991ع)
7. مهراڻ شاعر نمبر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1990.
8. ماهوار امرتا، حيدرآباد ڊسمبر 2007.